ٻارن جون آکاٹيون

الطاف شيخ

ٻـارن جون آکاڻيون

ٻارن جون آکاڻيون

(جپان جون)

سنڌيڪار: الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1998ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ستيتاليهون

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ	القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
پهريون ايڊيشن	نومبر 1983ع
ٻيو ايڊيشن	آڪٽوبر 1998ع
قيمت	-/60 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

BARAN JOON AAKHANIYOON- JAPAN JOON (A selection of folk tales of Japan) Collected and Translated by ALTAF SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition November 1983. Second Edition October 1998. Price Per Copy Rs. 60/-
Book No. 47

نيو فيلڊس طرفان الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1- انامِيڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي ڳهت
4- وايون وڻجارن جون
5- سي ٻيڙيون رڪيون ٻاجهه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سمونڊ جي ساٿيھ
8- بندر بازاريون
9- سمونڊ جي سيوين
10- سي ٿي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون ڪيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- ڇا جو ديس، ڇا جو وديس
15- جاني ته جهاز ۾
16- جپان جن جي جيءَ سان
17- ڳالهيون تنهنجي جپان جون
18- خدا ڏي خط
19- جپان رس
20- سانباهو سمنڊ جو
21- موج نه سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لنڊن تائين لفٽ
25- ٻارن جون آکاڻيون
26- مس سدا بهار چنبيلي
27- مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪجهه ڪوھ
30- ماسٽر هريامر جو بئنڪاڪ وڃڻ
31- ونگيءَ منجهه درياھ
32- ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون
33- جت جَرَ وهي ٿو جال
34- ٻادين جي اندلٹ
35- ڳالهيون آهن ڳُجھ
36- اي جرني ٽو ٿائلينڊ
37- سوزيءَ سان پيار
38- *Proverbs of Far- East*
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي ٿي جامر
43- ڪراچي کان ڪوپن هيگن
44- ارائونڊ دي ورلڊ
45- رني آهي گهوٽ سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون

فهرست

ٻارن جون آکاڻيون

1. **انتساب** - شوڪت جماڻي نالي - الطاف شيخ 9
2. **سنڌي ساهت ۾ ٻار** - اعجاز قريشي 19
3. اجنبي نوجوان 22
4. ڳائڻ وارو ڪڇون 28
5. پولڙو ۽ باز 36
6. توڪو تارو - ساهه ڪٽندڙ ڳڏو 42
7. راهب جو انصاف 50
8. عجيب سوڪڙيون 54
9. وڏي ۾ وڏي آکاڻي 58
10. شينهڻ جي روپ ۾ عورت 62
11. ٻار ڪائڻ واري ڇوڪري 68
12. تارن جي شهزادي 71
13. جهان جو سڀ کان طاقتور پهلوان 77
14. سبورو ۽ بامر مڇي 81
15. سڃاڻ پوڙهو 86
16. چالاڪ ڪاريگر 90
17. پوڙهو ۽ لومڙي 92
18. نچندڙ مانيون 97
19. لوهي ٽوپلو 101
20. سَهي جي توبهه 106

21. هنداڻن جو واپاري 111
22. اڱارن جو سون 117
23. چنڊ جو پوڙهو 123
24. شهزاديءَ جي قرباني 127
25. پاڻيءَ جو يوت 132
26. ماڻهو ۽ ٻلي 136
27. راڻين جا مقبرا 141
28. مهاڻن جي جنگ 147
29. شهزاديءَ جي ڳولا 152
30. ڪڪن جي ٽوپلي جو عبادت گهر 157
31. سون چاندي 162

انتساب

شوڪت جماڻي نالي



شوڪت جماڻي پنهنجي زال ناهيد ۽ ٻن ٻارن:
شهزاد ۽ سورٺ سان گڏ (1984ع)



منهنجي آلبم مان ڪنيل شوڪت جماڻي جي تصوير
جڏهن اسان ڪئڊٽ ڪاليج ۾ آيا هئاسين (1958ع)

شوڪت جماڻيءَ سان منهنجي چڱي طرح ملاقات ڪئڊٽ ڪاليج ۾ پهچڻ سان ٻئي ڏينهن ئي ٿي. هو خيرپور ڪان آيو هو ۽ آئون هالا ڪان. ٽيون درجو (ستون ڪلاس) ڳوٺان پڙهي انهن ۾ داخلا ورتي هئيسين. تن ڏينهن ۾ اڃان پيٽارو ۾ ڪئڊٽ ڪاليج جي عمارت ٺهي نہ هئي (بلڪ سال ڏيڍ بعد ان جو بنيادي پٿر رکيو ويو ۽ پوءِ مئٽرڪ ڪلاس ڪان پيٽارو ۾ اچي پڙهياسين.) تيسين عارضي طرح ميرپورخاص ۾ پڙهياسين. اسان ڪان سينئر فقط هڪ ڪلاس هو جنهن ۾ ٻاويهہ ڪئڊٽ هئا جيڪي اسان ڪان سال کن اڳ آيا هئا. انهن مان ڪجهہ اهم شخصيتون جيڪي اڄڪلهہ حيدرآباد ڪراچي ۾ نظر اچن ٿيون: سيوهڻ جو ڪموڊور زين العابدين شاهہ، حيدرآباد جو ڪئپٽن سڪندر بخت (بادشاهہ) انصاري، ميرپورخاص جو خالد لطيف آرائين، ميجر مسرور بيگ، مرزا بشير چاند (واپڊا جو S.E)، ٽنڊو قيصر جو نور احمد نظاماڻي، حيدرآباد جو شبير لغاري (ٽيليفون کاتي ۾ آهي)، ڊاڪٽر رضا شيخ (ڏندن وارو ڊاڪٽر)، رميش ڪمار پيرواڻي (جنهن جو ڪٽ نمبر هڪ هو) وغيره هئا. ٻہ تمام نيڪ انسان ۽ روم ميٽ شفيق الرحمان چنا (هالا جي پرنسپال محبوب علي چنا جو فرزند) ۽ نصير قاضي انجنيئر ڪجهہ سال اڳ اسان ڪان هميشه لاءِ جدا ٿي ويا. سنڌن ٽيون روم ميٽ هوندو هو مصباح الحق ميمڻ (سنڌ جي مشهور اديب ۽ دانشور سراج الحق ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جو پاءُ) جيڪو ڪافي عرصي کان آمريڪا ۾ آهي.

اسان ٻي ٻئچ جا ويهارو کن ڪئڊٽ منجهند ڌاري پهتا هئاسين. ٻئي ڏينهن صبح جو اسان کي پريڊ سيکاري وئي ۽ ان ئي ڏينهن جن کي شام جو سزا لاءِ سڏايو ويو انهن ۾ هڪ آئون هوس ٻيو شوڪت جماڻي. اسان جو ڏوهہ: (1) اسان کي پريڊ (ڊرل) نٿي آئي. ٻين سان

قدم نٿي مليو. (2) اٽينشن ۾ بيهڻ وقت ٻه اسان چرپر پئي ڪئي. ان وقت حوالدار جي رڙ تي شوڪت پنهنجي بچاءَ ۾ چيو تہ هن جي ڪن تي مک ٿي اچيو وهي. جواب ۾ حوالدار صاحب رڙ ڪري بلڪ تمام وڏي رڙ ڪري چيو: ”مکھي بيٹھے چاھے مکھا بيٹھے ، ھلنا نھين ھے.“ حوالدار جي اها رڙ اج بہ ياد اٿئون ۽ اج چاليھ سالن بعد بہ محفلن ۾ اها ڳالھ ياد ڪري کلندا آهيون. (3) حوالدار ڪي شوڪت ۽ مون حوالدار صاحب چوڻ بدران جمعدار چيو هو. (جنهن ڏوهہ تي اسان کي ڪيترائي ڏينهن تعجب رهيو تہ ان ۾ ڪهڙي ڳالھ آهي جو اسان وٽ ڳوٺن ۾ تہ صوبيدار ۽ جمعدار وڏي شيءِ آهن. پر پوءِ خبر پئي تہ اسان سنڌيءَ ۾ پوليس جي عملدار کي جمعدار چئون ٿا پر اڙدو ۾ يا فوج جي زبان ۾ جمعدار ڀنگيءَ کي چيو وڃي ٿو). ۽ (4) اسان جو ڏوهہ اهو هو جو اسين ٻئي جڻا پريڊ تي پتلون پائي اچڻ بدران سٿڻ پائي آيا هئاسين. منهنجي لنڊي مرين ٽائين سٿڻ کي تہ ڏسي حوالدار چيو: ”کيا نماز پڑھنے آئے ھو؟“

شوڪت ۽ مونکي اها سڄي شام اسان جي سينئر ڪئڊٽ مسرور بيگ پريڊ سيکاري. اج بہ مسرور جي ڳالھ نڪرندي آهي تہ شوڪت چوندو آهي: ”ياد اٿئي پاڻ کي مسرور پريڊ سيکاري.“ بهرحال هڪ ڏينهن ۾ پريڊ سکياسين يا نہ پر پريڊ جي وچ وچ ۾ مسرور جيڪا اسان کي ساهي پٽائيندو رهيو ان ۾ شوڪت ۽ آئون هڪ ٻئي کان تفصيلي خبرون وٺندا رهياسين ۽ سنا دوست ٿي وياسين. اسانجا ڪمرا بہ گڏ گڏ هئا شوڪت جو روم ميٽ رفيع ڪاچيلو (ڪاچيلو فروٽ فارم جو مالڪ ۽ جام صادق جي حڪومت ۾ وزير) هو ۽ ٻيو مرحوم تاج بگٽي (انڪم ٽئڪس جي ڊپٽي ڪمشنر اڪبر بگٽي جو وڏو ڀاءُ). منهنجا روم ميٽ هئا. ڪمانڊر نجم انصاري ۽ ٻڍاپور جو وزير شورو ــ چاچي دائود شوري جو پٽ ۽ رمضان شوري صاحب جو ڀائيٽيو.

ڪلاس ميٽ ۽ پر واري روم ۾ هجڻ کان علاوه شوڪت سان منهنجي وڌيڪ ويجهڙائي ان ڪري بہ ٿي تہ موڪلن ۾ اسان هڪ ٻئي جي ڳوٺن ۾ گهمڻ لاءِ ويندا هئاسين. منهنجي والد صاحب جي نوڪري خيرپور ۾ هئي ۽ سٻندن آفيس شوڪت جي گهر ڀرسان هئي. انهن ڏينهن ۾ اسان مئٽرڪ ڪلاس ۾ آيا هئاسين يا شايد پري مئٽرڪ ۾. شوڪت جو وڏو ڀاءُ محمد علي (جنهن کي گهر ۾ نصير بہ چوندا هئا ۽ بعد ۾

هن تي اسان 'ملان' نالو پڻ رکيو) انهن ڏينهن کان انگلنڊ ۾ وڃي رهيو ۽ اڄ ڏينهن تائين اتي آهي ۽ مانچسٽر يا لورپول جڏهن بہ اسان جي جهاز جو وڃڻ ٿيو ٿي تہ هن وٽ ٿي رهاسين ٿي. ادي امير شايد نصير کان وڏي آهي سندس انهن ڏينهن ۾ لعل جوڻيجي سان شادي ٿي هئي. (1960ع ڌاري). ادي امير جو تن ڏينهن ۾ تہ ممتاز نالو هو پوءِ خبر ناهي سندس گهوٽ لعل يا ماءُ پيءُ ڪيس امير سڏڻ شروع ڪيو جو هاڻ هرڪو هن کي ان نالي سان سڏي ٿو.

شوڪت جي گهر جڏهن پهريون دفعو ويو هوس ان کي اڄ اٺيتاليهہ سال اچي ٿيا آهن پر اڄ بہ اهو پهريون ڏينهن مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ خيرپور جي ممتاز ڪالوني (جتي اسان رهيل هئاسين) بابا مونکي جيپ ۾ وٺي شوڪت جي گهر آيو هو. در وٽ موڙي تي شوڪت جو والد چاچو عبدالواحد اخبار پڙهي رهيو هو. مون کي ڳراٽڙي پائي اندر وٺي آيو. اڱڻ ۾ شوڪت جيئن ئي مون کي ڏٺو تہ رڙ ڪري ماءُ کان پئسا ۽ ٻاهر وڃي ڳهمڻ جي موڪل ورتي. جنهن مونکي ڪيڪاري ڪيس نيرن ڪري پوءِ نڪرڻ لاءِ چيو. در وٽ ئي رڌڻو هو. تن ڏينهن ۾ شايد اڃان گئس نہ آئي هئي سو ڪاٺين جي دونهين پويان ادي ممتاز (امير) ماني پچائي رهي هئي ۽ در وٽ شوڪت جي ننڍي ڀيڻ نسيم جيڪا ان وقت انن سالن ڪن جي ٿيندي ڪاري وڳي ۾ ڊبڪي جهلي بيٺي هئي. اسان ورانڊو لتاڙي ڪنڊ ۾ ڊرائنگ روم ۾ اچي ويناسين جنهن جو ٻيو در گهٽيءَ جي پوئين پاسي ٿي کليو. ڊرائنگ روم جي ڪنڊ ۾ پنجن ڇهن سالن جو هڪ ٻار رانديڪن سان کيڏي رهيو هو. شوڪت ٻڌايو تہ اهو سندس ننڍو ڀاءُ آهي ۽ رڙ ڪري چيو: "لياقت اٿ. مهمان آيو آهي هٿ بہ نہ ڏيندين ڇا؟" پر هو پنهنجي ۾ ٻڙي هو ڪنڊ مٿي ڪٿي اسان ڏي نهاربائين بہ ڪونہ. اڄ ان ڳالهہ کي ٿي ڊزن سال ٿي ويا آهن. تہ بہ لياقت اسان کي اهو ٻار لڳندو آهي ـــ سندس زال ڊاڪٽر نجمہ يا ٻين کي ڀلي هو وڏو لڳي. ساڳي وقت ادي امير ڪٽي اسان کان ڪو بہ ٽي سال وڏي هجي ۽ اڄ ڏسڻ ۾ اسان هن کان وڌيڪ پوڙها ٿا لڳون پر اڄ بہ اقبال ترڪ هجي يا ڪئپٽن بشير وسطڙو ۽ ٻيا ڪامن دوست، اسين هن اڳيان جهڪي وڏي ادب سان ملون ٿا. ساٿس اسان جا ويجها تعلقات ان ڪري بہ هلندا آيا جو ادب ڪري سندس گهوٽ لعل جوڻيجو اسان جي تمام

ويجهو رهيو. نه فقط ادب ڪري پر هونءَ به لعل هڪ زبردست شخصيت جو مالڪ هو. هو تحمل سان ڳالهائڻ وارو، شريف، شرميلو ۽ دوستن يارن جي هميشه مدد ڪرڻ وارو هو. پر افسوس جو لعل جهڙا نيڪ اخلاق ماڻهو هن دنيا مان جلدي هليا ويا. سندس اوچتي ۽ جلدي موت جو ڏک سندس گهر وارن، ويجهن عزيزن کان وٺي هاڻوڪي فيڊرل وزير غوث علي شاهه صاحب، حيدرآباد جي ادبيات واري دڪاندار سليم ميمڻ ۽ مون جهڙن خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن کي هوندو. لعل کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. وڏو شاهد اڄڪلهه آمريڪا ۾ آهي، ٻيو نمبر ارشد انڊسٽريز ۾ هيلٿ آفيسر آهي ۽ هن جي اسانجي پيٽارين ائسوسيئيشن جي عبدالمجيد پليجو ۽ انيس پليجو جي ڀيڻ ۽ ادا عمر پليجو جي ڌي ڊاڪٽر عذرا سان شادي ٿي آهي ۽ ميرنا نالي ڌيءَ اٿن. ان بعد ڌيءَ رومي اٿن جنهن جي شادي ميرپورخاص جي اريريگيشن انجنيئر احمد جاويد ميمڻ سان ٿي آهي. لعل جو ننڍو پٽ امجد حيدرآباد ۾ رهي ٿو ۽ شايد ڪسٽمس ۾ آهي سندس شادي صائمه نوحاڻي سان ٿي آهي.

شوڪت جو هڪ ٻيو ننڍو ڀاءُ مظهر به هو. شوڪت ۽ مظهر جي رهڻ جو ڪمرو مٿي هوندو هو. بابا جي خيرپور مان بدلي ٿيڻ بعد آئون شوڪت وٽ ايندو هوس ته مٿي رهندو هوس. مظهر پنهنجي دنيا ۾ مگن رهندو هو. مظهر اڳتي هلي گهڻو وقت خيرپور ۾ ئي گذاريو. پاڻ ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو ڪيس به پٽ آهن: شيراز ۽ شهباز جيڪي اڄڪلهه ڪراچي ۾ رهن ٿا. شوڪت جي خاندان ۾ ٽيندڙ هڪ ٻئي پويان موت هن لاءِ ننڍي هوندي کان صدمن جو باعث رهيا آهن. ڪئڊٽ ڪاليج مان انٽر ڪرڻ بعد سڀ ساٿي دوست نيوي، آرمي يا ٻين ڏورانهن هنڌن ڏي وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ هليا وياسين پر افسوس جو شوڪت جا فوجي يا انجنيئر ٿيڻ جا خواب ساپيان نه بنجي سگهيا. سندس والد صاحب جي اوچتي موت ڪري ڪيس ڳوٺ وڃي اباڻو بزنيس: زمينون ۽ پيٽرول پمپ سنڀالڻو پيو. اڄ هو هڪ ڪامياب بزنيس مئن آهي سندس پيٽرول پمپ نه فقط سنڌ پر انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ پڻ آهن. سندس ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي فقط ڀاڳ جي ڳالهه ناهي پر ان پٺيان لڳاتار ۽ سخت محنت آهي جنهن جي شاهدي سندس سڀ دوست ڏيندا. ڏنڊو سنڀالڻ بعد سگهوئي آئون هن وٽ آيو هوس ۽ سڄو ڏينهن

سائس راڻيپور واري پيٽرول پمپ تي ترسيو هوس. ڪيس ڏسي مونکي تعجب لڳو هو تہ هو سال ڏيڍ ۾ پنهنجي ڌنڌي ۾ ڪيڏو ماهر ٿي ويو هو. ان ڏينهن پمپ جو انچارج منشي اچي نہ سگهيو هو سو اسان سڄو ڏينهن اتي گذاريو. مون کي اڄ بہ اها ڳالھ ياد آهي جيڪا منجهند جي ماني کائڻ لاءِ شوڪت پاڻ رڌي هئي. شوڪت جيڪو ڪاليجي ڏينهن ۾ غير سنجيدو نظر آيو ٿي تنهن کي ڌنڌي جي معاملي ۾ هوشيار ۽ محنتي ڏٺم. اڄ بہ ڪو ڏاريون شوڪت سان پهريون دفعو ملڻ تي ائين هرگز چئي نہ سگهندو تہ هي ڪو ايڏو وڏو بزنيس مئن آهي. سندس نئڙت ۽ هر هڪ سان سادگي سان پيش اچڻ جو طريقو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. پاڻ پنهنجن ڪلاس ميٽ ۽ دوستن کي بہ ان بابت نصيحت ڪندو رهي ٿو تہ ٻئي سان هميشه عزت سان پيش اچجي. ”آئون پنهنجي نوڪر سان بہ سنو هلان ٿو تڏهن هو بہ منهنجي عزت ڪري ٿو نہ تہ اتي جو اتي مونکي سلام ڪري وڃي سامهون گهر واري وٽ ويهندو. سٺي ڪم ڪرڻ لاءِ مالڪ بہ کوڙ تہ نوڪريون بہ کوڙ.“

شوڪت جو وڏو ڀاءُ محمد علي فئملي سان انگلنڊ ۾ رهيو ٿي. 1966ع ڌاري لعل جوڻيجو ۽ پوءِ شوڪت، لياقت ۽ نسيم بہ اتي وڃي رهيا. ستر واري ڏهاڪي ۾ اسانجا جهاز اوڏانهن ويندا هئا تہ آئون ۽ اسان جو هڪ ٻيو پيٽارو جو دوست ڪئپٽن احمد حسين مخدوم محمد علي وٽ مانچسٽر ۾ وڃي رهندا هئاسين. سنڌ يونيورسٽي جو انگريزي جو پروفيسر خاصخيلي، ڪمپيوٽر سائنس ۾ پهريون سنڌي پي ايڇ. ڊي مير محمد شاهہ (هاڻ PIA ۾ آهي)، دادو جو اعجاز قريشي ۽ سکر جو فضل قريشي (هاڻ فيڊرل سيڪريٽري) پڻ واري شهر گلاسگو ۾ هئا. ان کان علاوه لورپول جي اسپتال ۾ اسانجي ڪلاس ميٽ محمد موسيٰ ميمڻ ڏيپلائي جو ڀاءُ ڊاڪٽر الهہ ورايو هو ۽ مانچسٽر ۾ ئي منهنجو ننڍپڻ جو دوست ڊاڪٽر جمالي هو. سو اسان جو جهاز جڏهن بہ اتي هوندو هو تہ جڻ هالا پراڻا يا ڊربيلي، روهڙي ۾ هوندو هو. اڳتي هلي ڊاڪٽر جماليءَ جي شادي نسيم جماڻيءَ سان ٿي. ان بعد اسان جي جهاز جي روٽ آمريڪا ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ ٿي وئي. ڊاڪٽر جمالي ۽ نسيم لبيا هليا ويا. ڪيترن سالن بعد حيدرآباد جي تلڪ چاڙهي تي ٻئي ڄڻا مليا ۽ ٻڌايائون تہ هاڻ هو LMC ۾ جاب تا ڪن. ان بعد ڪراچي اچي

رهيا. ڪين هڪ پٽ خالد هو. هيترو وقت ٻاهر رهڻ بعد ڊاڪٽر جماليءَ کي نہ هتي جو ماحول پسند ٿي آيو نہ سندس صحت صحيح ٿي رهي. آئون ملائيشيا ۾ هوس تہ هڪ ڏينهن سڳا واري ڊاڪٽر سليمان شيخ جو فون آيو تہ سندس ڪلاس ميٽ ۽ اسان جو دوست ڊاڪٽر جمالي گذاري ويو. سندس ان ننڍي عمر ۾ هلي وڃڻ جو سيني دوستن کي ڏک ٿيو ۽ ان سان گڏ شوڪت جو سوچيندا هئاسين تہ هن جي زندگيءَ ۾ ڪيڏيون Tragedies ٿيون آهن. 1990-91ع ۾ ملائيشيا مان موٽڻ مهل ڪراچي ۾ هنگاما ئي هنگاما متل هئا. شوڪت سان ملڻ ويس تہ خبر پئي تہ هو ادي امير جنڪي وني لعل جي ڀيڻ نرگس جي گهر ويا آهن جتي هنجي مڙس شبير نوراني ۽ سندس ڪير پياڪ پٽ کي دهشتگردن بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو آهي. شبير اسانجي دوست مسعود نوراني ۽ ڊاڪٽر انور جو ڀاءُ ڪراچي اليڪٽرڪ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر هو.

ڪراچي ۾ جڏهن بہ اچڻ ٿيو ٿي تہ هڪ ٻئي جي گهرن ۾ يا هڪ ٻئي جي ڄاڻ سڃاڻ وارن جي دعوتن ۾ شوڪت توڙي سندس ڀيڻ سان ملاقات ٿيندي رهي ٿي. شوڪت جنهن نموني سان پنهنجي ڀيڻ جو خيال رکيو ٿي ان جا مثال آئون ڪيترين سنڌي فئملين کي اڄ تائين ڏيندو اچان. 1995ع جو سال پڻ شوڪت لاءِ سنو ثابت نہ ٿيو جنهن ۾ سندس ننڍي ڀيڻ نسيم ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ بعد گذاري ويئي. شوڪت جي فئملي سان ننڍپڻ کان ايڏو ويجهو ساٿ رهيو آهي جو هن جا ڀاءُ ڀيڻ اسان کي پنهنجائي لڳن ٿا. هن جون خوشيون توڙي ڏک اسان لاءِ پڻ ساڳيا رهيا آهن.

شوڪت جي شادي اسان سان گڏ 1971ع ڌاري اسانجي هڪ دوست ظفر ٻلال جي ڀيڻ ناهيد سان ٿي. ظفر هينئر مسلم ليگ ۾ آهي ۽ MPA آهي. شوڪت کي چار ٻار آهن: سورٺ، سنڌو، شهزادہ ۽ شهزور.

شوڪت جي دوستن لاءِ چيو ويندو آهي تہ انڊلٺ جي رنگن وانگر هن جا هر قسم جا دوست آهن. سياستدان، سرڪاري ڪامورا، فوجي، واپاري، زميندار، ڳوناٺا، ولائتي وغيره. ڪيس مون ننڍي هوندي کان وني ڪو ڪتاب يا رسالو پڙهندي نہ ڏٺو آهي پر سندس اديب ۽ شاعر دوست بہ اسان کان گهڻا آهن. ڪاليج جي ڏينهن ۾ جڏهن آئون هن وٽ خيرپور ويندو هوس تہ هو مون کي ڪيترن ئي ماڻهن سان

ملائيندو هو. اها هن ۾ ننڍي هوندي کان هڪ عجيب ۽ سٺي عادت رهي آهي ته هو ڪنهن کان به ڊڄي نٿو. هن کي پنهنجو پاڻ ۾ ننڍي هوندي کان ڏاڍو Confidence رهيو آهي. پاڻ کان وڏن ۽ سينئر آفيسرن سان ملندي هن ڪڏهن به ڪا ڌڪيائي محسوس نه ڪئي آهي.

موڪلن ۾ بيا بار گهٽين گهوٽين ۾ راند ڪندا آهن شوڪت ننڍي هوندي موڪلن ۾ صبح ساڻ تيار ٿي خيرپور ۽ اوسي پاسي جي شهرن جي اهم ماڻهن سان ملڻ نڪرندو هو. اسين اجان مئٽرڪ ۾ هئاسين ۽ پنهنجي ڪاليج جي مخزن لاءِ به لکڻ نه شروع ڪيو هئوسين ته شوڪت مونکي ڊاڪٽر تنوير عباسي، نسيم کرل، شيخ اياز صاحب، رشيد ڀٽي، الطاف عباسي، غياث جوڻيجي، سان ملايو جن سان پوءِ سلام دعا هلندي رهي. هڪ دفعي ته رشيد ڀٽي ۽ تنوير عباسي سان گڏ اروڙ به هليا هئاسين. انهن ئي ڏينهن ۾ يا ڪجهه ڏينهن بعد امر جليل جو افسانو 'اروڙ جو مست' ڇپيو. شوڪت کي ڪتاب پڙهڻ جو نه صبر آهي نه وقت پر پنهنجن اديبن دوستن کان ٻڌل ڪيترائي شعر ۽ قصا لطيفا ياد اٿس.

مٿين اديبن شاعرن کان علاوه شوڪت خيرپور ۽ سکر جي آفيسرن (ڊي ايس پي، ايس پي، ڊپٽي ڪمشنر وغيره) بئنڪ مئنيجرن، اسڪولن ڪاليجن جي پرنسپالن سان ملاڻڻ وٽي هلندو هو. السلام عليڪم ڪري سندن آفيس ۾ گهڙي پوندو هو ۽ پوءِ ٻڌائيندو هون ته اسين ڪئڊٽ ڪاليج ۾ پڙهون پيا. فلاڻو يا فلاڻو توهانجو مائٽ پڻ اسان جي ڪاليج ۾ آهي. يا فلاڻي فلاڻي ڪئڊٽ ٻڌايو پئي ته توهان هن جي والد صاحب جا دوست آهيو. (اها معلومات شوڪت ڪاليج ۾ ڪا هٿ ڪندو هو). چانهه ۽ بسڪيٽ ايندا هئا. ڪائي پي خدا حافظ چوندا هئاسين. مرحوم الياس قاضي جج صاحب وٽ به ٻه دفعا شوڪت وٽي هليو هو. بسڪيٽ ۽ چانهه ته پوءِ جي ڳالهه سندس پٽ نجم قاضي اسان کي موڪلن ۾ اٿين رلڻ پنڻ تان اهڙي دپ ڪڍي جو ڪاليج ڇڏڻ بعد ـ به چار سالن بعد، جڏهن نجم قاضي آرمي ۾ ليفٽيننٽ ٿي ويو ۽ گهر دعوت ڪيائين ته به شوڪت دڙڪن جي ڊپ کان مون کي وجڻ ڏنو پاڻ نه هليو.

شوڪت سکر خوب هلندو هو جتي سندس چاچا رهيا ٿي جن جي اولاد سان سڃاڻپ پڻ تڏهن کان هلندي اچي. شوڪت کي به پڪيون

هيون. وڏيءَ جو نالو ياد نہ اٿم ننڍي ڀڦي مراد خاتون جيڪا مرادان سڏبي هئي. چاچن ۾ وڏو چاچو غلام دستگير هو جنهن کي فقط ٻہ ڌيئرون هيون. وڏي خورشيد جماڻي پاڪستان جي ـ بلڪ دنيا جي قابل ۽ مشهور آرٿوپيڊڪ سرجن عنايت الله جوکيو جي گهر واري آهي. ڊاڪٽر صاحب ڳڙهي ياسين جو آهي ۽ سندن جماڻين سان ڀهرين کان مائٽي آهي. شايد ڀڦات ماروت پڻ ٿين. ڊاڪٽر صاحب جي وڏي پٽ جي شادي سال ڏيڍ اڳ رياض خميساڻي جي ڌي ۽ مئدم خميساڻي جي پوٽي شازيہ سان ٿي جتي شوڪت جي سڄي خاندان کي سالن ـ بلڪ ٽيهارو سالن بعد ڏسڻ جو موقعو مليو. شازيہ سان اسانجي بہ مائٽي ان حساب سان آهي جو هن جو نانو ۽ منهنجو نانو سڳا ڀائر ٿين.

شوڪت جماڻي جي ٻي سوٽ مختيار جماڻيءَ جي شادي اسان جي اديب دوست ۽ قاضي سچيڏني صاحب جي وڏي فرزند اشفاق قاضي سان ٿي. شوڪت جي ٻئي چاچي مير محمد جماڻيءَ کي پنج پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي: عزيز احمد، شبير، منير، نذير، ضمير ۽ ڊاڪٽر شفعت. هڪ دفعي (1961ع يا 1962ع جي ڳالهہ هوندي) آئون اونهاري جي موڪلن ۾ شوڪت جي گهر رهيل هوس. هڪ ڏينهن هنن وٽ ڪيترائي مهمان اچي نڪتا. ڏسان تہ سڀ اسان جي ڳوٺ جا سو بہ پاڙي واري گهٽيءَ جا. شوڪت ٻڌايو تہ سندس سوٽ ڊاڪٽر شفعت جو مڱڻو هالا جي ڊاڪٽر گل محمد ميمڻ (گلاب) سان ٿي رهيو آهي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. ان بعد شوڪت جڏهن بہ مون وٽ هالا ايندو هو تہ ڊاڪٽر صاحب جن وٽ پڻ ملڻ لاءِ ويندو هو جنهن جا ننڍا ڀائر ۽ سوٽ منهنجا ڪلاس ميٽ هئا. جڏهن آئون هالا جي اسڪول ۾ شروع وارن ڪلاسن ۾ هوس. اڄ ان کي ٽيٽيهہ سال اچي ٿيا آهن. ڇهہ مهنا کن اڳ ادي شفعت جو آمريڪا ۾ انتقال ٿي ويو. ڊاڪٽر گل محمد اڄڪلهہ ڪراچي ۾ آهي ڪيس چار پٽ آهن. فاروق پنهنجي ناني جي شهر سکر ۾ رهي ٿو ۽ سپر مارڪيٽ کولي اٿس. سندس شادي ڊاڪٽر جبين سومرو سان ٿي آهي. ٻيو نمبر فهد ۽ چوٿون نمبر فراز آمريڪا ۾ رهن ٿا. ٽيون نمبر فيصل هتي رهي ٿو. فهد کي شايد هڪ ٻار بہ آهي يعني اسان جو ڊاڪٽر گلاب ڏاڏو بہ ٿي چڪو آهي ۽ جو نہ جڏهن تہ اسين ڪانئس ننڍا بہ نانا ڏاڏا ٿي ويا آهيون پر پنٽي ٿي نظر ڪجي تہ جڻ ڪالهوڪو

ڏينهن هو. آئون شوڪت جي گهر رهيو پيو هوس ته ڊاڪٽر صاحب جي مڱڻي لاءِ هالا کان گهوٽيتا اچي ويا هئا ۽ شوڪت جماڻيءَ جي ماءُ لعل جوڻيجي سان گڏ شوڪت ۽ مون کي به آيل مهمانن جي خدمت لاءِ بيهاري ڇڏيو هو. تن ڏينهن ۾ اجان ڪوڪاڪولائون ۽ پيپسي ڪولائون ظاهر نه ٿيون هيون. خيرپور جي هڪ مشهور شربت جا جڳ ڀري مهمانن کي به پياري رهيا هئاسين ته راڳ به ٻڌي رهيا هئاسين.

رک صندليءَ تي پير منهنجا مور لاڏا
مور لاڏا شهزور لاڏا.

ڪالهه محبوب عالم انصاري جي ڌي ڊاڪٽر فرين جي شاديءَ تي جڏهن اها ڳالهه پر ۾ وينل شوڪت جماڻي کي ٻڌايم ته سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ ڪجهه سوچي چيائين: ”وقت ڪيئن نه تکو تکو ڊوڙندو وڃي“. ”۽ ان سان گڏ هيءَ دنيا سنن ماڻهن کان خالي ٿيندي وڃي.“ مون چيو.

ان بعد اسان ڪا دير پنهنجن وڇڙيل ڪلاس ميٽ دوستن کي ياد ڪندا رهياسين ۽ پوءِ شوڪت اوچتو عنوان بدلائي چيو:

”هاڻ لڳي ٿو ته پنهنجي هلڻ جو به جاڻ ته وارو آيو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نالي هڪڙو ڪتاب ته منسوب ڪري ڇڏ.“

شوڪت سڄي زندگي ڏک ڀريل لمحن ۾ خوشيءَ جي خوشبو پيدا ڪندو رهيو آهي. سندس مٿين ڳالهه تي پر ۾ وينل سندس سوٽ منيرُ جماڻي کان به ٺهڪ نڪري ويو.

”هڪ ڪتاب زوري اڳ به توکي منسوب ڪري چڪو آهيان پر هاڻ پنهنجي خوشيءَ سان ڪندس.“ مون شوڪت سان وعدو ڪيو. ۽ هينئر هي ڪتاب شوڪت نالي منسوب ڪرڻ سان گڏ اها پڻ دعا ڪندس ته شل وڏي ڄمار ماڻين.

الطاف شيخ
27- اپريل 1998ع
ڪراچي

سنڌي ساهت ۽ ٻار

هڪ سڌريل سماج ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ ساهت جي واڌاري خاطر جاکوڙ ۽ محنت ڪرڻ فرض سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن دنيا جي سڌريل سماج جي ٻولين جي ساهت تي نظر ڊوڙائبي ته انهن ۾ ٻارن جي ساهت تي تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ لکيا پيا وڃن. دنيا جي عظيم ليکڪن خاص طرح روسين ۽ امريڪين ٻارن لاءِ تمام گهڻا ڪتاب لکيا آهن. يورپين ٻولين ۾ ته تمام گهڻا ليکڪ اهڙا آهن جي لکن ئي ٻارن جو ساهت ٿا ۽ هڪ هڪ ليکڪ جا سوين ڪتاب لکيل ملن ٿا.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهت جي هيتري ساري واڌاري جي باوجود سنڌيءَ ۾ ٻالڪ ساهت (ٻارن لاءِ ساهت) تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ جنهن وقت ٻالڪ ساهت لاءِ سوچبو آهي ته محسوس ائين ٿيندو آهي ته ڄڻ اسان وٽ ٻالڪ ساهت لاءِ ڪجهه لکيوئي نه ويو آهي ۽ خاص طرح سهيوڳي ليکڪن سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي سنڌي ٻارن لاءِ تمام ٿورا ڪتاب لکيا آهن يا ائين ڪٿي چئجي ته انهيءَ پهلوءَ کي نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ ائين ڪرڻ سان اسان جي مستقبل ذانهن ترقيءَ جي رفتار کي نقصان رسيو آهي. دنيا جي سجاڳ جاتين ۾ گهڻي قدر شروعات ئي ٻالڪ ساهت (ٻاراڻي ادب)کان ڪئي ويندي آهي ته جيئن ٻارن ۾ پڙهڻ، پروڙڻ ۽ سمجهڻ جي عادت پوي ته جيئن هو اڳتي هلي دنيا جي ادب ۽ ساهت کي پڙهن، سمجهن ۽ پنهنجي قوم لاءِ ساهت پئدا ڪن ۽ وڏا ليکڪ ٿين . سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ ڳالهه جي شدت سان گهٽتائي آهي. اها گهٽتائي حقيقت ۾ ورهاڱي کان پوءِ وڌيڪ محسوس ڪئي پئي وڃي.

سنڌ ۾ هر سال اٽڪل ٽي لک ٻار اسڪول وڃڻ جي عمر کي پهچن ٿا، پر افسوس جو انهن مان صرف هڪ لک ٻار اسڪول ۾داخل ٿي سگهن ٿا جيڪو هن صديءَ جو هڪ افسوسناڪ پهلو چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو . هر سال ٻن لکن ٻارن جو اسڪول کان محروم رهجي وڃڻ جي ڪري سنڌ ۾ تعليم جو سيڪڙو 56 کان گهٽجي 42 سيڪڙي تي پهتو آهي جيڪا وري پنهنجي جاءِ تي هڪ ڇرڪائيندڙ حقيقت پڻ آهي

ٻار اسان جي مستقبل جا اڏيندڙ ۽ انساني نسل جي بقا جا امين آهن ۽ اسان جي ثقافتي ورثي جا حقيقي وارث پڻ. جيڪڏهن اسان جا ٻار پنهنجي ساهت ۽ ثقافت ۽ انهن جي اهم پهلوئن کان ناواقف رهيا ته يقينن انساني ۽ سماجي اوسر جي تاريخ ۾ اسان جو نسل ڏوهاري ليکيو ويندو. ٻارن جو ساهت ئي وڏن جي ساهت ۽ تحقيق جو بنياد آهي ــ ۽ اڄ ڪلهه جيڪا عام شڪايت آهي ته سنڌي ڪتابن جو گهٽ وڪرو ٿئي ٿو ان جو مکيه ڪارڻ ئي اهو آهي ته اسان شروع ۾ ٻارن جو ساهت ڏنو ئي ڪونهي . مئٽرڪ تائين ٻار ڪورس جي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب پڙهن ئي ڪونه ٿا ڇو ته اهڙا ڪتاب آهن ئي ڪو نه - ان ڪري ڇا ٿو ٿئي جو ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ۽ ان کان پوءِ عملي زندگيءَ ۾ سنڌي ماڻهو ڪتاب پڙهن ئي ڪونه ٿا ڇو ته ننڍي هوندي انهن ۾ پڙهڻ جو اتساهه جاڳايو ئي ڪونه ويو آهي.

ان ڪري ضروري آهي ته سڀ کان پهرين اولين فوقيت اسان کي ٻالڪ ساهت تي ڏيڻ گهرجي ۽ ننڍي عمر کان ئي پڙهڻ جي هير ۽ شوق پيدا ڪيو وڃي ته جيئن وڏي هوندي هو ٻيا ڪتاب پڙهي سگهن. اسان کي ٻالڪ ساهت هنگامي بنيادن تي سون نه پر هزارن جي تعداد ۾ انيڪ موضوعن تي سهڻي ڇپائي سان پيدا ڪرڻ کپي. جي اسان وٽ ٻالڪ ساهت گهربل انداز ۾ شايع ٿئي ته پوءِ لازمي آهي ته ساڳيا ٻار وڏا ٿي، سون، هزارن، لکن جي تعداد ۾

سنڌي ڪتاب پڙهندا.

ڪيرون لهڻي محترم دوست الطاف شيخ جنهن هن اهم پهلوءَ ڏانهن ڌيان ڏئي اسان جي ٻارن لاءِ جپاني ڪهاڻيون ترجمو ڪري ٻاراڻي ادب جي کوٽ محسوس ڪندي ان جي پورائي لاءِ هي هڪ اهم قدم کنيو آهي ۽ هڪ نهايت ئي، ڀلي، حساس ۽ ذهين اديب هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌيءَ ۾ الطاف جيترا سفرناما اسان کي ڏنا آهن ان جو اندازو هڪ عام پڙهندڙ به ڪري سگهي ٿو پر سچ پچ ته الطاف جيڪو ٻارن لاءِ ڪتاب لکي هي ڪم ڪيو آهي اهو مون کي وڌيڪ اهم لڳي ٿو، چو ته الطاف ڪيترا به سفرناما اجا به لکي ته به جي ٻارن لاءِ ڪوبه ڪتاب نه لکي ها ته اها خامي سدائين رهي ها.

ٻي مهاڀاري (عالمي) لڙائي کان پوءِ جپان جيڪا ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ڪئي آهي تنهن ايشيا جو منهن مٿي ڪري ڇڏيو ۽ جپان پنهنجي ترقي ۽ نين ايجادن جي ڪري دنيا جي وڏين طاقتن کي پڻ عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

عالمي سماج جي فرد جي حيثيت ۾ سنڌي ٻارن لاءِ لازمي آهي ته هو جپان جي فني سماج (Technological Society) کي سمجهڻ کان اڳ هن ڪتاب کي پڙهي جيڪو ڪيس ثقافتي ۽ سماجي پس منظر ۾ وٺي وڃي ٿو.

اميد ڪريان ٿو ته سفرنامن جي اسپيشلسٽ ٻارن لاءِ قلم کڻي نه رڳو اسان جي شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ ٻين لکندڙن کي اهو احساس ڏياريو آهي ته هر ڪنهن ليکڪ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪتاب ٻارن لاءِ ضرور لکڻ کپي.

اعجاز قريشي
پروفيسر
اقتصاديات کاتو
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ

19- نومبر 1998ع

اجنبي نوجوان

اڄ کان صديون اڳ جي ڳالهہ آهي. جيان جي ڪنهن شهر ۾ هڪ نهايت سهڻي شهزادي رهندي هئي. هيءَ شهزادي پنهنجي ماءُ پيءُ جي اڪيلي ڌيءَ هئي. اهوئي سبب آهي جو بادشاهہ سلامت ۽ راڻي صاحبہ هن سان تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. هڪ رات شهزادي پنهنجي ڪمري ۾ ستي پئي هئي تہ اوچتو هڪ خوبصورت نوجوان سندس ڪمري ۾ گهڙيو ۽ اچي سامهون بيٺس. شهزاديءَ جي جهڙوئي هن تي نظر پيئي تہ هوءَ ڏڪي ويئي — پر پوءِ پنهنجو پاڻ سنڀالي هن کان پڇڻ لڳي.

”تون ڪير آهين؟ ۽ منهنجي ڪمري ۾ ڇو گهڙيو آهين؟“

”آءٌ گستاخيءَ لاءِ معافي تو گهران.“ نوجوان ڇپن تي مرڪ آڻيندي جواب ڏنو.

”توکي خبر آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي تنهنجي اچڻ جي خبر پئجي وڃي تہ تنهنجو ڇا حشر ٿيندو؟“ شهزاديءَ ڪجهہ ڪاوڙ مان هن کي چيو.

”مون کي خبر آهي — پر آءٌ مجبور آهيان. آءٌ هڪ دفعو وري ان گستاخيءَ جي معافي وٺان ٿو.“ نوجوان ايترو چئي ڪنڌ جهڪائي خاموش بيهي رهيو ۽ ان کان اڳ جو شهزادي ڪجهہ وڌيڪ چئي، هن پاڻ آهستي آهستي ڳالهايو:

”دراصل آءٌ هڪ خاص ڪم لاءِ آيو آهيان. آءٌ توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.“

جيئن ئي نوجوان اهو جملو چيو شهزاديءَ هن کي دڙڪو ڏيندي چيو: ”توکي اهڙي ڳالهه چوڻ جي همت ڪيئن ٿي ــ؟“

پر نوجوان شهزاديءَ جي سوال جي ڪا ورندي نه ڏني. هو پهرين وانگر ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. شهزاديءَ هن کي چتائي ڏٺو ته هو واقعي خوبصورت نوجوان هو. ڪاوڙ هوندي به هن کي وڻي رهيو هو. هوءَ ڪجهه گهڙين لاءِ هن کي ڏسندي رهي ۽ پوءِ آهستي چيو.

”هڪ شريف ڇوڪري پنهنجي ماءُ پيءُ جي مرضيءَ بنا ان قسم جي ڳالهه ڪيئن ٿي مڃي سگهي؟ ۽ تو کي ته اها به خبر آهي ته آءٌ هڪ شهزادي آهيان.“

نوجوان چپ چاپ بيٺو رهيو ۽ شهزاديءَ ڏي پيار ڀريل نگاهن سان لڳاتار ڏسندو رهيو.

”تولاءِ چڱائي ان ۾ ئي آهي ته جلدي هتان هليو وڃ. جيڪڏهن چوڪيدارن تو کي ڏسي ورتو ته پوءِ تنهنجو خير نه ٿيندو!“ شهزاديءَ تمام گهٽو ڪاوڙ مان چيو ۽ نوجوان ماٺ ڪري اتان هليو ويو.

نوجوان ان وقت ته شهزاديءَ جي ڪمري مان هليو ويو پر پوءِ پيءَ رات هو وري آيو. هو ساڳيءَ طرح شهزاديءَ جي ڪمري ۾ آيو ۽ شاديءَ لاءِ عرض ڪيو. شهزاديءَ وري هن کي دڙڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو پر هو نا اميد نه ٿيو ۽ ٽيءَ رات وري اچي نڪتو. ۽ هاڻ هر رات سندس اهو دستور ٿي ويو ته جنهن وقت به شهزادي ڪمري ۾ اڪيلي هوندي هئي ته هي اچي نڪرندو هو ۽ شاديءَ لاءِ منٿ ڪندو هو. جيتوڻيڪ شهزادي هينئر به پهرين وانگر انڪار ڪري ڇڏيندي هئي پر سندس لهجي ۾ڪافي نرمي پيدا ٿيندي وئي ۽ ڪاوڙ بدران هوءَ به پيار سان ڳالهائڻ لڳي هئي. حقيقت اها هئي ته هاڻ هن جي دل ۾ به نوجوان لاءِ محبت پيدا ٿي پئي هئي پر هن ان ڳالهه جو اظهار اجان نٿي ڪرڻ چاهيو. بهرحال هاڻ هوءَ هن

نوجوان سان تمام سني طرح پيش اچڻ لڳي. هر رات جڏهن نوجوان شهزاديءَ کي شاديءَ لاءِ چوندو هو ته هوءَ آهستگيءَ سان چوندي هيس:

" ماءُ پيءُ جي مرضيءَ بنا آءٌ هائوڪار ڪيئن ٿي ڪري سگهان."

"پوءِ تون هنن سان ڳالهه ڇو نٿي ڪرين؟"

"آءٌ ان قسم جي ڳالهه ڪيئن ٿي ڪري سگهان -؟ منهنجا ماءُ پيءُ مون بابت ڇا سوچيندا ـــ؟"

ان تي نوجوان کيس صلاح ڏني:

"شهزادي! جيڪڏهن تنهنجي ماءُ پيءُ کي پنهنجي راز جي خبر پئجي به وڃي ته مون کي يقين آهي ته هو ان جي مخالفت نه ڪندا. تون هنن سان ڳالهه ڪري ته ڏس؟"

نوجوان لڳاتار منٿون ڪندو رهيو ۽ اجان شهزاديءَ پاڻ به هن جي ڳالهه قبول نٿي ڪئي پر وقت گذرڻ تي هن لاءِ ان راز کي راز رکڻ ناممڪن ٿيندو ويو. هن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته هوءَ ڪري سو ڪري ڇا؟ آخر هڪ ڏينهن هن دل ڪان مجبور ٿي ڊڄندي ڊڄندي پنهنجي ماءُ پيءُ کي چيو:

"هڪ نوجوان روزانو رات جو منهنجي ڪمري ۾ اچي ٿو ۽ مون کي شادي لاءِ منٿون ڪريو وڃي."

ماءُ پيءُ هن جي اها ڳالهه ڏاڍي عجب ۾ پئجي ويا. پهرين ته هنن کي شهزاديءَ جي انهيءَ ڳالهه تي يقين ئي نه آيو. چوڻ لڳا:

"هيڏي پهري هوندي رات جو ڪو نوجوان تنهنجي ڪمري ۾ ڪيئن ٿو اچي سگهي! محلات جي ڪا ڪند خالي ناهي جتي پهريدار بيٺل نه هجي ـــ! پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو ـــ؟"

پر پوءِ جڏهن شهزاديءَ سمورو احوال کين سربستو ڪري ٻڌايو ته هنن کي يقين اچي ويو، پر چوڻ لڳا:

”محلات ۾ ايترو ته سخت پهرو آهي جو ڪوبه عام ماڻهو اندر گهڙي نٿو سگهي. جيڪڏهن هي پراسرار نوجوان روز رات جو تنهنجي ڪمري ۾ سولائيءَ سان گهڙيو ٿو اچي ته پوءِ اهو پڪ ڪنهن ديوتا جو روپ هوندو.“

شهزاديءَ جڏهن پنهنجي ماءُ ٻيءُ کان اهو ٻڌو ته اهو نوجوان ڪنهن ديوتا جو روپ آهي ته هوءَ دل ئي دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي. ۽ ان رات جڏهن اهو نوجوان هن وٽ آيو ته هن پنهنجو پاڻ کي ان نوجوان جي حوالي ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هو روز رات جو اهڙي طرح هڪ ٻئي سان ملندا رهيا. پر تعجب جي ڳالهه اها ته شهزاديءَ کي اڃان تائين ان نوجوان جي باري ۾ ڪجهه به خبر نه پئجي سگهي ته هو ڪير آهي؟ ڪٿي جو رهاڪو آهي —؟ هن جو عهدو يا نوڪري ڇا آهي —؟ ايتري قدر جو شهزاديءَ کي اها به خبر نه پيئي ته هن جو نالو ڇا آهي —؟

ڏينهن گذرندا ويا ۽ ان سان گڏوگڏ شهزاديءَ جي هن نوجوان لاءِ تانگهه به وڌندي ويئي ته آخر هو آهي ڪير. آخر هڪ رات دستور موجب جهڙو نوجوان هن وٽ آيو ته هن پيار سان ڪانئس پڇيو:

”پاڻ کي هڪ ٻئي سان ملندي هيڏو عرصو گذري چڪو آهي پر تو اڃان تائين ڪڏهن به پاڻ بابت نه ٻڌايو آهي ته تون ڪير آهين، ڪٿي رهين ٿو ۽ ڇا ڪرين ٿو—؟“

نوجوان هن جي ڳالهه ٻڌي مرڪيو ته هوءَ چوڻ لڳي:

”ڇا اها ڳالهه سٺي ناهي ته پاڻ هڪ ٻئي کي پاڻ بابت سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيون —؟“

جواب ۾ نوجوان چيو:

”آءٌ اهو آهيان جيڪو هر وقت توسان گڏ آهيان — ڇا فقط ايترو ڄاڻڻ ڪافي ناهي —؟“

”آخر ان ۾ ڪهڙو راز آهي —؟ هونءَ به هاڻ توکي مون کان ڪجهه لڪائڻ نه کپي.“

شهزاديءَ جڏهن گهڻو ضد ڪيو ته نوجوان چيو:

”جيڪڏهن تون مون بابت معلوم ڪرڻ لاءِ ايتري آتي آهين ته پوءِ سڀاڻي صبح جو پنهنجي انهيءَ شيشيءَ ۾ ليئو پائي ڏسجانءِ جنهن ۾ تيل پيل آهي. جيئن ئي تون هن ۾ ڏسندينءَ ته توکي خبر پئجي ويندي ته آءٌ ڪير آهيان.“

نوجوان ايترو چئي شهزاديءَ ڏي ڏنو ۽ وري چيو:

”پر هڪ ڳالهه ياد رکجانءِ ته شيشي ۾ جيڪي ڪجهه توکي نظر اچي ان کي ڏسي نه گهٻرائجانءِ ۽ نه ڊڄجانءِ. جيڪڏهن تون هن کي ڏسي ڊڄي وئينءَ ته آءٌ هميشه لاءِ توکان جدا ٿي ويندس.“

شهزاديءَ نوجوان جون هي عجيب ڳالهيون ٻڌي ويتر حيران ٿي وئي. ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ هو ذري ذري سوچڻ لڳي. هن وعدو ڪيو ته هوءَ بلڪل نه ڊڄندي. سو جڏهن صبح ٿيو ته شهزاديءَ جي آنڌ مانڌ وڌي ويئي. هوءَ جلدي پنهنجي ڪمري ۾ ويئي جتي تيل جي شيشي رکيل هئي. هن شيشي هٿن ۾ کنئي ۽ ڌڙڪندڙ دل سان ان جو ڍڪڻ کوليو — پر هي ڇا —؟ جيئن ئي هن بوتل جو ڍڪڻ کولي ڏٺو ته ان جي تري ۾ هڪ تمام ننڍڙو اڇي رنگ جو نانگ وينو هو. نانگ کي ڏسندي ئي شهزاديءَ جا هوش خطا ٿي ويا. هن کي ايڏو ته خوف ورائي ويو جو مٿي کان پيرن تائين ڏڪي وئي. هن ڊڄي شيشي ڪٽي پٽ تي اڇلائي ۽ پاڻ ڊوڙ پائي ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي.

دراصل اهو ننڍو اڇي رنگ جو نانگ ئي هن جو محبوب هو پر شهزاديءَ جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه پئي آيو. هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ هوءَ ڊپ کان ڪنبي رهي هئي.

جڏهن رات ٿي ته دستور موجب نوجوان هن جي ڪمري ۾ آيو. پر اڄ هن جي رويي ۾ تبديلي هئي. نه هن جي منهن تي مرڪ هئي ۽ نه پيار جي رونق. هو هن جي ويجهو به نه آيو ۽ پري ئي بيٺو رهيو. ٻئي پاسي شهزادي وڏي تعجب ۾ هئي. نوجوان ٻي رخيءَ

مان چيو:

”منهنجي پياري شهزادي! تو پنهنجو وعدو پورو نہ ڪيو. تو مون سان وعدو ڪيو هو تہ شيشيءَ ۾ ڏسي ڏجنديس ڪانہ. پر ائين نہ ٿيو، تون ڏٺين وئينءَ.“

هو ٿوري دير لاءِ ماٺ ٿي ويو ان بعد چيو:

”مون کي افسوس آهي ـ جيئن مون چيو هو، هاڻ آءٌ توکان هميشہ لاءِ جدا ٿيو ٿيان.“

اينتري ڳالهہ ڪري هو اتان هلڻ وارو ٿي هو تہ شهزاديءَ ٽپ ڏيئي هن جي ڪرائيءَ کان ڪٽي جهليو ۽ روئندي روئندي چيو:

”مون کي معاف ڪر ـــ مون کي معاف ڪر ـ آءٌ قسم ٿي کڻان تہ آءٌ وري اهڙي غلطي ڪانہ ڪنديس. مون کي ڇڏي نہ وڃ. آءٌ توکي پيرين ٿي پوان.“

شهزاديءَ نوجوان کي جهلڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، هن ڏاڍو رُنو، منٿون ڪيون پر سڀ بيڪار. نوجوان هڪ ئي جهٽڪي سان پنهنجي ڪرائي ڇڏائي اتي جو اتي غائب ٿي ويو.

شهزاديءَ لاءِ هن جي جدائي جو صدمو سهڻ ڏکيو هو. هوءَ هن جي عشق ۾ ايتريقدر تہ ڦاسي چڪي هئي جو هاڻ نوجوان بنا هوءَ هڪ پل بہ جيئرو رهي نٿي سگهي. هن مايوسيءَ جي عالم ۾ هڪ تکي ۽ ڇهنبدار چاپ اسٽڪ (ڪاٺو کائڻ جي تيلي) کنئي ۽ پنهنجيءَ دل ۾ کٽي هنئي. ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هن جو ساهہ هليو ويو.

جڏهن بادشاهہ ۽ راڻيءَ کي خبر پئي تہ سندن شهزاديءَ آپگهات ڪيو آهي تہ هو ڏک ۾ بي حال ٿي ويا. پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو؟ آخر هن جو لاش نارا شهر جي ويجهو دفن ڪري ڇڏيو. چون ٿا تہ جتي شهزاديءَ کي دفن ڪيو ويو اتي هڪ درگاهہ ٺاهي وئي آهي جنهن کي ماڻهو ”هاسي ـــ نو ـ هاڪا“ جي نالي سان سڏين ٿا جنهن جي معنيٰ آهي ”چاپ اسٽڪ جي درگاهہ“.

ٻائڻ وارو ڪڇون

جيپان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻه ڀائر رهيا ٿي. هڪڙو ڀاءُ تمام محنتي هو. سڄو ڏينهن ٻني ٻاري جي ڪم ۾ لڳو رهندو هو ۽ سڀني سان اخلاق ۽ سنائيءَ سان پيش ايندو هو. هن جي ماءُ بيمار هئي جنهن جي علاج لاءِ هن کي پئسن جي ضرورت هئي جنهن ڪري هو ايتري محنت ڪري رهيو هو.

صبح ساجهر اٿڻ سان ڪم ۾ لڳي وڃڻ ڪا اهڙي سولي ڳالهه ناهي. پر هو صبح جو سوير ئي اٿندو هو. اٿڻ سان پنهنجي ماءُ وٽ وڃي هن جي خير عافيت معلوم ڪري پوءِ پنهنجي ڪم تي روانو ٿي ويندو هو. شام جو هو اهڙو ته ٿڪجي پوندو هو جو مشڪل سان گهر پهچندو هو. پر ايڏو ٿڪل هجڻ جي باوجود هو پهرين پنهنجي بيمار ماءُ کي ماني کارائيندو هو ۽ جڏهن هوءَ آرام سان سمهي رهندي هئي ته پوءِ پنهنجي هنڌ تي وڃي سمهندو هو.

ٻيو ڀاءُ سندس بلڪل ابتڙ هو. هو تمام ڏنگو، سست ۽ نڪمو هو. ڪم ڪرڻ بدران يا ته سڄو ڏينهن آرام سان گاهه تي ليٽيو پيو هوندو هو يا گل چنندو وتندو هو. هوڪڏهن به ڪنهن سان سني طرح نٿي هليو. پورهئي ۽ محنت کان ته ڀڄوئي ڀڄو ٿي. ڪنهن به ڪم ۾ هٿ وجهڻ هن کي پسند نه هو. جڏهن هن کي پئسن جي ضرورت پوندي هئي ته ماءُ وٽ پهچي ويندو هو ۽ هن وٽ جيڪي پئسا هوندا هئا اهي ڪٽي ويندو هو. ايتري مان به هو خوش نه ٿيندو هو ۽ هر وقت ماءُ کي دانهون ڏيندو رهندو هو ته هوءَ هن کي نه پائي ٿي ۽ نه خرچي ڏئي ٿي.





هي روز بروز غريب ٿيندا ويا. محنتي ڀاءُ محنت سان ڪم ڪري جيڪي پئسا ڪمائيندو هو اهي سڀ هن جو سست ۽ ٺوٺي ڀاءُ کپائي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن پورهيت ڀاءُ ڪجھ ڪاٺيون گڏ ڪيون ۽ پنهنجي ماءُ کي چيو: ”امان! آئون هي ڪاٺيون وڪڻڻ لاءِ شهر ڏي پيو وڃان. شايد اهڙي طرح آئون ڪجھ پئسا حاصل ڪري سگهان. گهر ۾ اڄ رات جي کائڻ لاءِ هڪ ڪڻو به نه بچيو آهي.“

ماءُ چيو: ”وڃ پٽ. مونکي پڪ آهي ته اهي ڪاٺيون وڪامي وينديون. پر پٽ، خدا جي واسطي ايڏي محنت نه ڪر نه ته تون به ڪنهن ڏينهن مون وانگر بيمار ٿي پوندين.“

سست ڀاءُ جيڪو وڏي مزي سان پنهنجي هنڌ تي ليٽيو پيو هو، ان هڪ لفظ به نه ڪڇيو. محنتي ڀاءُ ڪاٺين جي لڏ پنهنجي پٺيءَ تي بڌي شهر ڏي نڪري پيو.

سڄو ڏينهن هو شهر ۾ ڦرندو رهيو پر ڪنهن به هن ڪان ڪاٺيون خريد نه ڪيون. هو بيحد اداس ٿي ويو ۽ ڪاٺين جي لڏ کڻي واپس گهر ڏي موٽڻ لڳو. هو دل ۾ اهوئي سوچڻ لڳو ته گهر ۾ ته کائڻ لاءِ ڪجھ به نه آهي. هاڻ ڇا ٿيندو؟ ماءُ لاءِ ماني ڪٿان ايندي؟

هو ڪاٺين جي ڀري پٺيءَ تي رکي جنگل مان گذري رهيو هو. ٿڪ ۽ ڪمزوري ڪري هاڻ انهن ڪاٺين جو بار ڪيس وڌيڪ محسوس ٿي رهيو هو. آخر هلندي هلندي هو ان ننڍي تلاءَ جي ڪناري تي پهتو جتي هو روز ويهي منجهند جي ماني کائيندو هو. هن ڪاٺين جي ڀري پٺيءَ تان لاهي پٽ تي رکي ۽ پاڻ تلاءَ جي ڪناري تي ويهي روئڻ لڳو. اوچتو هن کي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

”ميان تون ڇو روئي رهيو آهين؟“

محنتي ڀاءُ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو پر هن کي ڪجھ به نظر نه آيو. آخر هن چيو:



”تون ڪير آهين ۽ ڪٿي آهين؟“

”تنهنجي قدمن ۾. ذرا هيٺ نهار.“

هن هيٺ ڏنو ته حيران ٿي ويو. تلاءَ ۾ ترندڙ هڪ ڪاٺ جي تختي تي هڪ ڪڇون ويٺو هو. نوجوان چيو:

”ڇا تو ڪجهه ڳالهايو؟“

”ڪڇونءَ جواب ڏنو: ”هائو. هتي مونکان علاوه ڀلا ٻيو ڪير آهي.“

نوجوان چيو: ”ڪڇون تہ ڳالهائي نہ سگهندا آهن.“

ڪڇونءَ وراڻيو: ”آئون نہ فقط ڳالهائي سگهان ٿو پر ڳائي بہ سگهان ٿو. مونکي راڳ تمام گهڻا اڃن ٿا ۽ پسند آهن.“

”راڳ“ نوجوان اهو ٻڌي تعجب ۾ پئجي ويو.

ڪڇونءَ جواب ڏنو: ”هائو. منهنجو تمام سنو سُر آهي. پر تون شايد ڪنهن مصيبت ۾ گرفتار آهين، انڪري تون هتي ويهي روئي رهيو آهين.“

نوجوان ڪڇونءَ کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي. ڪڇونءَ ٻڌي چيو: ”تون مون کي اڪثر ڪاڏو ڪارائيندو رهيو آهين. هاڻ آئون توکي ڪارائيندس.“

نوجوان وائڙو ٿي پڇيس: ”مون توکي ڪڏهن ڪاڏو ڪارايو آهي ـ؟“

ڪڇونءَ چيو: ”هن ئي جاءِ تي ويهي جڏهن تون منجهند جي ماني کائيندو آهين تہ تنهنجي مانيءَ جا ذرڙا ۽ ٻرڪڻ جيڪي ڪري پوندا آهن اهي آئون کائيندو آهيان. هيستائين تو منهنجو پيٽ ڀريو آهي. هاڻ آئون تنهنجو پيٽ ڀريندس.“

نوجوان وراڻيس: ”ڇا تنهنجو مطلب آهي تہ آئون توکي کائي ڇڏيان. هرگز نہ. ائين ڪڏهن بہ آئون ڪري نہ سگهندس. تنهنجي ايڏي همدردي ۽ پيارين ڳالهين بعد تہ آئون توکي کائڻ جو خيال بہ دماغ ۾ نٿو آڻي سگهان.“

ڪڇونءَ چيو: ”ڳالهہ ٻڌ ميان. توکي مون کي کائڻ جي ضرورت ناهي. تون مون کي پاڻ سان شهر وٺي هل. آئون ماڻهن کي راڳ ٻڌائيندس. ماڻهو خوش ٿي توکي پئسا ڏيندا.“

نوجوان سوچ ۾ پئجي ويو. هن جي دل ئي نہ پئي مڃي تہ هي ڪڇون راڳ بہ ڳائي سگهي ٿو. هن چيو: ”ميان ڪڇون. ڇا تون واقعي راڳ ڳائي سگهين ٿو ـ؟“

ڪچوءَ چيو: ”لڳي ٿو تہ توکي منھنجي ڳالھہ تي اعتبار ناهي. چڱو ٻڌ. آئون توکي ڳائي ٿو ٻڌايان.“

اهو چئي ڪچوءَ ڳائڻ شروع ڪيو. هن جو ڳانو توڙي ڪٿي ڪو اهڙو سنو نہ هو پر هڪ ڪچوءَ کي ائين ڳائيندو ٻڌي ڪيس ڏاڍي حيرت ٿي.

نوجوان خوش ٿي ڪچوءَ کي کنيو ۽ واپس شهر ڏي روانو ٿيو. شهر جي ماڻهن جڏهن ڪچوءَ واتان راڳ ٻڌا تہ دنگ رهجي ويا. هنن هن کان پھرين ڪنھن بہ ڪچوءَ کي ڳائيندو تہ ڇا پر ڳالهائيندو بہ نہ ٻڌو هو. جڏهن ڪچوءَ هنن کي ڪيترائي راڳ ٻڌايا تہ ماڻهن پئسن جو مينهن وسائي ڏنو. ڏسندي ئي ڏسندي نوجوان وٽ ڍير پئسن جو ٿي ويو.

نوجوان سڀ پئسا ميڙي چوندي پنھنجي ڪيسي ۾ وڌا، کائڻ پيئڻ جو سامان ورتو ۽ ڪچوءَ کي ڪڇ ۾ دٻائي گھر ڏي موٽيو.

ماءُ جڏهن کائڻ پيئڻ جون اڻتريون شيون ڏٺيون تہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ جڏهن نوجوان پنھنجي ماءُ کي سڄي روئداد ٻڌائي تہ هن کي اڃان بہ وڌيڪ خوشي ٿي.

اڻتري ۾ سست ڀاءُ بہ اندر گهڙيو. ڪچوءَ واري ڳالھہ هن بہ ٻڌي ورتي هئي. هو محنتي ڀاءُ کي چوڻ لڳو: ”تو تمام ٿورا پئسا ڪمايا آهن. هي ڪچون مونکي ڏئي ڇڏ. آئون ايڏو تہ وڏو ڍير پئسن جو ڪمائي ايندس جو تون حيران ٿي ويندين.“

محنتي ڀاءُ جواب ڏنو: ”نہ. تون هن کي ڪٿي ڀڄي ويندين. آئون هي ڪچون توکي هرگز نٿو ڏئي سگھان.“

اهو ٻڌي سست ڀاءُ کي ڪاوڙ وٺي وئي. هن محنتي ڀاءُ کان ڪچون ڦري ورتو ۽ ان کي کڻي شهر ڏي روانو ٿيو.

ڪچوءَ کي ڏسي ماڻهو گڏ ٿي ويا. سست ڀاءُ پھرين تہ هنن کان اڳواٽ پئسا ورتا ۽ پوءِ ڪچوءَ کي هٿ ۾ جهلي هن کي حڪم ڪيو:

”ڳائڻ شروع ڪر.“

ڪڇون ماٺ ۾ رهيو. سست ياءُ ڪاوڙ ۾ اچي ڪڇونءَ جو پيچ ڇڪي زور سان چيو:

”آئون چوان ٿو هاڻ ڳائڻ شروع ڪر.“

پر ڪڇون نڪي هي ڪڇي نڪي هو. ان تي سست ياءُ کي ايڏي چڙ آئي جو غريب ڪڇونءَ کي مارڻ لڳو. پر هن جي مار جي ڪڇونءَ کي ڪهڙي پرواهه. هو هڪدم پنهنجي پٺر جهڙي سخت کوپي ۾ گهڙي ويو.

پهرين ته ماڻهو کلندا رهيا پر پوءِ جڏهن هنن ڏٺو ته ڪڇون راڳ ڳائڻ کان جواب ڏئي وينو آهي ته هو ناراض ٿي پيا ۽ سست ياءُ کان پئسا واپس گهرڻ لڳا. هو رڙيون ڪري چوڻ لڳا:

”هي اهو ڳائڻ وارو ڪڇون ناهي. تون اسان سان دوکو ڪري رهيو آهين.“

سست ياءُ هنن کي سمجهائيندي چيو: ”يقين ڪريو هي اهوئي ڳائڻ وارو ڪڇون آهي جنهن پهرين ۾ توهان کي راڳ ٻڌايا آهن.“

اهو چئي هن زور زور سان ڪڇونءَ کي مارڻ شروع ڪيو. جڏهن هن ڏٺو ته ڪڇونءَ کي مارڻ مان ڪجهه ۾ نٿو وري ته هي هن جي خوشامد ڪرڻ لڳو:

”اڙي يار ڪڇون! ڏاهو ٿي. خدا جي واسطي ڪجهه ڳائي ٻڌاءِ.“

پر ڪڇون خاموش رهيو. اهو ڏسي ماڻهن کي ڪاوڙ وٺي وئي. انهن پاڻ ۾ چيو:

”اچو ته هن دوکيباز فريبيءَ کي صحيح ڪريون ۽ جيئن پاڻ ڪڇونءَ کي ماريو اٿس تيئن کيس موچڙا هڻون.“

اهو چئي هنن سست ياءُ کي ايڏو ته ماريو، ايڏو ته ماريو جو هو بيهوش ٿي ويو. پوءِ هن کي کڻي شهر کان ٻاهر اڇلي آيا.

ڪچون آهستي آهستي هلي ان گهر ۾ موٽي ايو جتي محنتي ياءُ پنهنجي ماءُ سان گڏ رهيو ٿي. هن محنتي ياءُ کي چيو:

”تنهنجي سست ياءُ کي شهر جي ماڻهن ڏاڍو ماريو آهي. هاڻ هو هيڏانهن ڪڏهن بہ نہ ايندو.“

محنتي ياءُ ۽ هن جي ماءُ کي ٻڌڻ تہ ڏاڍو ڏک ٿيو پر ٻوءِ هو اهو سوچي خوش ٿيا تہ هڪ بيڪار ۽ نڪمي ماڻهوءَ مان جان ٻچي وئي.

ٿوري دير بعد ڪچوءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي چيو:

”ڇا اڻون هتي رهي سگهان ٿو؟ ٻيا ڪچون مونکي سنو نٿا سمجهن جو آءُون ماڻهن وانگر ڳالهيون ڪريان ٿو ۽ راڳ ڳايان ٿو. آءُون انسانن سان رهڻ ۾ وڏيڪ خوشي محسوس ڪندس. آءُون توهان لاءِ پئسا بہ ڪمائي سگهان ٿو.“

ماءُ ۽ پٽ چيو: ”ها ها. ضرور. ڇو نہ. تون وڏي خوشيءَ سان اسان وٽ رهي سگهين ٿو. تون اسان کي تمام گهڻو وڻين ٿو.“

۽ پوءِ ڪچون هن پوڙهي ماءُ ۽ محنتي پٽ سان گڏ هنن جي گهر ۾ رهڻ لڳو. محنتي ياءُ اڪثر ڪچوءَ کي شهر وٺي ويندو هو جتي هو ماڻهن جي ميڙ کي راڳ ڳائي ٻڌائيندو هو. ماڻهو ڪچوءَ جا راڳ ٻڌي محنتي ياءُ کي دل کولي پئسا ڏيندا هئا. اهڙي طرح هنن جا ڏينهن سک ۽ آرام ۾ گذرڻ لڳا.

ٻولڙو ۽ باز

اڄ کان صديون اڳ جي ڳالهه آهي تہ جپان جي ڪيوشو ٻيٽ تي هڪ ڳوٺ آباد هو. ان ڳوٺ ۾ هڪ مهاڻو رهندو هو جيڪو تمام نيڪ دل ۽ ايماندار هو. هن کي هڪ نيڪ زال ۽ هڪ ٻار هو. ان ريت هي ٽئي ڄڻا هڪ ننڍڙي جهوپڙيءَ جهڙي گهر ۾ زندگي گذاري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. سمنڊ جو پاڻي لٿل هو ان ڪري ڳوٺ جون ڪيترئون ئي زالون ۽ ٻار سمنڊ جي ڪناري تان سپون ۽ ڪوڏ چونڊڻ لاءِ هلڻ لڳا. هيءَ مهاڻي جي زال بہ انهن سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. هن پنهنجي ننڍڙي ٻار کي ڪپڙي جي پينگهہ ناهي چيلهہ سان ٻڌو ۽ سپون گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجين پاڙيسرين سان گڏ نڪري پيئي. جڏهن هوءَ سمنڊ جي ڪناري تي پهتي تہ هن ڏٺو تہ اتي پهرين ئي ڪيترا ماڻهو ڪوڏ گڏ ڪرڻ ۾ رڌل هئا. اهو ڏسي مهاڻي جي زال پنهنجي ٻار کي هڪ وڏي دڙي تي سمهاري پر ۾ وينل هڪ ٻار کي چيو:

"پٽ! ٿورو منهنجي نينگر جو بہ خيال پيو رکجانءِ."

۽ پوءِ پاڻ سمنڊ جي ڪناري تان وڃي سپون چونڊڻ لڳي. جڏهن هوءَ سپون چونڊي رهي هئي تہ هن ڏٺو تہ اتي هڪ ٻولڙو آهي جيڪو ائين پيو نظر اچي ڄڻ ڪيڏي رهيو هجي. جيئن ئي هن جي نظر ٻولڙي تي پيئي تہ هن ٻين ماڻهن کي چيو:

"ڏسو تہ سهي! هُتي هڪ پولڙو وينو آهي."

ان سان گڏ ٻين مڙسن، زالن ۽ ٻارن بہ ڪنڌ مٿي ڪٽي اوڏانهن ڏٺو۔ واقعي هڪ پولڙو وينو هو.

"هلو، تہ هلي ان کي ڏسي اچون." مهاڻي جي زال چيو ۽ ان سان گڏوگڏ هي سڀ پولڙي ڏي هلڻ لڳا. هو هن جي ويجهو اچي پهتا پر حيرت جي ڳالهہ اها تہ پولڙي هنن کي ايندو ڏسي بہ ڀڄڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

"هن کي ڇا ٿيو آهي؟ اسان کي ويجهو ايندو ڏسي هن کي تہ ڀڄڻ کپي پر هي تہ اتي ئي وينو آهي؟" مهاڻي جي زال چيو ۽ سڀيئي هن جي بلڪل اڳيان اچي بيٺا. ڇا ڪٽي ڏسن تہ هڪ وڏي سنک جهڙي ڪوڏ ۾ پولڙي جو هٿ ڦاٿو پيو آهي ۽ هو پنهنجو هٿ ڇڏائڻ ۾ پريشان آهي.

"هاڻ سمجهيم تہ اها ڳالهہ آهي - ان وڏي ڪوڏ ۾ هنجو هٿ ڦاسي پيو آهي - ان ڪري هي ڀڄيو بہ نٿو سگهي!" مهاڻي جي زال هن تي رحم ڪائيندي چيو. پر هڪ ٻي عورت خوش ٿيندي چيو:

"چڱو ٿيس. هن کي شيطاني ڪرڻ جي سزا ملي رهي آهي."

پولڙو سخت مونجهاري جي حالت ۾ پنهنجو هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو. مصيبت اها هئي تہ هڪ تہ ڪوڏ تمام وڏو هو، ٻيو تہ جيئن جيئن هن هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تيئن تيئن ڪوڏ اڃا بہ وڌيڪ واريءَ اندر گهڙي ٿي ويو. ڪيترائي ڄڻا پولڙي جي هيءَ حالت ڏسي خوشيءَ مان ٽپ ڏيڻ لڳا.

"ڏسو! ڪيئن نہ ڦاٿو آهي. مزو اچي ويو!"

ايتري ۾ هڪ عورت ويجهو پيل سروٽو کڻي پولڙي کي مارڻ جي ٿي ڪئي. هوءَ سروٽو هٿڻ واري ئي هئي تہ مهاڻي جي زال هن کي ائين ڪرڻ کان جهليو.

”نہ هن کي جيترو نہ ڇڏڻ کپي. هي اسان جون ٻنيون ناس ڪري ٿو“ هن مائيءَ ڪاوڙ مان چيو.

”هي تہ غريب جانور آهي ۽ هن وقت مصيبت ۾ آهي. هن کي مارڻ بدران هن جي مدد ڪرڻ گهرجي.“ مهاڻي جي نيڪ دل زال هن کي سمجهائيندي چيو.

اڃا هو اهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ چاڙهہ شروع ٿي ويو ۽ سمنڊ جون ڇتيون ڇوليون ڪناري ڏي وڌڻ لڳيون. سمنڊ جون طوفاني لهرون اڇلجي اڇلجي ڪناري ڏي اچي رهيون هيون ۽ ڏسندي ئي ڏسندي انهن جي تيزي ۽ جوش ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. اهو ڏسي سيني سپون ۽ ڪوڏ ڇونڊڻ ڇڏي ڏنا ۽ جيڪي ڇونڊي ورتا هئائون انهن کي جلدي جلدي ميڙي ڪٺڻ لڳا.

هوڏانهن پولڙو اجان بہ وڌيڪ ڊڄي ويو ڇو جو طوفاني لهرون هن سان اچي ٽي ٽڪرايون ۽ هو ويچارو بازوليون ڪائيندو رهيو. هاڻ هو پنهنجو پاڻ کي ڇڏائڻ جي اجان بہ وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ لڳو پر ڪوڏ جيئن پوءِ تيئن ويو اندر زمين ۾ گهڙندو. اهو ڏسي مهاڻي جي زال کي هن تي ڏاڍو رحم آيو. هوءَ تکين ڇولين جي پرواهہ نہ ڪندي اڳتي وڌي. پوءِ ٻنهي هٿن سان سڄو زور لڳائي ڪوڏ کي کوليو ۽ پولڙي جو هٿ ان مان آزاد ڪيو. ان کان پوءِ هن ڪوڏ کي اندر واريءَ ۾ پوري ڇڏيو ۽ پولڙي کي پيار مان هٿ گهمائيندي چيو:

”مون توکي هن مصيبت مان ڪڍي ورتو آهي. هاڻ تون هتان ڀڄي وڃ!“

پولڙي هن کي مهربانيءَ جي نگاهن سان ڏٺو ۽ جڏهن اتان ڀڄڻ لڳو تہ مهاڻي جي زال هن کي خبردار ڪندي چيو:

”پر ڏسجانءِ، هاڻ اڳتي ڪنهن جي بہ ٻنيءَ کي نقصان نہ رسائجانءِ.“

جيئن ئي هن اهو چيو تہ پولڙو ٽپ ڏئي اتان ڀڄي ويو پر هي

ڇاــ؟ مهاڻي جي زال ڏنون تہ پولڙو اڏامندو اتان پڇندو سڌو ان دڙي ٻي پهنو
جتي هوءَ پنهنجو ٻار سمهاري آئي هئي. پولڙي هڪدم ٻار کنيو ۽
جبلن ڏي منهن ڪري ڀڄڻ لڳو.

”جهليو جهليو پولڙو منهنجو ٻار کنيو پيو وڃي ان کي
جهليو!“ هوءَ دانهون ڪري ٻين ماڻهن کي سڏيندي پولڙي ڏي ڊوڙڻ
لڳي جيئن ان کان ٻار ڦري سگهي. هن سان گڏ ٻيا ماڻهو بہ ٻار کسڻ
لاءِ ڊوڙڻ لڳا.

”اسان تہ هن کي مارڻ ٿي چاهيو پر تو ئي هن جي جان بچائي
هئي!“ سپيئي ماڻهو ڊوڙي بہ رهيا هئا ۽ گڏوگڏ مهاڻي جي زال کي
ڏوهہ بہ ڏيئي رهيا هئا. پاڻ بہ ان وقت اهوئي سوچيندي ڊوڙي
رهي هئي.

”مون پولڙي جي جان بچائي ۽ هن هي چڱو بدلو ڏنو جو
منهنجي ٻار کي ئي کڻي ويو آهي.“ هوءَ ذري ذري دانهون ڪري
پولڙي کي چئي رهي هئي:

”خدا جي واسطي منهنجو ٻار ڏئي وڃ. مون تي رحم ڪر.
منهنجو ٻچڙو واپس ڏي!“

پر پولڙو بندوق جي گوليءَ وانگر پڇندو ويو. هو ايترو تہ تکو
ڊوڙي رهيو هو جو ڪيس ڪو جهلي نٿي سگهيو ۽ نہ ئي هن جي
ويجهو ڪو پهچي سگهيو ٿي. ايتريقدر جو پولڙو هڪ وڏي وڻ وٽ
وڃي پهتو ۽ پوءِ اک ڇنڀ ۾ ان وڻ تي چڙهي ويو. هن ٻار کي اهڙي
طرح سان پاڪر ۾ جهلي رکيو هو جو وڻ تي چڙهڻ مهل هن کي
ڪا رهنڊ بہ اچڻ نہ ڏني.

ڪجهہ گهڙين بعد مهاڻي جي زال ۽ ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو بہ
سهڪندا سهڪندا اچي ان وڻ وٽ پهتا.

”اي پولڙا ! مون تي رحم ڪر ۽ منهنجو ٻار مون کي ڏيئي
ڇڏ!“ مهاڻي جي زال ذري ذري پولڙي کي منٿون ڪرڻ لڳي. پر
پولڙو وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃي ويٺو هو. هن جي ساڄي هٿ

۾ ٻار هو ۽ ڪاٻي هٿ سان ٽارين کي جهلي ويٺو هو. پوءِ ماڻهن ڏٺو تہ پولڙي ڪاٻي هٿ سان وڻ جي ٽاريءَ کي جهلي پينگهہ وانگر لڏڻ لڳو. ٻار تہ پهرين ئي روئي رهيو هو. هاڻ جو پولڙي ان طرح لڏڻ شروع ڪيو تہ هو اڃان بہ وڌيڪ رڙيون ڪرڻ لڳو. ۽ هن جون رڙيون ٻڌي ٻڌي هن جي ماءُ بہ روئڻ شروع ڪري ڏنو.

اينري ۾ هڪ تمام وڏو باز جبلن جي پٺيان ايندو نظر آيو. هن پهرين وڻ ڏي گهُٽ هنئي ۽ پوءِ پولڙي طرف وڌيو. اهو ڏسي ماڻهو ڏڄي ويا. هي ڏک ڀريو نظارو ڏسي مهاڻي جي زال تہ غم ۾ جهڙو ڪر بيهوش ٿي ٿِي ۽ هوءَ اکيون بند ڪري مهاتما ٻڌ کان دعائون گهرڻ لڳي.

”اي عظيم ٻڌ منهنجي ٻچي کي بچاءِ. مون غريب تي رحم ڪر!“

انهي مهل پولڙي لڏڻ بند ڪيو ۽ وڻ جي هڪ ٽڙ تي ويهي رهيو. ان کان پوءِ هن ڪاٻي هٿ سان هڪ ٽاري جهلي پاڻ ڏي ڇڪي ۽ پوءِ جهڙو ئي باز هن تي لامارو هنيو تہ هن ڇڪيل ٽاريءَ کي ڪٽي ڇڏيو. ٽاري هڪ زوردار اڇل سان اڳيان وئي ۽ باز جي مٿي ۾ وڃي لڳي. ٽاريءَ جي لڳڻ سان باز ٻازوليون کائيندو، ڦٿڪندو مٿي پر زمين تي اچي ڪريو ۽ ڪرندي ئي مري ويو. پولڙو وري هڪ ٽاري کي پاڻ ڏي ڇڪيو. ان ئي مهل هڪ ٻيو باز آيو ۽ پولڙي ان تي حملو ڪيو. پولڙي پهرين وانگر وري ان ٽاريءَ کي ڇڏيو جيڪا سڄي زور سان باز جي مٿي ۾ وڃي لڳي ۽ هي باز بہ گهوماٽيون کائيندو وڃي پٽ تي پيو. سڀيئي ماڻهو وڻ جي هيٺان بيهي هي حيرت انگيز نظارو ڏسندا رهيا. انهن ڏٺو تہ ٿوري ئي وقت ۾ پولڙي پنج ڇهہ باز ماري ڇڏيا. جيڪي ان وقت زمين تي ڍير ٿيا پيا هئا.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن خطرو ٽري ويو تہ پولڙو آهستي آهستي وڻ تان هيٺ لٿو. هن آهستي ڪري ٻار کي زمين تي ليٽايو ۽

پاڻ موتي مٿي وڻ تي چڙهي ويو.

هاڻ ماڻهن جي سمجهه ۾ ڳالهه آئي ته پولڙو ٻار کي ڇو ڪٽي آيو هو. دراصل هن ٻازن کي ڏسي ورتو هو جن ٻار کي ڪـٽي وجڻ ٿي چاهيـو. ان ڪري هو ٻار کي بچاءُ لاءِ ڪٽي آيو ۽ وڻ تي چڙهي ويو جيئن ٻار جي زندگي بچائي سگهي. اهڙيءَ طرح مهاڻي جي زال جي احسان جو بدلو چڪائي سگهي جنهن سندس هٿ ڪوڏ مان ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ ماڻهن ڪان هن جي جان بچائي هئي.

ڇيو وجي ٿو ته پوءِ ٻار جي پيءُ مهاڻي کي انهن ٻازن مان چڱي خاصي دولت ملي. هن انهن جا سهڻا کنڀ ۽ پير وڪڻي تمام گهڻا پئسا ڪمايا ۽ هو ڳوٺ جو سڀ ڪان گهڻو شاهوڪار ماڻهو ٿي ويو.

توڪوتارو ــ ساهه ڪڻندڙ گڏو

جپان جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ ڪايا نالي هڪ همراهه پنهنجي زال جيجوءَ سان رهندو هو. هنن وٽ دنيا جون ڪيتريون ئي سهڻيون شيون هيون پر ان هوندي به هو خوش نه هئا. هنن کي ڪوبه اولاد نه هو. هنن کي ٻارن سان پيار هو ۽ چاهيائون ٿي ته ڪين پنهنجو ڪو پٽ يا ڌيءَ هجي. رات ٿيڻ تي جيجو دري اڳيان اچي وهندي هئي ۽ تارن سان ڀريل آسمان ڏي نهاري دل ئي دل ۾ پنهنجي ديوتا سان ڳالهائيندي هئي:

”مهرباني ڪري اسان کي ڪو ٻار ڏيار. اسين هاڻ اهي جوان نه رهيا آهيون. اسان کي هڪ پٽ يا ڌيءَ جي ضرورت آهي.“

موٽ ۾ ڪيس نه ڪو جواب مليو ٿي ۽ نه ٻار. هڪ ڏينهن جيجو مارڪيٽ جي چڪر تي نڪتي. واپسيءَ تي هوءَ بيحد خوش هئي.

”منهنجي زال تون اڄ ڪهڙي ڳالهه ڪري خوش نظر اچي رهي آهين؟“ ڪايا پڇيو.

”هي ڏس.“ جيجوءَ چيو.

۽ پوءِ هڪ دٻو پنهنجي مڙس ڪايا جي حوالي ڪيو. ان دٻي اندر هڪ وڏو گڏو هو.

”هي توڪوتارو نالي هڪ گڏو آهي.“ جيجوءَ چيو.

گڏو بيحد سهڻو هو.

”هي گڏو ته ننڍو لڳي پر هوبهو ٻار ٿو لڳي.“ ڪايا چيو.

”ڇا اهو جيئرو جاڳندو آهي؟ مون کي اهو ته ٻڌاءِ ته تو هي

MRC

ڪٿان آندو؟"

"تورو ترس تہ ٻڌائين ٿي،" جيجوءَ چيو. "هاڻ ٻڌ......

"گذريل هفتي آئون هڪ ننڍڙي دڪان ۾ هيس. دڪان جي شوڪيس ۾ جيئن ئي مون هن گڏي کي ڏٺو تہ مونکي پسند اچي ويو. ان بعد آئون گهر موٽي آيس. پر هر وقت منهنجي دماغ ۾ هن گڏي جي صورت ڦري رهي هئي. هن جون سهڻيون اکيون ڄڻ تہ مونکي چتائي ڏسي رهيون هيون. ان بعد آئون روز ان دڪان ڏي وڃڻ لڳس ۽ ٻاهرين شيشي جي دريءَ مان هن گڏي کي ڏسندي رهيس. چئن ڏينهن بعد آئون دڪان اندر گهڙيس ۽ دڪان جي مالڪ کان پڇيم:

"هن گڏي جي ڇا قيمت آهي؟"

"ٻہ سؤ پين." هن وراڻيو.

ٻہ سؤ پين تمام وڏي قيمت هئي. سو خريد ڪرڻ بنا آئون دڪان مان نڪري آيس. گڏي کي نہ حاصل ڪرڻ جو ڏک دل ۾ ضرور هوم.

ان بعد هر روز پابنديءَ سان ان دڪان ۾ ويندي رهيس ڇو جو هن گڏي کي ڏسڻ بنا آئون رهي نٿي سگهيس.

اڄ دڪان جي مالڪ مونکي چيو:

"منهنجي خيال ۾ هن گڏي کي ڪجهہ ٿي پيو آهي. گذريل سڄو هفتو هن جي منهن تي ڏک جا اهڃاڻ نظر آيا آهن ۽ اکيون پڻ آليون اٿس ۽ ڪالهہ رات ننڊ ۾ مونکي ديوتا چيو:

"اهو گڏو جيجوءَ نالي ان عورت کي ڏئي ڇڏ. اهو ان کي ضرور ملڻ کپي."

"سو هاڻ هي ٻلي نون وڃي ڪڻ. هنجو نالو توڪوتارو آهي."

مون دڪان جي مالڪ کي چيو:

"مون وٽ فقط پنجاهہ پين آهن. آئون توکي ايترائي ڏئي

سگهان ٿي. اچي وٺ."

مون پئسا دڪاندار جي هٿ تي رکي توڪوتارو کنيو ۽ سڌي هتي آئي آهيان.

"ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هي واهہ جو گڏو آهي." ڪايا چيو.

"بيشڪ." جيجوءَ چيو: "آئون بيحد خوش آهيان تہ توکي اهو پسند آيو آهي."

"بلڪل." ڪايا چيو. "مونکي بيحد پسند آهي. ههڙي سهڻي گڏي آڻڻ لاءِ مهرباني. هاڻ، هيڏو عرصو بنا ٻار جي رهڻ بعد اسان پنهنجو پيار هن گڏي کي ڏئي سگهون ٿا. جيتوڻيڪ هي اسان وانگر گوشت پوست جو ساهوارو ناهي."

"نہ." جيجوءَ چيو. "اها ڳالهہ ناهي. جيتوڻيڪ هي جيئرو ناهي پر ڪالهہ مونکي هڪ عورت چيو تہ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڪو ڪنهن گڏي کي سچي دل سان پيار ڪندو آهي تہ هو جيئرو ٿي پوندو آهي."

ٻئي ڏينهن صبح جو ننڍ مان اٿڻ سان ڪايا چيو، "آئون توڪوتاروءَ لاءِ ڪرسي ناهي ٿو وٺان."

۽ جيجوءَ چيو: "آئون هن لاءِ ڪجهہ نوان ڪپڙا ناهي ٿي وٺان."

هنن توڪوتاروءَ کي وهنجاريو سهنجاريو ۽ پوءِ هن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيون. ڪايا مانيءَ جي ٽيبل اڳيان هن جي ڪرسي رکي. ان رات هنن پنهنجي ديوتا کي چيو:

"توڪوتارو اسان جي حوالي ڪرڻ جي مهرباني. اسين هاڻ بيحد خوش آهيون."

ڪجهہ عرصي بعد توڪوتارو هنن لاءِ گڏو نہ پر پٽ وانگر هو. پاڙي پتيءَ جي ماڻهن کي بہ توڪوتارو وڻڻ لڳو. هنن جا ٻار جيجوءَ جي گهر اچي هن گڏي سان کيڏڻ لڳا.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو، جيجو ۽ ڪايا وارا توڪو تارا کي پاڻ سان گڏ ئي سمهڻ ڏيندا هئا. هڪ رات هنن کي ائين محسوس ٿيو ته گڏو پنهنجا ننڍڙا هٿ هنن جي منهن تي گهمائي رهيو آهي. هنن جي هٿن جو ڇهاءُ پرين ڪايا کي محسوس ٿيو ان بعد جيجوءَ کي. پر هنن ڪجهه به نه چيو. هڪ لفظ به نه ڪڇيا.

پوءِ، هڪ رات، توڪوتاروءَ ڪايا جي ٻانهن کي هٿ لاتو. ڪايا اکيون کولي ڏٺو ته سامهون ٻه ماڻهو ڪجهه چورائڻ جي نيت سان بيٺا هئا.

"توهان کي ڇا کپي؟ ۽ هتي ڇو آيا آهيو؟"

"اسان کي تنهنجا پئسا کپن. تو وٽ جيڪا دولت آهي اها هڪدم اسان جي حوالي ڪر." ساڳي ماڻهوءَ وري چيو.

ان تي توڪوتارو ٽپ ڏيئي بستري مان ٻاهر آيو، هو هنن چورن ڏي وڌڻ لڳو.

"ڏس ته سهي،" هڪ چور ٻئي کي چيو، "هي ته گڏو آهي، پر هي ساهوارن وانگر هلي رهيو آهي! هي ته جيئرو جاڳندو آهي! ڀڄ ته ڀڄون! جيترو جلد ٿي سگهي هن گهر مان نڪر."

اهڙيءَ طرح ٻئي چور ڀڄي ويا.

چورن جي وڃڻ بعد ڪايا توڪوتارو ڏي نهاريو. هو ائين ستو پيو هو جڻ ڪيس گهاٽي ننڊ هجي.

"هي اسان لاءِ گڏو نه پر ننڍي ٻار وانگر آهي." ڪايا جيجو کي چيو.

"بلڪل صحيح ٿو چوين." جيجوءَ چيو. ۽ پوءِ ڪا دير هي هن ننڍين ٻار بابت ڳالهائيندا رهيا. ڪجهه هفتن بعد، هڪ دفعو وري توڪوتاروءَ ننڊ مان جيجوءَ کي جاڳايو.

جيجوءَ پنهنجون اکيون کوليون. سندن ڪمري ۾ باهه اچي لڳي هئي. تمام گهٽي باهه.

جيجوءَ پنهنجي مڙس کي ننڊ مان ڏونڌاريو. "اٿ ! اٿ !" هن چيو، "ڀڄ تہ ڀڄون. جلدي ڪمري مان نڪري ٻاهر ٿي نہ تہ هيءَ باهہ ٻاڻ کي ساڙي رکندي." باهہ هاڻ سندن بلڪل ويجهو پهتي هئي. باهہ جي تپش ڪان جسم تي سڙيو.

"جلدي جلدي هنڌ هيٺ لڪايل پئسا کڻ،" ڪايا چيو، "۽ ديوتا جو فوٽو کڻ تہ ٻاهر ڀڄون."

هنن جلدي جلدي ڪمري جو در کوليو ۽ ٻاهر گهٽيءَ ۾ اچي بيٺا. ڪايا، جيجو ۽ توڪوتارو گڏو ڏک مان پنهنجي گهر کي سڙندو ڏسڻ لڳا. باهہ گهر جي هڪ هڪ ڪمري کي وڪوڙي وئي هئي.

ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ان گهٽيءَ ۾ اچي گڏ ٿيا.

"توهان جي اسان ڪهڙي ريت مدد ڪري سگهون ٿا؟" هنن پڇيو.

"دوستو توهان جي مهرباني،" ڪايا چيو، "پر هاڻ ٻاڻ ڪجهہ بہ ڪري نٿا سگهون."

"ڪايا ! هاڻ ٻاڻ ڪٿي رهنداسين،" جيجوءَ رئندي پڇيو، "هاڻ تہ ٻاڻ کي ڪو بہ گهر ناهي."

"اهو تہ صحيح آهي،" ڪايا چيو، "ٻاڻ کي ڪو بہ گهر ناهي. پر اهو بہ شڪر آهي تہ ٻاڻ سڀ جيئرا آهيون. گهر سڙي ويو پر جان تہ سلامت آهي. اها سڀ توڪوتاروءَ جي مهرباني آهي."

باهہ وسائڻ بعد، ڳوٺ جا ماڻهو توڪوتاروءَ جي ڳالهہ ڪرڻ لڳا تہ هو ڪيڏو نہ پيارو ۽ وفادار گڏو آهي.

شام جو روز پوڄا پاٺ مهل ڪايا ۽ سندس زال جيجو پنهنجي ديوتا جو ٿورو مڃيندا هئا.

ان بعد پورا پنج سال ڪايا ۽ جيجو خوشيءَ جي زندگي گذارڻ لڳا. پر پوءِ، هڪ ڏينهن، ڪايا گذاري ويو. جيجو ۽ توڪوتاروءَ لاءِ

جڻ تہ دنيا ئي بدلجي وئي. جيجو هر وقت غمگين رهڻ لڳي. ۽ توڪوتارو پڻ اداس گذارڻ لڳو. شام جو روز توڪوتاروءَ جي ڳلن تي ڳوڙها نظر ايندا هئا.

”هن جي منهن تي ڳوڙها آهن،“ جيجوءَ چيو، ”هن کان اڳ بہ هن جي ڳلن تي ڳوڙها هئا! اهو ڪڏهن هو. ڪڏهن هو! هائو. هاڻ ياد آيم. دڪان جي مالڪ ان بابت مونکي ٻڌايو هو. دڪان تان موٽڻ تي توڪوتاروءَ جي ڳلن تي ڳوڙها هوندا هئا. ۽ پوءِ جڏهن هو گهر ۾ آيو تہ اهي ڳوڙها بند ٿي ويس.“

جيجو ان بعد توڪو تاروءَ سان ڪيترائي سال رهي. هاڻ هوءَ پوڙهي ٿي چڪي هئي پر توڪو تارو اهڙي جو اهڙو هو. هڪ سهڻو ۽ خوبصورت گڏو ٻالڪ جيان.

هڪ ڏينهن جيجو گذاري وئي. جيجوءَ جو ساهہ ان وقت هن جي جسم مان نڪري ويو جنهن وقت سندس پاڪر ۾ توڪو تارو هو. ڳوٺ جا ماڻهو جيجوءَ جي موت جو ٻڌي هن جي گهر آيا. هنن توڪو تاروءَ کي بہ ڏسڻ چاهيو ٿي پر هو گهر ۾ ڪٿي بہ نظر نہ آيو.

”هو ڪٿي ٿي سگهي ٿو-؟ توڪو تارو ڪيڏانهن هليو ويو-؟“ سڀ پڇڻ لڳا. ”توڪو تارو! توڪو تارو!“

توڪوتارو هنن وٽ موٽي نہ آيو. هو پري وڃي چڪو هو. جتان آيو هو. ساڳي دڪان ۾ ساڳي هنڌ تي. هاڻ ڏسجي تہ ڪهڙو خوش نصيب هن کي خريد ڪري ٿو.

راهب جو انصاف

هيءَ تمام پراڻي زماني جي ڳالهہ آهي. جپان جي ڪنهن علائقي ۾ هڪ نوجوان رهندو هو. هي نوجوان اجان ڪنوارو هو ۽ سندس ماءُ پيءُ جي اها آس هئي تہ هو هن جي لاءِ هڪ تمام سٺي ڪنوار آڻين. هنن هن جي لاءِ گهر ڳولڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ جڏهن سندن پسند جي هڪ ڇوڪري ملي ويئي تہ هنن وڏي لاڏ ڪوڏ سان پنهنجي پٽ جي شادي ڪرائي. شاديءَ کي اجان ٿورا ڏهاڙا ئي مس گذريا هوندا جو هن جا ماءُ پيءُ هن جهان مان وفات ڪري ويا. جيئن تہ نوجوان کي هنن لاءِ تمام گهڻو پيار هو، ان ڪري ڪيس هنن جي موت جو ڏاڍو صدمو ٿيو. هو هر وقت اداس اداس رهڻ لڳو.

هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو نوجوان کي پنهنجي ڪم سان ايدو شهر وڃڻ ٿيو. هو ايدو ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيو هو تہ هڪ هنڌ هن کي آرسين جو دڪان ڏسڻ ۾ آيو. هي نوجوان پهريون دفعو ڪنهن شهر ۾ آيو هو سو وائڙن وانگر شهر گهمڻ لڳو. جيئن ئي هن آرسين جو دڪان ڏٺو تہ هو ويتر عجب ۾ پئجي ويو. هو پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳو، هي ڪهڙيون عجيب شيون وڪامي رهيون آهن. هن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو آرسي ڏٺي هئي. هو آهستي آهستي ڪري دڪان جي اندر گهڙيو ۽ هڪ آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏٺو. جيئن تہ هن جي شڪل سندس پيءُ سان گهڻي ملي ٿي ان ڪري هن کي آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ شڪل سندس پيءُ سان ملندڙ جلندڙ لڳي جيڪو فقط ڪجهہ مهنا اڳ گذاري چڪو هو. هاڻ تہ هو واقعي گهڻو حيران پريشان ٿيو. آهستي پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو:

”مون کي اها خبر نہ هئي تہ ڪو منهنجو بيءُ هتي هوندو!“

هن کي پنهنجين اکين تي يقين ئي نہ پئي آيو. هن ٿورو اڳيان بہ ويجهو ٿي پنهنجو منهن آرسيءَ ۾ ڏٺو.

”مار! هي تہ واقعي منهنجو بيءُ آهي جيڪو هتي اچي ويو آهي!“ هن پنهنجو پاڻ کي چيو. پوءِ اڳيان وڌي دڪاندار کان آرسيءَ جو اگهہ پڇيو ۽ پئسا ڏئي آرسي ورتي ۽ خوشيءَ مان پنهنجي گهر ڏي روانو ٿيو.

گهر پهچي هن آرسيءَ کي ڪمري ۾ نهيل ننڍڙي عبادت گهر ۾ سينگاري رکيو. هاڻ هن جو اهو وهنوار ٿي ويو هو تہ ڏهاڙي ڪا دير ان آرسيءَ جي اڳيان گوڏا پيجي وهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ سڄو ڏينهن اتي ويٺي ويٺي گذاري ڇڏيندو هو.

پئي پاسي هن جي زال سخت حيران هئي. هوءَ پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳي تہ هي منهنجو مڙس سڄو سڄو ڏينهن عبادت گهر ۾ ڪري ڇا ٿو؟ پهرين تہ ائين ڪڏهن بہ نہ ڪندو هو. هاڻ ڇا خاص ڳالهہ ٿي پئي آهي؟ هڪ دفعي جڏهن سندس مڙس گهر ۾ نہ هو تہ هوءَ عبادت واري ڪمري ۾ ويئي. جيئن ئي هن ڪمري ۾ اڳيان وڌي ڏٺو تہ آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن نظر آيس. هن کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ڇئبو تہ اها ڳالهہ آهي!“

آرسي ۾ جيتوڻيڪ سندس منهن هو پر سمجهيو تہ اها ڪا ٻي عورت آهي جو هن بہ پنهنجو منهن هن کان اڳ آرسيءَ ۾ نہ ڏٺو هو. هوءَ ڪاوڙ مان ڪڙيون هڻندي ٻاهر نڪتي.

”تہ هاڻ مون کي خبر پيئي تہ منهنجو مڙس ايترو وقت هن ڪمري ۾ ڇو ٿو رهي. هو هن عورت لاءِ اچيو هتي وهي ۽ هن سان گڏ وقت گذاري. اڄ رڳو هن کي اچڻ ڏي تہ آءٌ ٿي خبر لهانس.“

هوءَ ڪاوڙ ۾ ڦوڪيو ويٺي هئي تہ سندس مڙس آيو. هن کي ڏسندي ئي شروع ٿي ويئي:

”توکي شرم نٿو اچي، تون هن ڪمري ۾ هڪ عورت سان گڏ ويٺو رهين ٿو. مون کي چوندو وتين ته عبادت ٿو ڪريان ۽ هوڏانهن ڌاريئين عورت سان ڪچهريون ڪندو وتين. اڄ ته مون پنهنجين اکين سان سڀ ڪجهه ڏسي ورتو آهي.“

هن جو مڙس ڏاڍو حيران ٿيو ۽ پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو:

”هي تون ڇئين چا پيئي. ڇا جي عورت، ڪهڙي عورت، مون ته ڪاب عورت نه ڏٺي؟“

مڙس جي ان جواب تي هوءَ ويتر باهه تي ويئي ۽ رڙ ڪري چيو:

”ته هاڻ تون مون سان بهانا پيو ڪرين، مون سڀ ڪجهه پنهنجين اکين سان ڏسي ورتو آهي. تون پاڻئين ٿو گهر ۾ رن اچي وهاريندين ته مون کي خبر ئي نه پوندي. تو هن کي سون جي فريم ۾ بند ڪري رکيو آهي.“

هاڻ ته هن جو مڙس اڃان به وڌيڪ حيران ۽ پريشان ٿي ويو. هن زال کي سمجهائيندي چيو:

”هوش جي ڪا دوا وٺ ـ بڪين ڇا پئي. هو ته منهنجو پيءُ آهي ۽ تون هن کي منهنجي وهاريل ٿي سمجهين!“

اهڙيءَ طرح هو ٻئي پنهنجو پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا، ۽ ٻنهي مان ڪوب ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو ـ اتفاق سان انهيءَ وقت راهب ڪنهن مندر مان ٿيندي اتان اچي لنگهي. هن هنن کي وڙهندو ڏسي ان جو سبب پڇيو:

”توهان ٻئي پنهنجو پاڻ ۾ چو پيا وڙهو. ڇا ڳالهه آهي؟“

جواب ۾ عورت امالڪ وراڻيو:

”منهنجي مڙس گهر ۾ هڪ رن کي اچي وهاريو آهي.“

ان تي مڙس ترديد ڪندي چيو:

”اهو ڪوڙ آهي. آءٌ تہ پنهنجي ٻچيءُ کي وٺي آيو آهيان ۽ هيءَ هن کي رن ٿي چوي.“

وري ٻنهي ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو. ان تي اها نيڪ عورت راهبہ هنن کي ماٺ ڪرائيندي چيو:

”چڱو، هڪ منت لاءِ ماٺ ڪريو. مون کي پنهنجين اکين سان ڏسڻ ڏيو.“

”ها ها. ڀلي ڏس. توکي خود يقين اچي ويندو.“

ٻنهي هڪ ئي آواز ۾ چيو ۽ راهبہ عبادت واري ڪمري ۾ هلي ويئي. هن اتي وڃي ڏٺو تہ آرسيءَ ۾ ڪيس هڪ راهبہ جي شڪل نظر آيس جيڪا دراصل سندس ئي هئي. هوءَ اهو ڏسي موٽي آئي ۽ ٻنهي کي سمجهائيندي چيو:

”هاڻ توهان ٻنهي جو وڙهڻ اجايو آهي. هوءَ عورت تہ دراصل پنهنجن گناهن تي پڇتائي هڪ راهبہ ٿي پيئي آهي. هن توبهن ڪري ورتي آهي ۽ هاڻ توهان کي کپي تہ توهان بہ هن کي معاف ڪري ڇڏيو!“

راهبہ جي ايترو چوڻ تي هو ٻئي واٽڙا ٿي ويا ۽ جهيڙو ڪٽي بند ڪيائون. راهبہ هنن کان موڪلائي ٻاهر نڪتي ۽ هنن ٻنهي واقعي ان عورت کي معاف ڪري ڇڏيو جيڪا توبهن زاري ڪري هڪ نيڪ عورت — راهبہ ٿي وئي هئي.

عجيب سوڪڙيون

ڳالهه ٿا ڪن تہ ڪنهن زماني ۾ هڪ بادشاهہ هو جيڪو بيحد ڏاهو ۽ انصاف وارو هو. هن کي پنهنجي رعيت سان تمام گهڻو پيار هو پر هن کي لالچي ۽ دوکيباز ماڻهو بلڪل پسند نہ هئا.

هڪ ڏينهن بادشاهہ پنهنجي نوڪر سان گڏ پٽي راند کيڏي رهيو هو تہ هڪ ڳوناٺو هڪ تمام وڏو ڪدو کڻي هن جي محلات ۾ آيو. بادشاهہ سلامت هيڏو وڏو ڪدو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ دل ئي دل ۾ ڪلڻ لڳو تہ هيڏو وڏو ڪدو بہ ٿي سگهي ٿو. ڳوناٺي هاريءَ وڏي ادب سان جهڪي بادشاهہ کي سلام ڪيو. بادشاهہ هن کان پڇيو:

”هيڏو وڏو ڪدو ڪيڏانهن کڻيو پيو وڃين؟“

”سائين منهنجا، هي مون توهان لاءِ آندو آهي. بورچي کي چئو تہ هن جو ٻج ڪڏي ٻاهر نہ اڇلي ڇڏي. ان کي هو پاڻ وٽ ئي رکي. انهن ٻجن جو اڌ آئون ايندڙ سال جي پوک لاءِ توهان کان وٺي ويندس باقي اڌ توهان پنهنجن دوستن ۾ ورهائي ڇڏجو.“

”وڏي وڏي مهرباني، منهنجا دوست.“ بادشاهہ ڪدو وٺندي هن کي چيو. ”هاڻ رڌڻي ۾ وڃي ڪجهہ ماني کاءُ.“

ڳوناٺو ويو تہ بادشاهہ پنهنجي نوڪر کي چيو: ”هي شخص ايڏو پري کان مون لاءِ ڪدو کڻي آيو آهي. هن کي منهنجو ڪيڏو نہ خيال آهي. هاڻ ٻڌاءِ تہ آئون هن کي سندس سوکڙيءَ جي بدلي ۾ ڇا ڏيان؟“

نوڪر وراڻيو: ”سرڪار، ڀيرين ته هن ڳوٺاڻي جو امتحان ورتو. ڪٿي ھي توھان سان ڪا ٺڳي يا اٽڪل سٽڪل ته نه ڪري رهيو آهي. ان بعد توهان هن کي انعام ڏيو.“

بادشاھ سلامت ڳوٺاڻي همراھ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ هن کان پڇيو: ”تون هن ڪدوءَ جي بدران ڪهڙي انعام وٺڻ پسند ڪندين؟“

”سائين، مون توهان کي ٻڌايو نه ته مون کي هن ڪدو مان نڪتل ٻجن جو اڌ ڏجو. بس اهوئي منهنجو انعام آهي.“

بادشاھ اهو ٻڌي خوش ٿيو ته هن بنا ڪنهن لالچ جي بادشاھ لاءِ سوکڙي آندي آهي. بادشاھ انعام ۾ ڳوٺاڻي کي هڪ خوب صورت گهوڙو ڏنو. ڳوٺاڻي بادشاھ جا ٿورا مڃيا ۽ گهوڙي تي سوار ٿي گهر روانو ٿي ويو.

ڳوٺاڻي جي پاڙي ۾ ڳوٺ جو وڏيرو رهيو ٿي. هو بيحد لالچي مڙس هو. هن ڳوٺاڻي غريب جي اها ڳالهه ٻڌي ته دل ۾ چوڻ لڳو: ’آئون بادشاھ کي پنهنجو سڀ کان بهترين گهوڙو سوکڙي طور ڏيندس. جنهن جي بدلي ۾ هو پڪ مونکي تمام وڏو انعام ڏيندو.‘

ٻئي ڏينهن وڏيرو گهوڙي کي بادشاھ جي محلات ۾ وٺي آيو. بادشاھ ان ئي نوڪر سان گڏ منجهند جي ماني کائي رهيو هو. وڏيري سلام ڪيو ته بادشاھ پڇيو: ”ڪريو خبر، ڪيئن اچڻ ٿيو؟“

وڏيري چيو: ”سرڪار، آئون پنهنجو خوبصورت گهوڙو توهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”وڃ، ان کي وڃي اصطبل ۾ ٻڌ. آئون ماني کائي اچي ٿو ڏسان.“

وڏيرو گهوڙي کي اصطبل ڏي وٺي ويو ته پٺيان بادشاھ نوڪر کان پڇيو: ”هن ويچاري مون لاءِ گهوڙو آندو آهي. لڳي ٿو ته

هن کي مون سان تمام گهڻي محبت آهي. ٻڌاءِ ته آئون هن کي ڇا ڏيان؟"

نوڪر وراڻيو: "سرڪار، ٻهرين هن جو امتحان ورتو. ڪٿي هي توهان سان دوکو ته نه پيو ڪري."

ماني کائي بادشاهه اصطبل ۾ ويو ۽ گهوڙو ڏسي وڏيري کي چيو: "هي گهوڙو سچ پچ تمام خوبصورت آهي. مون پنهنجي زندگي ۾ اهڙو گهوڙو نه ڏٺو. ٻڌاءِ ته ان جي بدلي ۾ آئون توکي ڪهڙو انعام ڏيان؟"

"سائين، جيڪڏهن توهان مونکي ان جي عيوض ڪا جاگير ڏيو ته مهرباني ٿيندي." وڏيري چيو.

"آئون توکي ان ڪان ٻه سني سوڪڙي ڏيندس." اهو چئي بادشاهه بورچيءَ کي سڏايو ۽ هن کان پڇيو ته ڪدوءَ جا ٻج ڪٿي آهن.

"سرڪار، مون سڀ ٻج سنڀالي رکيا آهن." بورچيءَ چيو.

"واهه جو ڪم ڪيو اٿئي. چڱو هاڻ هينئن ڪر جو انهن ٻجن جا پورا ٻه حصا ڪر. هڪ حصو هن وڏيري کي ڏي ۽ ٻيو حصو پنهنجي ڳوٺائي دوست لاءِ رکي ڇڏ."

۽ اهڙي طرح هڪ لالچي وڏيري کي هڪ خوبصورت گهوڙي جي بدلي ۾ ڪدوءَ جي ٻجن جا فقط چند ڪڻ نصيب ٿا.

وڏي ۾ وڏي آڪاڻي

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي. جپان جي هيگو، ست سوما ۽ مينو شهرن جي ٽن رهاڪن 'ايسي' درگاهہ جي زيارت جو ارادو ڪيو ۽ سفر تي روانا ٿيا. رستي تي هڪ هوٽل آئي جتي هو ماني کائڻ لاءِ ترسيا. جڏهن ماني لاءِ ڪرسين تي وهڻ وارا هئا تہ مسئلو هي اچي پيدا ٿيو تہ وچئين ڪرسيءَ تي ڪير وهي —؟ ان ڪرسيءَ تي وهڻ ظاهر آهي تہ عزت جي نشاني هئي ۽ ان تي هنن ٽنهي مان هر هڪ وهڻ چاهيو ٿي. جڏهن هو ان جو فيصلو ڪري نہ سگهيا تہ منجهائڻ هڪ چيو:

"اچو تہ پاڻ واري وٽيءَ تي آڪاڻي ٻڌايون. اسان مان جيڪو بہ ڪا وڏي آڪاڻي ٻڌائيندو ان سمجهيو تہ کٽيو ۽ اهو هن وچئينءَ ڪرسيءَ تي ويهي سگهي ٿو."

"بلڪل صحيح آهي. اهو فيصلو اسان کي منظور آهي."

باقي ٻن ڄڻن راضي ٿي چيو.

"چڱو. هاڻ تون پنهنجي آڪاڻي ٻڌاءِ؟"

هڪ چيو، جنهن تي ٻئي وراڻيس:

"نہ. پهرين تون ٻڌاءِ!"

بهرحال هو ٽئي انهيءَ ڳالهہ تي بحث ڪرڻ لڳا تہ پهرين ڪير آڪاڻي ٻڌائيندو. هر هڪ ٻئي کي پهرين ٻڌائڻ لاءِ چوڻ لڳو. اهڙي ريت جڏهن انهن ۾ ڪو فيصلو نہ ٿي سگهيو تہ هڪ چوڻ لڳو.

"اهڙي طرح تہ ڳالهہ ڪڏهن بہ اڳتي وڌي نہ سگهندي.

هيئن ٿا ڪريون جو فيصلي لاءِ ڪنهن ٻئي کي ڪٺي ٿا سڏايون."

پوءِ هن هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ هڪ عورت کي سڏايو ۽ انکي چئو:

"اسان فيصلو ڪيو آهي تہ آکاڻي ٻڌائڻ جو مقابلو ڪريون ۽ جيڪو سڀ کان وڏي آکاڻي ٻڌائيندو اهو کٽڻ وارو سڏبو. پر اسان مان ڪوبہ شروعات ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هرڪو پاڻئين تہ پهرين ڪو ٻيو ٻڌائي."

ايترو چئي هن عورت کي عرض ڪيو:

"تون هيئن ڪر جو پني جا ٽي ٽڪرا ڪٽي انهن تي هڪ کان ٽن تائين انگ لک. اسان ٽئي انهن مان هڪ هڪ پنو کڻنداسين. پوءِ پُکن ۾ جنهن جو جيڪو نمبر آيو، اهو ان موجب آکاڻي ٻڌائيندو."

هن عورت ائين ئي ڪيو. پني جا ٽي ٽڪرا ڪنيا ۽ انهن تي هڪ، ٻہ ۽ ٽي انگ لکيا ۽ پنن کي ويڙهي سيڙهي هنن وٽ کڻي آئي.

"اچي، هاڻ توهان مان هرڪو انهن مان هڪ هڪ پنو کڻي."

عورت چيو، پر هو ٽئي وري هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا:

"پهرين تون کڻ!"

"نہ پهرين تون پنو کڻ!"

"آءٌ چو کڻان ـ تون کڻ!"

اهڙيءَ طرح هڪ دفعو وري انهن جي وچ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو. آخر هيڳو شهر جي رهاڪوءَ چيو:

"چڱو ڀلا پهرين آءٌ ٿو پنو کڻان." اهو چئي هن هٿ اڳيان وڌايو ۽ پنن جي ٽڪرن مان هڪڙو کنيو.

"ڪهڙو نمبر آهي ـ اسان کي بہ ڏيکار؟"

باقي ٻہ بي صبريءَ سان پڇڻ لڳا ۽ جڏهن هن پنو کولي ڏنو تہ ان تي ٽن جو انگ لکيل هو. ان کان پوءِ ست سوما جي ماڻهوءَ پنو کنيو ۽ کوليو تہ ان تي هڪ جو انگ لکيل هو.

"بس هاڻي باقي ٽي کي پني کڻڻ جي ضرورت ناهي جو باقي

رهيل نمبر ٻن جو آهي.“ هنن ٻنهي مينو شهر جي رهاڪوءَ کي چيو. ۽ پوءِ هيگو شهر جي همراهه ست سوما شهر جي ماڻهوءَ کي چيو:

”تنهنجو پهريون نمبر آهي. پهرين تون پنهنجي ڳالهه شروع ڪر.“

هاڻ هو ڪيئن ٿي انڪار ڪري سگهيو؟ سو هن آکاڻي شروع ڪئي. چوڻ لڳو:

”ست سوما شهر جي ڪابه غير معمولي ڳالهه ناهي سواءِ ان جي ته اتي هڪ ڪافور جو تمام وڏو وڻ آهي جيڪو اندران پورو آهي. هن جي اندر هڪ ايڏو ته وڏو ڪمرو آهي جو ان ۾ هڪ سؤ تونئريون وڇائي سگهجن ٿيون.“

”اها ته تمام وڏي ۽ غير معمولي ڳالهه آهي.“

باقي ٻن تعجب مان چيو. ۽ هاڻ مينو شهر جي رهاڪوءَ جي واري هئي ڇو ته ٻيو نمبر ان جو نڪتو هو. سو هن آکاڻيءَ جي شروعات ڪندي چيو:

”اسان جي شهر مينوءَ جي ڪابه خاص ڳالهه نه آهي سواءِ ان جي ته اتي هڪ تمام وڏو ڍڳو رهي ٿو.“

”اهو ڪيڏو وڏو آهي -؟“

ٻنهي هن جي ڳالهه اڌ مان ڪٽي پڇيو.

تنهن تي مينو شهر جي رهاڪوءَ چيو:

”هي ڍڳو ايترو وڏو آهي جو مينو شهر ۾ بيٺي بيٺي بيوا ڍنڍ جو پاڻي پي سگهي ٿو. ۽ هيءُ هڪ ئي ڍڪ ۾ سڄي ڍنڍ خالي ڪريو وڃي.“

”واقعي اها هڪ تمام وڏي ۽ غير معمولي ڳالهه آهي.“ باقي ٻن ڄڻن تعجب مان چيو. هاڻ وارو هيگو شهر جي رهاڪوءَ جو هو. هو دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو.

”هنن ٻنهي اهڙيون ته سنيون ۽ عجيب ڳالهيون ٻڌايون آهن، جو هاڻ مون لاءِ ان کان سٺي آکاڻي ٻڌائڻ مشڪل ٿي پيو آهي.“

ايتري ۾ باقي ٻه ڄڻا چوڻ لڳا:

”اسان توکان به آکاڻي ضرور ٻڌنداسين.“

”چڱو ته ٻڌو. هاڻ آءٌ ڳالهه ٿو ٻڌايانوَ.“

هيگو شهر جي همراهه ڪجهه سوچيندي چوڻ شروع ڪيو.

”هيگو شهر ۾ ڪابه خاص وڏي شيءِ نه آهي سواءِ ان جي ته اتي به ساڳ جا وڻ آهن!“

ٻين ٻن ڄڻن هن جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪپيندي ان بابت وڌيڪ معلوم ڪرڻ گهريو. ان تي هيگو شهر جو همراهه پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو:

”هي ساڳ جا ٻئي وڻ ايڏو ته تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن جو ٻن ٽن سالن جي مدي ۾ وڏي وجي ڪڪرن سان لڳندا.“

”واه واه! — واقعي ائين آهي؟!“

ٻنهي جو عجب مان وات کلي ويو. وري اهي پڇڻ لڳا: ”پر اهي ايترو ڊگها ڇو ٿيندا وڃن؟“

جڏهن هنن اهو سوال ڪيو ته هيگو شهر جي همراهه ڏاڍي سڪون سان جواب ڏنو:

”دراصل اسانجو ارادو اهو آهي ته اسان ڪافور جي ان وڻ کي وڍيون جيڪو شهر ست سوما ۾ آهي. ان کي وڍي ان مان دهل ناهيون. پوءِ ان ڏڪي جي کل لاهيون جيڪو شهر مينو ۾ آهي، ۽ اها کل ان دهل تي چاڙهي ڇڏيون. ان کان پوءِ ساڳ جا ٻئي وڻ دهل وڄائڻ لاءِ ڏونڪن طور ڪم آڻيون. انهيءَ لاءِ اهي ايڏا وڏا ٿي رهيا آهن.

جيئن ئي هن اها ڳالهه چئي، ٻين ٻن ڄڻن ڪٽي ڪنڌ جهڪايو ۽ هيگو شهر جو رهاڪو ان وچئين ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو جنهن ڪارڻ هي سڄو جهيڙو شروع ٿيو هو. واقعي هو مينو ۽ ست سوما شهرن جي رهاڪن کان گهڻو لائق ۽ ان ڪرسيءَ تي وهڻ جو حقدار هو.

شينهن جي روپ ۾ عورت

ڪنهن زماني ۾ 'نم سان' نالي هڪ همراهه چين ۾ رهندو هو. نم سان کي ڪيترائي ٻار هئا پر زال ڪاٻه نه. هن جي زال مري چڪي هئي. هو پاڻ مالهي هو. باغ جي ڪم ۾ جيتوڻيڪ هو تمام هوشيار هو پر پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ بنهه غريب هو. صبح جو سوير هو ڪم تي ويندو هو ۽ سج لهڻ کان اڳ پنهنجن ٻارن وٽ موٽي ايندو هو.

"بابا!" ڪانئس سندس ٻار پڇندا هئا، "پاڻ ايترو غريب ڇو آهيون؟ ٻين جي ٻارن کي ڏسي اسين به چاهيون ٿا ته اسين به پئسي وارا ٿيون. اسين به سٺو کاڌو کائون. اسان به نوان ۽ سٺا ڪپڙا پهريون. اسان به .... اسان به...."

"پر وڌيڪ پئسو آئون ڪٿان آڻيان —؟" هن پڇيو، "ڪيئن آڻيان؟ ڪٿان آڻيان؟"

هر ايندڙ ڏينهن جي شام گذريل ڏينهن جهڙي اداس ٿي ٿي.

هڪ شام جو نم سان ڪم تان موٽڻ بعد ٽهلڻ هليو ويو. هو بيحد غمگين هو. هو پنڌ ئي پنڌ هلندو ويو، ۽ پوءِ هڪ باغيچي جي سامهون، ٿڪ ڀڄڻ لاءِ ويهي رهيو. باغيچي جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو گهر هو. ان گهر جي ٻاهران هڪ خوبصورت عورت ويٺي هئي.

"تون ڪير آهين؟" هن حسين عورت نم سان کان پڇيو.

"آئون 'نم سان' آهيان."



”مهرباني ڪري اندر اچ،“ عورت چيو. ”اچي مون سان ماني کاءُ.“

هو اندر ويو. پوءِ ٻنهي گڏجي ماني کاڌي ۽ ڪا دير پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا رهيا.

”آئون هڪ بيحد ڏکويل انسان آهيان،“ نم سان چيو، ”مون وٽ پنهنجن ٻارن لاءِ ڪو پائي پئسو نہ آهي.“

”منهنجي پڻ ڏک ڀري ڪهاڻي آهي.“ ان خوبصورت عورت چيو. ”آئون شاهوڪار ضرور آهيان پر ڏکويل پڻ آهيان. منهنجو ڪوبہ سڄڻ ساٿي نہ آهي. ڪا ساهيڙي جيڏي ناهي. بهرحال اڄ آئون خوش آهيان تمام گهڻو خوش. مهرباني ڪري منهنجي گهر وري بہ ايندو رهجانءِ. اچي وٽ هي ڪجهہ پئسا اٿئي. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ هن مان نوان ڪپڙا ونجانءِ.“

نم سان عورت جو ٿورو مڃيو ۽ ان بعد گهر ڏي موٽيو. ٻئي ڏينهن هو پئسا کڻي بازار روانو ٿيو ۽ ٻارن لاءِ اوچا اوچا ڪپڙا وٺي آيو. ٻار اهي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا.

”بابا! هھڙا سنا ڪپڙا ڪٿان آندانوَ؟“ ٻارن پڇيو.

۽ پوءِ ڪين گذريل رات وارو سڄو قصو ڪري ٻڌايو تہ ڪيئن هن سان هڪ اجنبي عورت جي ملاقات ٿي جنهن هن کي پئسا ڏنا.

”هن عورت کي اسان ٻاران پڻ مهرباني چئج. هينئر ئي هن عورت وٽ وڃ ۽ ھھڙن سنن ڪپڙن لاءِ ٿورا مڃيس“ ٻارن پنهنجي پيءُ کي چيو.

نم سان هن عورت جي گهر ويو ۽ شڪريو ادا ڪيو. نم سان کي وري ڏسي هوءَ ڏاڍو خوش ٿي. ۽ هي بہ هن سان ملي خوش ٿيو.

”مهرباني ڪري وري ڀيو اچجانءِ“ هن نم سان کي چيو. ۽ نم سان کي ان بعد جڏهن بہ وقت مليو ٿي تہ هن وٽ ويو ٿي. هوءَ

تمام گهڻي سهڻي هئي ۽ نرم دل پڻ. ۽ نم سان کي هوءَ ڏاڍي وڻي ٿي. نم سان کي هوءَ نه فقط وڻي ٿي پر دل جان سان پيار به ڪيو ٿي.

هڪ ڏينهن، نم سان ٻهراڙي ڏي نڪري ويو.

”نم سان..... نم سان.“ ڪير هن کي سڏي رهيو هو. هن هيڏي هوڏي نهاريو پر ڪيس ڪجهه به نظر نه آيو.

”ڪير آهي؟“ نم سان پڇيو.

”گهڻا سوال نه ڪر. ۽ مون ڏي ڪن ڏي. توکي هڪ عورت سان پيار ٿي ويو آهي. تون هر وقت هن بابت سوچيندو رهين ٿو. پر هوءَ عورت ناهي. هوءَ شينهڻ آهي. هوءَ فقط ڪڏهن ڪڏهن عورت جو روپ ڌاري ٿي نه ته هوءَ خطرناڪ جانور آهي. هن کي جي اصلي روپ ۾ ڏسڻو هجئي ته هن کي هينئر وڃي ڏس. هينئر هن جي گهر وڃ. هينئر وڃ.“

”نه نه. اهو هرگز صحيح ناهي.“ نم سان چيو.

هو ان عورت جي گهر ڏي روانو ٿيو. گهر پهچي گهر جو دروازو کولي اندر داخل ٿيو. هوءَ سامهون واري ڪمري ۾ نه هئي. هو ٻئي واري ڪمري ۾ ويو. پر اتي به عورت نه هئي.

”تون ڪٿي آهين؟ تون ڪٿي آهين؟“ نم سان رڙ ڪئي.

هو ان بعد بيڊ روم ۾ گهڙيو. اتي، بستري جي پير ۾ هڪ شينهڻ ويٺي هئي.

”گررر....!“

شينهڻ گجگوڙ ڪري نم سان ڏي وڌي. نم سان ڊپ مان ڪرسيءَ پٺيان وڃي لڪيو.

”نه نه. آئون مرڻ نٿو چاهيان“ نم سان چيو.

”هي اهوئي ته گهر آهي جنهن ۾ رهندڙ عورت کي مون دل سان چاهيو. پر هاڻ منهنجو موت هن ئي گهر ۾ ٿيڻ وارو آهي.“

خوف ۽ هراس مان نمر سان ڪٽي اکيون پوريون. ان وقت ڪنهن جي هٿن جو ڇهاءُ هن محسوس ڪيو. هڪ عورت جي هٿن جو.

هن پنهنجيون اکيون کوليون. عورت جو هٿ هن جي ٻانهن تي هو۔ هڪ خوبصورت عورت جو هٿ.

”مهرباني، نمر سان. مهرباني.“ عورت چيو.

”مون ڪي تنهنجي مهرباني مجڻ کپي“، نمر سان چيو، ”هوءَ شينهڻ مون کي مارڻ واري هئي. تو منهنجي مدد ڪئي.“

”نہ نہ. تو منهنجي مدد ڪئي.“ عورت چيو، ”تنهنجن ٻولن منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي آهي.“

”اهو ڀلا ڪيئن؟“ نمر سان پڇيو.

”هڪ ڏينهن هڪ پوڙهي عورت مونتي جادوءَ جا منتر پڙهي شينهڻ بنائي ڇڏيو. ڪڏهن ڪڏهن آئون عورت جي روپ ۾ ٿي سگهيس ٿي پر فقط ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ. ان بعد آئون وري شينهڻ ٿي رهيس ٿي. ان پوڙهي عورت اهو چيو هو تہ:

’توکي فقط هڪ شيءِ ئي بچائي سگهي ٿي ـــ مرد جو سچو پيار.....‘

”تو مون کي سچو پيار ڏنو ۽ هاڻ آئون هڪ دفعو وري هميشه لاءِ عورت ٿي وئي آهيان. ۽ تنهنجي زال ٿي باقي زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ جي خوشي اٿم.“

ٻار ڪائڻ واري ڇوڪري

هيءَ پراڻي زماني جي ڳالهه آهي. جپان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٽي نوجوان رهندا هئا. انهن ٽنهي ڄڻن اهو فيصلو ڪيو ته ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ هلي چار پئسا ڪمائجن. سو هو ان ارادي سان سفر تي روانا ٿيا.

ٽئي دوست هلندا ويا. رستي تي ڪيترا ڳوٺ آيا ۽ لنگهي ويا. ڪيترائي جبل آيا جن کي هو ٽپندا ويا، اهڙيءَ ريت هلندا هلندا هو هڪ اهڙي جاءِ تي اچي پهتا جتي هڪ تمام وڏي زميندار جو گهر هو. هنن اتي ڏٺو ته دروازي تي لڪيل هو ته زميندار کي هڪ اهڙي نوجوان جي ڳولا آهي جيڪو سڄي ملڪ ۾ گهٽي ڪان گهٽو قابل ۽ ذهين هجي جيئن زميندار هن سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪري سگهي. انهن ٽنهي ڄڻن جڏهن پڙهيو ته خوش ٿي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا:

”هيءَ ته اسان لاءِ هڪ خوشخبري آهي. هلو، پنهنجي قسمت آزمائي ونون.“

۽ هو ٽئي ڄڻا گهر جي وڏي دروازي مان اندر لنگهي ويا. زميندار انهن کي وهاريو، ڳالهيون ڪيون ۽ اندازو لڳايو ته نوجوان قابل آهن. انهن ۾ ڪوبه گهٽ نٿي لڳو. ان ڪري هن فيصلو ڪيو ته انهن جو امتحان ورتو وڃي. جيئن هن مان ڪنهن هڪ کي چوندي سگهجي. اهو سوچي هن کين چيو:

”منهنجي گهر جي اوڀر ۽ اولهه طرف ۽ سامهون هڪ هڪ هزار ٻنيءَ جا ٻارا آهن جن ۾ چانورن جو فصل پڪو بيٺو آهي. توهان

مان هر هڪ کي هڪ هڪ ٻاري جو فصل لٽڻو آهي جيئن آءٌ ان ڳالهہ جو اندازو لڳائي سگهان تہ منهنجي ڌيءَ لاءِ سڀ کان بهتر سگهڙو آهي.“

تنهي نوجوان مان هر هڪ کي هڪ ئي آس هئي تہ هو زميندار جو ناٺي ٿئي، ان ڪري هو جهٽ پٽ تيار ٿي ويا. هن هڪ تمام وڏي ديڳڙي ۾ ايترو تہ پٽ رڌيو جو ٽيهہ ماڻهن لاءِ بہ گهڻو ٿئي. پوءِ اهو سڀ هن ٽن ڄڻن کائي ورتو. ان کان پوءِ هڪ نوجوان اوپر ڏي، هڪ اولهہ ڏي ۽ هڪ سامهون پنهنجي پنهنجي ٻاري مان فصل لٽڻ ۾ لڳي ويو. ايترو ٻارو لٽڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ کي گهڻ ۾ گهڻ ڏهہ ڏينهن لڳن پر هن ٽنهي نوجوانن پنهي هٿن ۾ ڏانٽا جهلي اهڙي تہ وٺ ونان ڪئي جو هڪ ئي ڏينهن ۾ پنهنجو پنهنجو ٻارو خالي ڪري ورتو ــ ۽ پوءِ ڪم ختم ڪري ٽئي ڄڻا هڪ ئي وقت زميندار وٽ پهچي چوڻ لڳا.

”اسان پنهنجي پنهنجي ٻاري جا ڇانور ڍير ڪري ورتا آهن.“

ان تي زميندار عجب کائيندي چيو:

”آءٌ توهان ٽنهي جي ڪم کان حيران آهيان. توهان ٽئي ڄڻا قابليت ۾ برابر برابر آهيو.“

وري هن نوجوانن کي چيو:

”منهنجو خيال آهي تہ توهان ڪجهہ ڏينهن هتي رهي ڪم ڪار ڪريو تہ آءٌ ڪو فيصلو ڪري سگهان.“

ٽنهي نوجوانن، زميندار جي هيءَ آڇ قبول ڪري ورتي ۽ هو اتي نوڪر ٿي ڪم ڪرڻ لڳا.

هنن کي اتي رهندي ڪجهہ ڏينهن گذري ويا هئا پر هو ان ڳالهہ کان سخت نااميد هئا تہ اڃا تائين هنن زميندار جي ڌيءَ جو منهن بہ نہ ڏٺو آهي. فقط هڪ بہ دفعو هنکي پنيرو ويندي ڏٺو هئائون. ان ڪري هنن ٽنهي مان هر هڪ هن کي ڏسڻ لاءِ ماندو هو. آخرڪار هڪ رات هنن مان بہ ڄڻا ٽئين کي رات جو ننڊ ۾ ستل

ڇڏي لڪي لڪي زميندار جي گهر ۾ اندر ان حصي ۾ پهتا جتي هنن جي سمهڻ جا ڪمرا هئا. انهن ڇوڪريءَ جي ڪمري وٽ پهچي اندر ليئو پاتو. جيئن ئي هنن ليئو پاتو ته هنن جا هوش حواس خطا ٿي ويا. ڪمري جي اندر ڇوڪري اڇي رنگ جو وڳو پائي بيٺي هئي ۽ سندس وار ڪنڌريا پيا هئا. هن ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ فرش جو تختو مٿي ڪنيو ۽ پوءِ هيٺان ٻهري مان هڪ لاش جي پيتي ٻاهر ڪڍي.

هوڏانهن هيءَ ڇوڪري اهو سڀ ڪجهه ڪري رهي هئي ۽ هيڏانهن هي ٻئي ڄڻا اهو سڀ ڪجهه ڏسي حيران پريشان ٿي رهيا هئا. هڪ طرف ته هو ڏڄي رهيا هئا ٻي پاسي ڪين اها اڻ تڻ ته ڏسون ته ڇوڪري ڪري سو ڪري ڇا ٿي؟ هو ٻئي ڄڻا ساهه جهلي ڇوڪريءَ کي ڏسندا رهيا. ان وقت ڇوڪريءَ جي ڇپن تي هڪ زهريلي مرڪ هئي. هن پيتيءَ مان هڪ ٻار جو لاش ڪڍيو ۽ چاقوءَ سان سندس ٻانهون ڪپي ورتيون. پوءِ هڪ ٻانهن ڪٽي ائين ڪائڻ لڳي ڄڻ اها تمام لذيذ هجي. ان ئي وقت هن نوجوانن ڏي نهاري ڪائڻ پڇيو:

”ڇا توهان به ڪائيندائو؟“

ايترو چئي هن ٻار جي ٻي ٻانهن جنهن مان رت ڳڙي رهيو هو هنن ڏي اڇلائي. ان وقت نوجوان ايترو ته وائڙا ٿي ويا جو هو ڪجهه ڳالهائڻ بدران اکيون ڦاڙي فقط هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. هڙو عجيب ۽ دهشت وارو نظارو ڏسڻ کان پوءِ ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ته پري جي ڳالهه ٿي پر هاڻ ته اتي هڪ منٽ به ترسڻ هنن جي وس جي ڳالهه نه هئي. هو ٻئي ڄڻا ماٺ ميٺ ۾ اتان موٽي آيا ۽ پنهنجو سامان ٻڌي اتان روانا ٿي ويا.

تارن جي شهزادي

جپان جا وڏڙا پوڙها ڳالهہ تا ڪن تہ پراڻي زماني ۾ زمين کان تمام پري، آسمان تي هڪ بادشاهہ رهندو هو جيڪو آسمان ۾ ٽانڪڻ لاءِ تارن ٺاهڻ جو ڪم ڪندو هو. ان بادشاهہ جي هڪ ڌيءَ هئي جيڪا تمام گهڻو سهڻي ۽ پياري هئي. اها ريشم ڪتڻ واري شهزادي سڏرائيندي هئي. شهزادي سڄو ڏينهن ريشم ڪتيندي هئي ۽ پوءِ ان مان ڪپڙو اُڻندي هئي. هي ڪپڙو تمام سنهو، لسو ۽ هلڪو هوندو هو. بادشاهہ ان ڪپڙي کي تارن جي وچ ۾ ٽنگي ڇڏيندو هو. هي اهوئي ڪپڙو آهي جيڪو هاڻ ڪڪرن ۽ ڌنڌ جي شڪل ۾ اسان کي نظر اچي ٿو.

هڪ ڏينهن بادشاهہ ڏٺو تہ شهزاديءَ جو رنگ هئڊو ڦڪو ٿيندو وڃي. هن شهزاديءَ کي چيو:

”تو تمام گهڻي محنت ڪئي آهي ان ڪري ٿڪل لڳين ٿي. سڀاڻي توکي موڪل ڪرڻ کپي جيئن توکي ڪجهہ آرام ملي وڃي. هاڻ تون پلي موڪل ڪر ۽ تارن سان راند روند ڪر. پر پوءِ جلدي گهر موٽي اچجانءِ ۽ مون کي ڪم ۾ مدد ڪجانءِ. اڃان مونکي تمام گهڻا ڪڪر ٺاهڻا آهن.“

شهزادي اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي. ڪيترائي دفعا هن جي دل چاهيو ٿي تہ هوءَ موڪل ڪري ۽ ان درياهہ جو سير ڪري جنهن کي اسان تارن جو درياهہ يا ڪهڪشان چئون ٿا. ۽ اهو آسمان جي وچ مان وهي ٿو. پر هن کي ڪڏهن بہ ان جو موقعو نہ مليو هو.



شهزاديءَ پنهنجن ڪپڙن مان سڀ ڪان سنا ڪپڙا ڪڍي پاتا ۽ تارن جي وچ مان ٻوڙندي وچي ڪهڪشان جي ڪناري تي پهتي. اتي ڇا ٿي ڏسي تہ درياهہ جي بلڪل وچ ۾ هڪ خوبصورت ڇوڪر پنهنجي پياري ڍڳيءَ کي وهنجاري رهيو آهي. ڇوڪر شهزاديءَ کي ڏسي پڇيو:

”ڪير آهين تون؟“

شهزاديءَ جواب ڏنس: ”آئون بادشاهہ جي ڌيءَ آهيان. ماڻهو مون کي ريشم ڪتڻ واري شهزادي چون ٿا.“

اهو ٻڌي ڇوڪر چيو: ”آئون بادشاهہ جون ڍڳيون چاريندو آهيان ۽ ڌنار آهيان. ڪهڪشان جي هن پار رهان ٿو. اڄ تہ مان توکي پنهنجي گهر وٺي هلان. پاڻ ٻئي اتي گڏجي راند ڪنداسين.“

ڌنار ڇوڪري شهزاديءَ کي ڍڳيءَ تي وهاريو ۽ هن کي درياهہ جي ٻي پار پنهنجي گهر وٺي ويو. اتي شهزادي ڌنار سان کيڏندي رهي. هوءَ راند ۾ ايڏو تہ محو ٿي وئي جو هن کي اهو بہ ڌيان ۾ نہ آيو تہ هن کي واپس گهر بہ وڃڻو آهي.

جڏهن شهزادي وقت تي گهر نہ موٽي تہ بادشاهہ کي تمام گهڻو فڪر ٿيو. هن هڪ پکيءَ کي موڪليو تہ وڃي شهزاديءَ جي ڳولا ڪري ۽ جتي بہ هجي هن کي واپس گهر وٺي اچي.

پکي شهزاديءَ کي ڳوليندي ڳوليندي وڃي ڌنار جي گهران نڪتو. اتي شهزادي ۽ ڌنار ڇوڪرو مزي سان رانديون ڪيڏي رهيا هئا. پکيءَ شهزاديءَ کي واپس گهر هلڻ لاءِ چيو پر شهزادي راند ۾ ايڏو تہ محو هئي جو هن پکيءَ جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. پکي واپس موٽي آيو. آخر بادشاهہ خود پاڻ ويو ۽ شهزاديءَ کي واپس گهر وٺي آيو.

بادشاهہ شهزاديءَ تي تمام گهڻو ڪاوڙيو ۽ چيو: ”تون تمام خراب ڇوڪري آهين. ٿورو آسمان ڏي تہ نهار تہ اڃا ڪيترو گهڻو ڪم پيو آهي. هاڻ توکي ڪڏهن بہ موڪل نہ ملندي. تو کي هر



وقت هتي رهڻو پوندو ۽ لڳاتار ڪم ڪرڻو پوندو.“

ان ڪانپوءِ باشاهه ڪهڪشان واري درياهه ۾ تمام گهڻو تارن جو پاڻي ڀري ڇڏيو. پهرين هن درياهه ۾ ٿورو پاڻي هوندو هو ۽ شهزاديءَ ان مان سولائيءَ سان لنگهي ڌنار ڇوڪري جي گهر پهچي سگهي ٿي پر هاڻ هي هڪ تمام وڏو درياهه ٿي پيو جنهن کي پار ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو. درياهه جي هڪ ڪناري تي شهزادي هئي ۽ ٻئي تي ڌنار ڇوڪرو. اهڙي ڪا راهه نظر نٿي آئي جنهن ذريعي هي ٻئي ڄڻا وري هڪ ٻئي سان ملي سگهن.

شهزادي پنهنجي گهر ۾ ڪپڙا ڪتڻ واري مشين اڳيان ويهي رهي پر هاڻ هوءَ تمام گهڻو ڏکويل رهي ٿي. هن جي دل ڌنار ڇوڪري سان ملڻ ۽ هن سان راند ڪيڏڻ لاءِ ماندي رهي ٿي. هن آهستي آهستي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. بس رڳو ويٺي ڳوڙها ڳاڙيندي هئي ۽ ڪپڙا نه اُڻڻ ڪري آسمان ڪڪرن کان خالي ٿيندو ويو.

آخر هڪ ڏينهن بادشاه شهزاديءَ کي چيو: ”منهنجي ننڍڙي شهزادي، مونکي آسمان لاءِ تمام گهڻن ڪڪرن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن تون محنت سان ڪم ڪرين ۽ تمام گهڻو ڪپڙو ناهي ڏين نه توکي سال ۾ هڪ دفعو موڪل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيان. پوءِ تون ان ڌنار ڇوڪري سان وڃي راند ڪيڏي سگهين ٿي.“

شهزادي اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ ان ئي وقت ڪم ۾ جنبي وئي. ان وقت کان وٺي هوءَ اڄ تائين وڏي محنت سان ڪم ڪندي رهي ٿي.

پر سال ۾ هڪ دفعو، ستين مهيني جي ستين رات جو، بادشاهه شهزاديءَ کي موڪل ڏئي ڇڏي ٿو. هو تمام گهڻن پکين کي ڪهڪشان جي درياهه تي موڪليندو آهي. پکي پنهنجن پرن سان درياهه تي هڪ پل ناهي وٺندا آهن ۽ شهزادي ان پل تان ٽپي درياهه پار ڪندي آهي.

هوءَ درياهہ پار ڪري اوڏانهن ويندي آهي جتي ڏنار ڇوڪرو هن جو انتظار ڪري رهيو هوندو آهي. هوءَ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات وڏي مزي سان ڪيڏندا آهن.

جپاني ٻار انهيءَ سبب ڪري ستين مهيني جي ستين ڏينهن موڪل ڪندا آهن. ان ڏينهن هو بانس جي ٽارين کي رنگ برنگي جهنڊين سان سينگاريندا آهن ۽ انهن کي آسمان ڏي لوڏيندا آهن. اهڙي طرح هو شهزاديءَ سان ڪيل وعدي جي ياد ڏيارين ٿا.

جپان جو سڀ کان طاقتور پهلوان

ڪنهن زماني ۾ جپان ۾ هڪ پهلوان رهندو هو. جنهن جو نالو دائي هاچي هو. جپاني روايتن موجب هي سڄي جپان ۾ سڀ کان گهڻو طاقتور پهلوان هو پر بدقسمتيءَ سان هي هڪ غريب خاندان ۾ پيدا ٿيو هو. اهوئي سبب هو جو هي هڪ ويجهڙائيءَ واري علائقي جي هڪ امير وٽ نوڪري ڪرڻ لڳو هو.

هڪ ڏينهن مالڪ دائي هاچيءَ کي چيو:

”زمين جي ٽئڪس جا چانور گاڏي ۾ رکي اڪيتا شهر جي حاڪم کي ڏئي اچ .“

دائي هاچيءَ پنهنجي مالڪ جي حڪم جي پيروي ڪئي . چانورن جون ڳوٿيون هٿ جي گاڏي ۾ ڀري هن کي ڇڪي هلڻ لڳو. سڄي گاڏي چانورن جي ڳوٿين سان ٽٻ هئي ۽ دائي هاچي پنهنجو سڄو زور لڳائي هن کي ڇڪيندو ويو. جڏهن هو حاڪم جي محلات ويجهو پهتو ته رستي تي هڪ چاڙهي آئي. هڪ ته هو ايڏو پري کان گاڏي ڇڪي ڇڪي ماندو ٿي ويو هو، ٻيو هي اپي چڙهائي. هن گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر هاڻ گاڏي هن کان ڇڪي نه ٿي. سو لاچار ٿوري دير لاءِ ساهي پٽڻ لڳو. ان وقت هو پگهر ۾ سڄو شل ٿي ويو هو ۽ هن جو ساهه هيٺ مٿي ٿي رهيو هو.

هو گاڏي جهلي وچ رستي تي بيٺو هو ته ايتري ۾ هڪ ننڍو ٻار اتان اچي لانگهائو ٿيو. هن دائي هاچيءَ کي ڏسي ٺوڪ طور مرڪيو ۽ چيو:

”تون ڪيترو نہ ڏٻرو انسان آهين. هڪ هلڪي گاڏي بہ توکان ڇڪي نٿي ٿئي؟“

ٻار جي اها ڳالهہ ٻڌي دائي هاچيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. سو ڪجهہ نفرت منجهان چوڻ لڳو:

”گهڻو ڳالهائڻ وارا ڇوڪرا، جيڪڏهن تون هن کي ڇڪڻ ايترو ئي سولو سمجهين ٿو تہ تون ڇڪي تہ ڏيکار.“

ان تي ٻار ڏاڍي سڪون سان وراڻيو:

”آءُ هڪ ئي وقت اهڙيون ڏهہ گاڏيون ڇڪي سگهان ٿو.“

”تہ پوءِ ڇڪي ڏيکار ڀلا؟“

”اجهو، هينئر ئي ڇڪي ٿو ڏيکاريانءِ.“

ٻار اڳيان وڌيو ۽ هن پنهنجي هٿ جي ڇيچ گاڏيءَ تي رکي ۽ ان کي اهڙو تہ تکو مٿي ڇڪي ويو جڻ اها گاڏي پريل نہ پر خالي هجي. دائي هاچي هي ڏسي حيران ٿي ويو. ٻار هن کي ان ريت حيران ڏسي تہ چوڻ لڳو:

”دائي هاچي، منهنجي ڳالهہ ٻڌ. تون ملاکڙي ۾ وڃي ماڻهن کي ملهون ماريو اچين جنهن تي توکي ناز آهي. جيتوڻيڪ توکي ايتري گهڻي طاقت کي گهڻو سمجهڻ نہ کپي. جيڪڏهن تون واقعي طاقتور پهلوان ٿيڻ چاهين ٿو تہ رات جو ماڻ منوڙي ۾ ’تائي هي‘ جبل تي هليو اچجانءِ. آءُ توسان اتي ملندس.“

ٻار جي ڳالهہ ٻڌي دائي هاچي دل ۾ سوچڻ لڳو:

”پڪ هي ٻار ڪا غير معمولي شخصيت آهي.“

هو تکو تکو اڳيان وڌيو ۽ ٻار جي پيرن تي ڪري پيو پر ڏسندي ئي ڏسندي ٻار اتان غائب ٿي ويو.

* ——— * ——— *

جڏهن آڌي رات ٿي تہ دائي هاچي اتيو ۽ خاموشيءَ سان تائي هي جبل تي پهچي ويو. اتي پهچي هن اتي جي مندر ۾ پوڄا ڪئي.

هو ٻيءَ رات بہ ويو. ٽيءَ رات بہ ويو. ۽ اهڙيءَ طرح لڳاتار ستن راتين تائين ويندو رهيو ۽ عبادت ڪري دعا گهرندو رهيو پر ديوتا جي نظر اچڻ جي ڪا اميد نہ هئي. اهو ڏسي دائي هاچيءَ جي دل ۾ شڪ پيدا ٿيڻ لڳو. اڄ هن کي عبادت ڪندي ستين رات هئي ۽ ان وقت سخت سيءَ جي ڪري هن کان بيهڻو بہ نٿي ٿيو. ايتري ۾ هن ڏٺو تہ هڪ نوجوان عورت آئي. هن پنهنجي سيني سان هڪ ننڍڙي ٻار کي لڳائي رکيو هو. هوءَ عبادت گاهہ ۾ آئي ۽ ڏاڍي عقيدت ۽ سنجيدگيءَ سان عبادت ۾ لڳي ويئي. دائي هاچي هن کي ڏسي دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو:

”رات جي وقت ههڙي سخت سيءَ ۾ هيءَ عورت ڇا ڪرڻ آئي آهي؟“

هو اجان اهوئي سوچي رهيو هو تہ عورت اٿي بيٺي، آهستي ڪري هن جي ويجهو آئي ۽ چيائين:

”توري دير لاءِ منهنجو ٻار کڻجانءِ. آءٌ اجها تہ آيس.“

اهو چئي هن ٻار کي اڳيـــان وڌايو جنهن کي دائي هاچيءَ خوشيءَ مان ورتو. عورت پنهنجو ٻار هن جي جهوليءَ ۾ ڏيئي پاڻ هڪ طرف رواني ٿي ويئي.

* ——— * ——— *

دائي هاچيءَ جو خيال هو تہ عورت ڪجهہ منٽن بعد موٽي ايندي پر گهڻي دير ٿي وڃڻ بعد بہ هوءَ واپس نہ آئي، هوڏانهن دائي هاچيءَ جو اهو حال هو جو ٻار کي جهوليءَ ۾ جهلي بيٺو هو تہ ڏسندي ئي ڏسندي ٻار ڳرو ٿيندو ويو. ۽ پوءِ سندس تور وڌندي وڌندي هڪ اهڙيءَ حد تي وڃي پهتي جو هن کي کڻڻ دائي هاچيءَ جي وس کان ٻاهر ٿي پيو. هن پنهنجن گوڏن ڀر وهڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جا گوڏا بہ ٻار کان پچڻ تي هجن. بهرحال هن پنهنجي بدن جي طاقت سان ان تڪليف کي سهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻار کي ڪرڻ کان بچائي رکيو. ۽ هاڻ

وڏيڪ ٻار جهلڻ سندس وس کان ٻاهر هو.

هو سوچي رهيو هو تہ ٻار کي زمين تي رکي يا پاڻ پٽ تي ويهي رهي تہ ايتري ۾ اها عورت اچي نڪتي.

”تنهنجي وڏي مهرباني!“ هن دائي هاچيءَ کان ٻار وٺندي چيو.

”مون کي افسوس آهي جو مون کي دير ٿي وئي ۽ توکي انتظار ڪرڻو پيو. ۽ ايتري دير تائين ٻار کي جهوليءَ ۾ جهليو.“

”نہ نہ. ڪا ڳالهہ ناهي.“

دائي هاچيءَ آهستي چيو پر ان سان گڏ هو ان ڳالهہ تي حيران بہ ٿي رهيو هو تہ جنهن ٻار کي هو وڏي مشڪل سان جهليو بيٺو هو سو هن عورت تمام آسانيءَ سان کڻي ورتو هو. پوءِ هن ڏٺو تہ عورت بلڪل هن جي سامهون اچي بيني ۽ اوچتو ٻار ۽ سندس بدن مان هڪ اهڙي روشني نڪتي جو چارئي طرف چٽا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. ان روشنيءَ جي وچ ۾ بيٺل عورت هن کي مخاطب ٿي چيو:

”دائي هاچي! منهنجي ڳالهہ ٻڌ. آءٌ هن علائقي جي سار سنڀال لهڻ وارو سڀ کان وڏو ديوتا آهيان. تون هن ٻار کي کڻڻ واري امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويو آهين. هاڻ مان توکي ايڏي تہ طاقت ڏيندس جنهن جو ڪو حساب ناهي.“

ايتري ڳالهہ ٻڌڻ سان هو هن عورت جي پيرن تي ڪري پيو پر جيئن ئي هن ڪنڌ مٿي ڪري هن ڏي ڏٺو تہ هوءَ غائب ٿي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو دائي هاچي جڏهن عبادت گهر کان ٻاهر نڪتو تہ هن ۾ ايڏي طاقت اچي چڪي هئي جو پير پٽ تي رکندي اندر گهڙي ٿي ويو. ان کان پوءِ هو ايدو شهر ۾ هليو آيو ۽ واقعي پنهنجي زماني جو جپان ۾ سڀ کان طاقتور پهلوان مڃيو ويو.

سبورو ۽ بام مڇي

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ جيان ۾ ڪنهن درياهہ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ هو. هن ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهو رهيو ٿي جنهن جو نالو سبورو هو. هو بام نالي مڇي ڦاسائڻ ۾ تمام گهڻو مشهور هو. هن جيئن ئي پاڻيءَ ۾ ڪنڊو وڌو ٿي تہ بام مڇي ان ۾ ڦاسي پيئي ٿي. هو مڇي کي ڪٽي گهر ايندو هو ۽ پوءِ پيٽ سان گڏ مزي سان ويهي کائيندو هو. هن کي اهي بام مڇيون تمام گهڻيون وڻيون ٿي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ سبورو درياهہ ۾ مڇيون ڦاسائڻ جي رسي وجهيو ويٺو هو تہ هن کي رسيءَ تي هڪدم دٻاءُ محسوس ٿيو. هن سوچيو تہ ضرور ڪا وڏي ٿلهي ٿنيري بام مڇي ڪنڍي ۾ ڦاسي پئي آهي. اهو سوچي هو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ رسيءَ کي ڇڪڻ لڳو. پر جڏهن بام مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر آئي تہ هو هن کي ڏسي حيران ٿي ويو. هن کان اڳ هن ڪڏهن بہ ايڏي وڏي بام مڇي نہ ڏٺي هئي. هن رسيءَ کي زور سان ٻاهر سٽ ڏني تہ مڇي سندس مٿي تان ٿيندي پنيان ٻنيءَ ۾ وڃي ڪري. ان سان گڏو گڏ ڪنهن جانور جي رڙ جو آواز پڻ آيو.

سبورو سوچڻ لڳو تہ عجيب ڳالهہ آهي جو هاڻ بام مڇيون بہ دانهون ڪرڻ لڳيون آهن. پهرين تہ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو هو. خير ڏسان تہ سهي تہ مڇي ڪٿي وڃي ڪري آهي. اهو سوچي هو اٿيو ۽ وڻن ۽ ٻوٽن جي ڳاهہ ۾ مڇي کي ڳولڻ لڳو. هن پٿرن جي هيٺان بہ ڏٺو پر هن کي ڪٿي بہ مڇي نظر نہ آئي. هن سوچيو، مون



مڇيءَ کي سٽ ڏئي چڪيو هو. ائين لڳي ٿو ته اها مٿي تان ٽيندي جبلن جي ٻئي پاسي وڃي ڪري هجي.

اوچتو هن کي ٻوڙهن ۾ هڪ ڏگهي ۽ ڪاري رنگ جي ڪا شيءِ نظر آئي. هو ڊوڙ پائي هن جي ويجهو ويو. هن ان کي بام مڇي سمجهيو هو پر اها ته هڪ ڏگهي ڪاري رنگ جي ڪاٺي نڪتي. سبورو لڄي ٿي پنهنجو مٿو کنهڻ لڳو.

هو اڃا مٿو کنهي رهيو هو ته هن کي پريان گاهه تي هڪ ٿلهو جنگلي ٻڪر سٽل نظر آيو. هو هڪدم خبردار ٿي ويو جو جنگلي ٻڪر تمام خطرناڪ ٿئي ٿو. ماڻهو کي ڏسڻ سان هن تي حملو ڪري ٿو. سبورو پٻن تي اڳيان وڌيو. اوچتو هن جو پير ترڪي ويو ۽ ڌرام سان وڃي پٽ تي ڦهڪو ڪيو. هو ڏڪڻ لڳو ته اڄهو ته جنگلي ٻڪر هاڻ حملو ڪيو. جنگلي ٻڪر ٻڪ نند مان سجاڳ ٿي پيو هوندو ۽ هاڻ مونتي وار ڪرڻ وارو هوندو.

پر هن کي اهو ڏسي حيراني ٿي ته ان جانور کنهن به قسم جي چر پر نه ڪئي. ان مان هنجي ڪجهه همٿ وڌي. هو اٿي ٻڪر جي ويجهو آيو. غور سان ڏسي ڪٽي ته بام مڇي هن جي پٽ تي پئي آهي.

جنگلي ٻڪر وڏي آرام سان ستو پيو هو ۽ بام مڇي هن جي پٽ تي ويني هئي. سبورو سوچڻ لڳو ته شايد هنن ٻنهي پاڻ ۾ دوستي ڪري ڇڏي آهي. پر مونکي ان ڳالهه جي پهرين خبر نه هئي ته ڪو جنگلي ٻڪر ۽ بام مڇي به پاڻ ۾ دوست ٿي سگهن ٿا. پوءِ هن وڌيڪ ويجهو وڃي هنن کي چٽائي ڏٺو ته خبر پيس ته بام مڇي ۽ جنگلي ٻڪر ٻئي مئا پيا آهن.

سبورو حيران ٿي سوچڻ لڳو ته هيءَ ڪهڙي ڳالهه ڇٽبي. مون ته چٽي چپاتي کنهن جي رڙ ٻڌي. پر پوءِ هو پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: ”هاڻ مون سڄي ڳالهه سمجهي. بام مڇي جنهن وقت جنگلي ٻڪر تي اچي ڪري ته ٻڪر کان رڙ نڪري وئي. بام مڇي

ٻاٽيءَ کان ٻاهر نڪرڻ ڪري مري وئي ۽ جنگلي ٻڪر ڊپ ۽ هراس مان مري ويو. ٻام مڇي جڏهن هوا ۾ چڪر ڪائي اچي ٻڪر مٿان ڪري ته هن سمجهيو هوندو ته خبر ناهي ڪهڙي آفت منهنجي مٿان اچي ڪري آهي. هن ڊپ مان وٺي دانهن ڪئي ۽ پوءِ ساهه نڪري ويس."

هاڻ ته سبورو تمام گهڻو خوش ٿيو. "جنگلي ٻڪر جو گوشت به ڏاڍو مزيدار ٿئي ٿو. آئون پاڻ ۽ دوستن کي خوب کارائندس ۽ دعوت ڪندس." پر پوءِ وري سوچڻ لڳو ته ايڏي وڏي جانور کي آئون ڪيئن گهر تائين کڻي ويندس؟ هن وري پنهنجو مٿو کنهڻ شروع ڪيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو ته اهڙي ڪا شيءِ ملي وڃي جنهن سان هو هن جانور کي پنهنجي پٺ سان ٻڌي گهر ڏي روانو ٿي سگهي.

ويجهڙائيءَ ۾ ڪجهه وليون هيون. سبورو اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو: "واهه واهه. هي وليون ته منهنجي ڪم جون آهن. آئون ٻڪر کي انهن ولين سان پنيان ٻڌي گهر کڻي هلندس."

پوءِ جڏهن هو وليون پٽڻ لڳو ته ڏسي ته انهن جي پاڙن ۾ هڪ خوبصورت تتر وينو آهي. هن جي پرن ۾ ڏک لڳل هو ان ڪري هو اڏامي نٿي سگهيو. سبورو هن کي جهلي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هن ٻڪر کي پنيان ٻڌو، ٻام مڇي کي ولين جي ڪوندن ۾ ٻڌو ۽ ٻئي هٿ ۾ مور جهڙو سهڻو تتر کنيو ۽ گهر ڏي روانو ٿيو. گهر پهچي هو انهن سيني شين کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ کي وڏو شڪاري سمجهڻ لڳو.

توهان جو ڇا خيال آهي؟

ڇا سبورو واقعي هڪ سنو شڪاري هو؟

سچاڻ پوڙهو

ڳالهه تا ڪن ته اڄ ڪان صديون اڳ جپان جي هڪ علائقي ۾ جڏهن ڪو ماڻهو سٺ سالن جي عمر کي پهچندو هو ته ماڻهو هن کي هڪ جابلو ماترِيءَ ۾ اڇلائي ايندا هئا. جپان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ هاري رهندو هو جنهن جي عمر سٺ سال ٿي وئي. ان ڪري اُتي جي حاڪم حڪم ڏنو ته هاري پنهنجي عمر کي پهچي ويو آهي ان ڪري هن کي وڃي جبلن ۾ اڇلائي اچو . هاريءَ جي پٽ جي دل ته نٿي چاهي ته پنهنجي پيءُ کي اڇلائجي پر حاڪم جو حڪم هو. هو مجبور هو. هن پيءُ کي پنهنجن ڪلهن تي کنيو ۽ جبلن ڏي روانو ٿي ويو.

نوجوان پنهنجي پوڙهي پيءُ کي ڪلهن تي رکي جبلن ڏي وڃي رهيو هو. رستي تي ايندڙ وڻن مان پوڙهو پيءُ ٽاريون ڀڃي هيٺ اڇلائيندو ويو. جڏهن نوجوان هن کي ان ريت وڻن جون ٽاريون ڀڃي اڇلائيندو ڏٺو ته پڇڻ لڳو:

"بابا! هي تون ڇا پيو ڪرين ؟ وڻن جون ٽاريون ڀڃي هيٺ ڇو اڇلائيندو وڃين ؟"

جواب ۾ هن جي پيءُ وراڻيو:

"اِٰءَ رستي تي ٽاريون ان ڪري اڇلائيندو اچان جيئن جڏهن تون مون کي اڇلائي موٽين ته گهر جو رستو سولائيءَ سان ڳولي سگهين ."

پٽ جڏهن پنهنجي پوڙهي پيءُ جي اها ڳالهه ٻڌي ته پنهنجي

دل ۾ سوچڻ لڳو. منهنجو پيءُ ڪيترو نه رحمدل آهي، هن کي مون سان ڪيتري نه محبت آهي، آءٌ هن کي ڪيئن جبلن ۾ ڇڏيان – ؟ سو هن پنهنجي پيءُ کي جابلو ماتريءَ ۾ اڇلائڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو ۽ ماٺ ڪري گهر موٽي آيو. گهر اچي هن پنهنجي پيءُ کي گهر جي پچتيءَ تي لڪائي ورهايو، جيئن ڪنهن ٻئي کي ان ڳالهه جي خبر نه پوي.

ان ڳالهه کي ٿورو ئي عرصو ٿيو هوندو جو اتي جي حاڪم ڳوٺ جي سڀني هارين کي گهرايو. جڏهن هو سڀ اچي گڏ ٿيا ته حاڪم چوڻ لڳو:

”توهان مان هر هڪ کي اهو حڪم ٿو ڏنو وڃي ته هڪ اهڙو رسو آڻيو جيڪو ڦلهير مان ٺهيل هجي.“

حاڪم جي هيءَ عجيب ڳالهه ٻڌي سڀ ماڻهو پريشان ٿي ويا. سڀ ماڻهو اهو سوچڻ لڳا ته ڪڏهن ڦلهير مان به رسو ٺهيو آهي!؟ پر هي حڪم حاڪم جو هو، ويچارا حيران پريشان پنهنجن گهرن ڏي روانا ٿيا. نوجوان هاري جنهن پنهنجي پوڙهي پيءَ کي گهر ۾ لڪائي وهاريو هو سو به پنهنجي گهر پهتو ۽ پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو:

”اڄ حاڪم حڪم ڏنو آهي ته سڀ ڦلهير مان رسو ٺاهي اچن. ڀلا ڦلهير جو به ڪو رسو ٺاهي سگهجي ٿو–؟ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟“

هن جو پيءُ جيتوڻيڪ پوڙهو هو پر تمام ذهين ۽ تجربيڪار هو. هن پنهنجي پٽ کي چيو:

”تون هڪ مضبوط وٽيل رسو ڪڻ ۽ ان کي باهه ڏيئي ساڙ ته اهو ڦلهير جو رسو ٿي پوندو. پوءِ هن کي خيال سان کڻي حاڪم کي وڃي ڏي.“

نوجوان پنهنجي پيءُ جي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن ائين ئي ڪيو پوءِ سڙيل رسي کي وڏي خبرداريءَ سان کڻي حاڪم وٽ ويو ته سائين ڦلهير جو رسو حاضر آهي. جيئن ته شهر جو ڪو

پيو ان قسم جو رسو آڻي نہ سگھيو هو ان ڪري حاڪم هن نوجوان جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ سندس ذهن جو داد ڏنو.

ڪجھہ ڏينهن بعد حاڪم وري ڳوٺ جي هارين ڪي پاڻ وٽ گھرايو ۽ حڪم ڏنو:

”توهان مان هر هڪ ماڻهو اهڙو ڪوڏ آڻي جنهن جي اندران ڌاڳو لنگهيل هجي.“

اهو ٻڌي وري سڀ حيران پريشان ٿي ويا. نوجوان هاري گھر پهچي پنهنجي پوڙهي پيءُ سان اچي ڳالھہ ڪئي:

”اڄ حاڪم سيني کي حڪم ڏنو آهي تہ هرهڪ اهڙو سامونڊي ڪوڏ آڻي جنهن مان ڌاڳو لنگهيل هجي. اهو ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگھي.“

جواب ۾ هن جي پوڙهي پيءُ ٻڌايو.

”سامونڊي هڪ ڪوڏ کڻ پوءِ هڪ ڌاڳو ڪٽي ان جي ڪنڊ تي هڪ چانور جو ڪڻو ٻڌ. هاڻ اهو چانور لڳل ڌاڳي وارو پاسو ڪنهن ماڪوڙيءَ جي وات ۾ وجهي ماڪوڙيءَ کي ڪوڏ ۾ ڪٽي ڇڏ تہ هوءَ پاڻهي ٻئي پاسي کان ڌاڳي سميت نڪري ايندي.“

نوجوان هيءَ ترڪيب ٻڌي تہ خوشيءَ مان ٽپ ڏيڻ لڳو. هن پنهنجي پيءُ جي صلاح موجب ڪم ڪيو ۽ ڪوڏ مان ڌاڳو لنگھائي اچي حاڪم اڳيان حاضر ڪيو. هن دفعي حاڪم پهرين کان بہ گھڻو خوش ٿيو ۽ هن کي داد ڏيندي چيو:

”اي نوجوان! تو هي ٻئي ڏکيا ڪم ڪيئن ڪري ورتا؟“

جواب ۾ نوجوان ٻئي هٿ ادب سان ٻڌي چيو:

”جيڪڏهن توهان مون کي معاف ڪري ڇڏيو تہ سچي حقيقت کان توهان کي آگاهہ ڪريان؟“

حاڪم جي وعدي ڪرڻ تي نوجوان عرض ڪيو:

”سائين منهنجا! منهنجو پيءُ سٺ سالن جي ڄمار کي پهچي

ويو هو. سو هن کي آءٌ جبلن ۾ اڇلائڻ لاءِ کڻي ويو هوس. پر مون کان منهنجي پياري پيءُ کي اڇلايو نہ ٿيو. آءٌ کيس پنهنجي گهر موٽائي وٺي آيس ۽ گهر ۾ لڪائي ڇڏيومانس. هاڻ جڏهن توهان ٻہ ڪم چيا تہ اهي تمام ڏکيا هئا. مون پنهنجي پوڙهي پيءُ کان پڇيو تہ هن مون کي اٽڪل ٻڌائي . ۽ آءٌ اهڙي طرح اهي ٻئي شيون کڻي اچي توهان جي خدمت ۾ حاضر ڪيون. " ايتري ڳالهہ چئي نوجوان بيحد عاجزيءَ سان چيو:

" سائين ! مون سچي ڳالهہ سچ سچ اوهان کي ٻڌائي آهي. "

حاڪم نوجوان جي ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو. هن پنهنجو پاڻ کي چيو، پوڙها ماڻهو بيحد ذهين ۽ تجربيڪار ٿين ٿا. هنن کي جبلن ۾ اڇلائڻ بدران هنن جي چڱيءَ طرح حفاظت ڪرڻ کپي - ۽ پوءِ انهي ڏينهن ئي حاڪم اعلان ڪيو تہ:

" اڄ کان پوءِ سٺ سالن جي پوڙهن کي جبلن ۾ اڇلايو نہ وڃي، ۽ انهن جي چڱيءَ طرح سار سنڀال لڌي وڃي جيئن انهن جي هوشياري ۽ تجربي مان ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن ."



چالاڪ ڪاريگر

پراڻي زماني جي ڳالهہ آهي تہ جپان جي هڪ شهر ڪيوٽو ۾ هڪ شاهوڪار ماڻهو رهندو هو. هن کي جانورن جا بُتَ (مجسما) گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. هن وٽ ڪيترن ئي جانورن جا بت هئا پر ڪوئي جو نہ هو. هڪ ڏينهن هن ٻن ڪاريگرن کي گهرايو ۽ چيو:

”توهان ٻئي ڄڻا هڪ هڪ ڪوئو ناهيو. ۽ اهي ڪوئا بلڪل اصلي لڳن. منهنجي ٻلي بہ ڏسي تہ نہ سڃاڻي سگهي ۽ هن کي بلڪل سچ پچ جو ڪوئو سمجهي ان کي جهلڻ جي ڪوشش ڪري. آئون ٻئي ڪوئا هڪٻئي جي ويجهو رکندس ۽ پوءِ جنهن کي ٻلي پهرين جهپ هڻندي ان جي ناهڻ واري کي سونين گنين جي ٿيلهي انعام ۾ ڏيندس.“

ڪاريگر پنهنجي پنهنجي گهر پهچي ڪم کي لڳي ويا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هو ٻئي شاهوڪار ماڻهوءَ وٽ پهتا ۽ پنهنجو پنهنجو ناهيل ڪوئو سامهون رکيو. هڪ ڪاريگر ڪاٺ جو بيحد خوبصورت ڪوئو ناهيو هو جيڪو ڏسڻ ۾ بلڪل اصلي ۽ ساهہ کڻندڙ لڳو ٿي. پر ٻئي ڪاريگر جو ڪوئو ايترو سنو نهيل نہ هو. جنهن بہ هن کي ڏٺو ٿي تہ هن کي کل آئي ٿي.

شاهوڪار ماڻهوءَ ٻنهي ڪوئن کي ڏٺو ۽ چيو: ”هي ڪاٺ جو ڪوئو تمام سنو نهيل آهي. پر هن ٻئي ڪوئي کي تہ ڪوئو چئي نٿو سگهجي. خبر ناهي ڪهڙي بلا ناهي وئي آهي.“

اهو ٻئي ڪاريگر چيو: ”سائين منهنجا! توهان ٻليءَ کي ته آڻيو. هوءَ پاڻهي فيصلو ڪري وٺندي ته ٻنهي ۾ ڪهڙو ڪوئو بهتر آهي.“

شاهوڪار ماڻهوءَ ٻئي ڪوئا هڪٻئي جي ويجهو ويجهو رکيا ۽ ٻليءَ کي گهرايو. جيئن ئي ٻلي ڪمري ۾ داخل ٿي ته هن ٻئي ڪاريگر جي نهيل ڪوئي تي ٽپ ڏنو. ٻليءَ پهرين ڪاريگر جي خوبصورت ڪوئي کي ڏٺو به نه.

شاهوڪار ماڻهو وعدي موجب مجبور ٿي سونين گنين جي ٿيلهي ٻئي ڪاريگر کي ڏني. پر هو دل ئي دل ۾ سخت حيران هو. آخر هن ٻئي ڪاريگر کان پڇيو: ”توکي انعام ته ملي ويو. هاڻ مونکي ٻڌاءِ ته تو اهو ڪم ڪيئن ڪيو؟“

ڪاريگر جواب ڏنو: ”سائين منهنجا، ڳالهه هيءَ آهي ته مون پنهنجو ڪوئو ڪاٺ بدران سڪل مڇيءَ مان ناهيو. ان ڪري ٻليءَ ان کي ڏسندي ئي ڪٽي ان تي لامارو هنيو.“

شاهوڪار ماڻهو کلي کلي اونڌو ٿي ويو. پوءِ هن چيو: ”هاڻ مونکي هڪ ٿيلهيءَ بدران ٻه ٿيلهيون ڏيڻيون پونديون. هڪ پهرين ڪاريگر کي جنهن ڪاٺ مان خوبصورت ڪوئو ناهيو. هڪ ٻئي ڪاريگر کي جنهن پنهنجي عقلمنديءَ سان ٻليءَ کي بيوقوف بڻايو. ڪاٺ جو ڪوئو آئون پاڻ وٽ رکندس. سڪل مڇيءَ مان نهيل ڪوئو منهنجي ٻليءَ جو آهي.“

پوڙهو ۽ لومڙي

جپان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ پوڙهو ۽ ان جي زال رهندي هئي. هو تمام غريب هئا. ويچارو پوڙهو سڄو ڏينهن ڪاٺيون ڪندو هو جن کي شام جو وڪڻي جيڪي چار پئسا ملندا هئس انهن مان پيٽ گذر ڪندو هو.

هڪ ڏينهن پوڙهو دستور موجب ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ جبلن ڏي ويو. هن هڪ جڳهہ تي ڏٺو تہ تي ڏنگا ٻار هڪ لومڙيءَ کي جهلي ماري رهيا آهن. هن انهن کي دڙڪا ڏيندي چيو:

" اڙي شيطانو! ويچاري لومڙيءَ کي چو پيا ماريو، ان کي ڇڏي ڏيو، جانورن کي ستائڻ نہ کپي ؟"

" جيڪڏهن توکي ان تي اينترو رحم پيو اچي تہ ان کي خريد چو نٿو ڪرين-؟"

ڇوڪرن جواب ڏنو ۽ پوڙهو ان لومڙيءَ کي خريد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن ٽنهي ڇوڪرن کي هڪ هڪ سؤ مون (قديم جپاني سڪو) ڏنا ۽ ڇوڪرن لومڙيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو کولي پوڙهي لومڙيءَ کي جبلن ڏي پڄائي چيو:

"ڪٽي ائين نہ ٿئي تہ وري جهلجي پئين. ان ڪري جلدي پنهنجي گهر پڄي وڃ."

لومڙيءَ احسانمند نظرن سان پوڙهي ڏي ڏٺو ۽ جبلن ڏي پڄي وئي.

ٻئي ڏينهن پوڙهو جبلن تي ڪاٺيون وڍڻ لاءِ آيو تہ اها ساڳي

لومڙي اتي آئي ۽ چيائينس.

”ڏاڏا! ڪالهہ تو منهنجي جان بچائي هئي. آءٌ تنهنجي شڪر گذار آهيان ۽ توکي هڪ تحفو ڏيڻ چاهيان ٿي.“

”نہ نہ، اهو تہ منهنجو فرض هو. آءٌ فقط اهو چاهيان ٿو تہ تون جهٽ پٽ هتان ڀڄي وڃ. ڪٿي ائين نہ ٿئي، تہ ڪالهہ وارا ڇوڪرا توکي وري ڪٽي جهلين!“ پوڙهي هن کي پيار مان سمجهايو. ان وقت لومڙيءَ جي اکين ۾ مهربانيءَ جا ڳوڙها هئا. هوءَ هن کي چوڻ لڳي:

”ڏاڏا ! آءٌ توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان تہ ڳوٺ جي پادري وٽ چانهہ جي ڪيٽلي ناهي ۽ هن کي ان جي سخت ضرورت آهي. آءٌ ڪيٽلي ٿيو ٿي وڃان ۽ تون مون کي پادري وٽ وڪڻي ڇڏ. ان طرح توکي ڪجهہ پئسا ملي ويندا.“

ايترو چوڻ کان پوءِ لومڙيءَ پنهنجي پڇ کي بدن تي ويڙهيو ۽ ٿي بازوليون پاتيون تہ هوءَ لومڙيءَ بدران هڪ خوبصورت ۽ قيمتي ڪيٽلي ٿي پيئي. پوڙهو ڏاڏو حيران ٿيو. جيتوڻيڪ هن پنهنجي نيڪيءَ جو بدلو وٺڻ نٿي چاهيو پر هاڻ ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ مجبور ٿي هن ڪيٽلي کنئي ۽ ڳوٺ جي ڪليسا ۾ پادريءَ وٽ اچي پهتو ۽ هن کي چوڻ لڳو:

”هيءَ چانهہ جي قيمتي ڪيٽلي اسان جي گهر ۾ پيءُ ڏاڏي جي وقت کان هلندي اچي، پر هاڻ هن کي وڪڻڻ چاهيان ٿو—؟“

پادري تہ پهرين ئي ضرورت مند هو. هيڏي قيمتي ۽ سهڻي ڪيٽلي ڏسي هو يڪدم راضي ٿي ويو. هن جهٽ پٽ پوڙهي کي ٽي ريو (هڪ قديم جپاني سڪو) ڏنا ۽ ڪيٽلي خريد ڪري ورتي. غريب پوڙهي اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ٽي ريو حاصل نہ ڪيا هئا. هو خوش ٿي ويو ۽ ٽِڪو ٽِڪو گهر ڏي موٽڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن دستور موجب وري جڏهن جبلن تي پهتو تہ اتي وري ساڳي لومڙي ملي ويس. هوءَ رات جو پادريءَ جي رڌڻي مان

پجي آئي هئي. هوءَ پوڙهي کي چوڻ لڳي:

”ڏاڏا ! تون هينئر ڳوٺ وڃ. منهنجي لاءِ هڪ وڳو، ڦٽي، مٽي جو ڪو ڀڳهه ـ ٽڪو يا مرزو، هڪ ٽوال ۽ سئنڊل وٺي اچ جيئن آءٌ هڪ خوبصورت ڇوڪري نهي وڃان.“

اهو ٻڌي پوڙهو ڊوڙندو ڳوٺ پهتو ۽ اهي مڙيئي شيون وٺي آيو جيڪي لومڙيءَ گهرايون هيون پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي لومڙي هڪ سهڻي ڇوڪري ٿي پيئي ۽ پوڙهي کي چوڻ لڳي.

”ڏاڏا ! تون مون کي ڳوٺ جي ان ماڻهوءَ وٽ وٺي هل جيڪو عورتن جو ڪاروبار ٿو ڪري. مون کي ان وٽ وڪڻي ان کان ملڪيت ونجانءِ.“

پوڙهو اهو ڏسي حيران پريشان ٿي ويو ته لومڙي واقعي هڪ ڇوڪري ٿي پيئي. هو ويچارو ڪجهه لاچار ڪجهه مجبور، هن ڇوڪريءَ کي ساڻ وٺي ان همراهه وٽ پهتو جنهن بابت لومڙيءَ چيو هوس. اتي پهچي هن ان همراهه کي چيو.

”ڇا تون هن ڇوڪريءَ کي خريد ڪندين؟“

ماڻهوءَ ڏٺو ته، ڇوڪري جوان به آهي ته سهڻي به. هن خوش ٿي چيو: ”چو نه. آءٌ هن کي ضرور خريد ڪندس!“ سو هن جهٽ پٽ ان ئي وقت پوڙهي کي هڪ سؤ ريو ڏنا ۽ ڇوڪريءَ کي پاڻ وٽ رکيو. پوڙهو ملڪيت وٺي خوشيءَ مان پنهنجي گهر پهتو. هن اڄ ڏينهن تائين ايڏي دولت نه ڏٺي هئي سو هن جي خوشيءَ جو اندازو نه هو.

ان ڳالهه کي هڪ سال گذري ويو. هڪ ڏينهن ڇوڪريءَ پنهنجي مالڪ کي چيو:

”آءٌ جڏهن کان هتي آئي آهيان پنهنجن مائٽن سان نه ملي آهيان. مهرباني ڪري مونکي موڪل ڏني وڃي جيئن آءٌ انهن سان ملي اچان.“

هن جي مالڪ هن تي رحم ڪائي هن کي موڪل ڏئي ڇڏي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪيترا قيمتي تحفا پڻ ڏنا.

”وڃ تون وڃي پنهنجن گهر وارن سان ملي اچ.“

اهڙيءَ طرح هوءَ هتان پيجي آئي ۽ اچي وري لومڙي تي. ٻئي پاسي پوڙهو ڏينهن جو جهنگل ۾ ويو ته هن کي وري اها لومڙي ملي. هو هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڇڻ لڳس.

”تون ڪيئن آهين؟ ڏاڍن ڏينهن کان پوءِ ملي آهين؟“

لومڙيءَ هن کي پاڻ بابت ٻڌايو ۽ وري چوڻ لڳيس:

”ڏاڏا! هاڻ آءٌ گهوڙو ٿي ٿيان. تون مون کي ڪنهن شاهوڪار ماڻهوءَ وٽ وٺي هل ۽ وڪڻي ڇڏ!“ ان سان گڏ هن اهو به چيو: ”جيڪڏهن حالتون صحيح نه رهيون ته اڄ کان پوءِ پاڻ شايد وري ملي نه سگهون. جيڪڏهن ائين ٿي پيو ته پوءِ تون منهنجي هر سال ورسي ملهائيندو رهجانءِ ۽ ان ڏينهن تي واس پڻ ساڙجانءِ. چڱو هاڻ مان گهوڙو ٿي ٿيان.“

”خدا جي واسطي ترسي پئه. منهنجي ڳالهه ٻڌ! مون کي هاڻ دولت جي ضرورت ناهي.“

پوڙهي گهڻيون ئي دانهون ڪيون پر ان کان اڳ لومڙي پوري رنگ جو گهوڙو ٻڻجي چڪي هئي. پوڙهي لاءِ ٻيو ڪو رستو نه هو سواءِ ان جي ته هو ان گهوڙي کي پاڻ سان وٺي ان امير ماڻهو وٽ وڪڻڻ لاءِ وڃي. هن ائين ئي ڪيو ۽ هڪ سؤ ريو ۾ گهوڙو امير ماڻهوءَ کي وڪڻي ڇڏيو.

ان ڳالهه کي ڪي ٿورا ئي ڏينهن گذريا هوندا جو امير ماڻهوءَ کي ٻين ماڻهن سان گڏ ڪنهن ميلي ۾ وڃڻو پيو. هن پنهنجن نوڪرن کي چيو:

”نئين گهوڙي کي تيار ڪيو وڃي. ان تي سفر سنو رهندو.“

هوڏانهن لومڙي جيڪا جيتوڻيڪ گهوڙي جي روپ ۾ هئي پر

هئي تہ لومڙي ئي. هن ۾ ايتري طاقت ڪٿي هئي سو هوءَ رستي ۾ ئي بيهوش ٿي ڪري پيئي. شاهوڪار ماڻهوءَ ڪاوڙ ۾ اچي هن کي هڪ دلدل ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ پاڻ ٻي گهوڙي تي سوار ٿي هلڻ لڳو.

جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا تہ لومڙي وڏي ڏکيائيءَ سان دلدل مان نڪتي ۽ جبلن ڏي ائين وٺي ڀڳي جو وري واپس ورڻ جو نالو نہ ورتائين.

پوڙهو ماڻهو جيڪو ڪڏهن ڪانيون ڪري زندگي گذاريندو هو، هاڻ امير ٿي چڪو هو ۽ کيس هيءَ سڄي دولت هڪ لومڙيءَ جي ڪري نصيب ٿي هئي. هو سڄي ڳوٺ ۾ هڪ معزز ۽ خوشحال ماڻهو مشهور ٿي ويو. پر هن نہ لومڙي کي وساريو ۽ نہ وري لومڙيءَ جي آخري وصيت کي ڇڏيو. هن پنهنجي گهر ۾ هڪ ننڍڙو عبادت گهر ٺهرايو هو جتي پاڻ ۽ سندس زال هر مهيني جي اوڻهينءَ تاريخ دعا گهرندا هئا تہ جيئن جنت ۾ لومڙيءَ جو ٻيهر جنم ٿئي.

نچندڙ مانيون

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ جپان جي هڪ ڳوٺ وڪاياما ۾ هڪ پوڙهو ڪانير ۽ هن جي زال رهي ٿي. هڪ ڏينهن ڪانير پنهنجي زال کي چيو: ”اڄ آئون ڪانيون ڪرڻ لاءِ جنگل ۾ ويندس. منهنجي منجهند جي مانيءَ لاءِ مون کي ڪجهہ مانيون پچائي ڏي.“

جپانين جو دلپسند کاڌو چانور آهي. بلڪ جپان جي موسم اهڙي آهي جو اتي ڪڻڪ پوکي نٿي سگهجي. سو هر شيءِ چانورن جي ڪائين. يت هجي يا سويون، ڪيڪ هجن يا مانيون، سڀ چانورن مان ناهيون وڃن ٿيون. پوڙهي ڪانير جي زال جلدي جلدي چانورن جي اتي مان ڇهہ ست ننڍڙيون هٿ جيڏيون مانيون ناهي هڪ دٻي ۾ بند ڪري پنهنجي مڙس کي ڏنيون. ڪانير ڪهاڙي ۽ مانين جو دٻو کڻي جهنگل ڏي روانو ٿيو.

جهنگل ۾ ڪانيون وڍيندي وڍيندي جڏهن ٻپهر ٿي ويا تہ ڪانير ماني کائڻ لاءِ هڪ هنڌ تي ويٺو. هن کي تمام گهٽي بک لڳي رهي هئي. هن جيئن ئي دٻي جو ڍڪ کوليو تہ مٿين ماني دٻي مان ڪري پئي. ڪانير اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ ماني نچي رهي هئي. ماني نچندي نچندي پري هلي وئي ۽ هڪ کَڏَ ۾ ڪري پئي.

ڪانير هڪدم اتان اٿي کڏ ڏي وڌيو. جڏهن هن کَڏَ ۾ ليئو پاتو تہ ان مان کيس ڳائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو حيران ٿي سوچڻ

لڳو: ”خبر ناهي اندر ڇا ٿي رهيو آهي. هڪ ٻي ماني ٻه اڇلي ڏسان ته ڇا ٿو ٿئي.“

ڪانير دٻي مان هڪ ٻي ماني ڪڍي زمين تي رکي. اها ماني به ڀهرينءَ وانگر نچندي نچندي ڪَڏ ۾ وڃي ڪري. ڪانير ڪڏ مٿان جهڪي اندران ايندڙ ڳائڻ جا آواز غور سان ٻڌڻ لڳو. اندر ڪو آلاپي رهيو هو:

مانيون، گول گول مانيون
اڇو ته هڪ ٻئي سان،
دل لڳائيون، دل لڳائيون.
نچنديون اچن مانيون
گول گول مانيون، مانيون.

پوڙهو ڪانير راڳ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن دٻي مان هڪ ٻي ماني ڪڍي زمين تي رکي. ان کان پوءِ هڪ ٻي ۽ پوءِ هڪ ٻي – تانجو سڄو دٻو خالي ٿي ويس. سڀ مانيون هڪ ٻئي پويان نچنديون نچنديون ڪڏ ۾ هليون ويون ۽ ڪانير مزي سان راڳ ٻڌندو رهيو.

ڪانير کي هي راڳ تمام سٺا لڳي رهيا هئا ۽ هو راڳ ٻڌندي ٻڌندي ان ڪڏ ۾ ايترو ته جهڪيو جو ان ۾ ترڪي اندر هليو ويو. هن ڏٺو ته اندر سوين ڪوئا اچي گڏ ٿيا هئا جيڪي هن جون مانيون کائي نچي رهيا هئا.

ڪانير کي ڏسي ڪوئن جو سردار اڳيان آيو ۽ چوڻ لڳو:

”سائين، ههڙين مزيدار مانين لاءِ ’دومو اريگاتو‘— يعني وڏي وڏي مهرباني. انهن جي بدلي ۾ اسان توکي چانورن جي هيءَ ٿيلهي ڏيون ٿا.“

اهو چئي ڪوئن جي سردار هڪ ننڍڙي ٿيلهي ڪانير جي هٿ تي رکي. هيءَ ٿيلهي هڪ ننڍي ٻٽونءَ جيڏي هئي. ان کان پوءِ سڀني ڪوئن گڏجي هن کي خدا حافظ چيو ۽ ان بعد ڪورس ۾ هي راڳ ڳائڻ لڳا:

”سايونارا ڪانير سايونارا ڪانير
اسان جا توموداچي ڪانير
دوستن جا دوست ڪانير
نچندو وڃ نچندو وڃ.
سايو نارا اسان جا ڪانير.“

۽ جڏهن ڪوئن اهو راڳ شروع ڪيو ته پوڙهو ڪانير مانين وانگر نچندو نچندو ٻاٺي مٿي چڙهي ويو ۽ ڪڏ مان ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهر اچي ڪانير پنهنجا ڪپڙا ڇنڊيا ۽ چانورن جي ننڍڙي ٿيلهي ڪڇ ۾ دٻائي گهر ڏي روانو ٿيو.

جڏهن ڪانير جي زال چانورن جي ٿيلهي ڏٺي ته رڙ ڪري چيو:

”هيءَ ته تمام ننڍي ٿيلهي آهي. هن ۾ ته مٺ جيترا به چانور نه آهن.“

پر جڏهن هن ٿيلهيءَ مان چانور ڪڍڻ شروع ڪيا ته هن جي اڳيان چانور جا ڍير لڳي ويا ۽ پوءِ ٿيلهي اڌ به خالي نه ٿي. هوءَ روز ٿيلهيءَ مان چانور ڪڍندي هئي ته به اها ساڳي جي ساڳي منهن تائين ڀريل.

اصل ۾ اها هڪ جادوءَ جي ٿيلهي هئي جيڪا ڪوئن خوش ٿي هن ڪانير کي سوکڙيءَ طور ڏني هئي. ان کان پوءِ ڪانير جي گهر ۾ ڪڏهن به چانورن جي کوٽ نه ٿي. ڪانير جي زال صبح توڙي شام جو پٽيلو ڀري ڀري چانورن جو چاڙهيندي هئي ۽ ٻئي زال مڙس چڱي طرح پيٽ ڀري کائيندا هئا.

جپاني لفظ:

دومو اريگاتو ـــ وڏي مهرباني: سايونارا ـــ ٻاءِ ٻاءِ : توموداچي ـ دوست

لوهي ٽوپلو

هيءَ آڪاڻي اڄ کان صديون اڳ جي آهي ۽ هن جو واسطو ڪيوٽو جي درگاهه ’ڪنا - جي‘ سان آهي. ان زماني ۾ ڪيوٽو جپان جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ ڪناجي اتي جو مشهور عبادت گهر هو. ان عبادت گهر ۾ تمام گهڻا راهب (ڀاوا) هئا. انهن کان علاوه هتي ٻيا به تمام گهڻا اهڙا ڇوڪرا هئا جيڪي ڀاوا ٿيڻ جي سکيا وٺي رهيا هئا. اهي سڀ ختابي ان عبادت گهر جي ڀاون جي نظر هيٺ تعليم ۽ تربيت وٺي رهيا هئا.

هڪ دفعي هيئن ٿيو جو هڪ ڇوڪري جي تعليم ۽ تربيت ختم ٿيڻ تي هن کي ڀائي جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. جڏهن هو ڀائو مقرر ٿي ويو ته عبادت گهر جي سڀني ماڻهن اهو فيصلو ڪيو ته:

”اسان کي نئين ڀائي جي خوشيءَ ۾ ڪو ڪاڄ ڪرڻ کپي.“

ان ڳالهه تي سڀني هائوڪار ڪئي ۽ اهو فيصلو ٿيو ته:

”هن جي اعزاز ۾ هڪ شاندار دعوت جو بندوبست ڪيو وڃي!“

سو نئين ڀائي ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ وڏي دعوت جو بندوبست ڪيو ويو. جنهن ۾ قسمين قسمين کاڌن کان علاوه ڪيترن ئي قسمن جا شراب ۽ شربت پڻ رکيا ويا - جن ۾ جپاني شراب ساڪي پڻ رکيو ويو هو. دعوت واري ڏينهن عبادت گاهه کي سينگاريو ويو ۽ جڏهن سڀ مهمان اچي حاضر ٿيا ته نئين ڀائي کي گلن جا هار پارائي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو.

دعوت شروع ٿي ۽ سڀ ماڻهو چڱيءَ طرح کائي پي رهيا هئا. گڏوگڏ سڀ ڳالهيون به ڪري رهيا هئا ته چرچا پوڳ پئي. نئون چونڊيل ٻائو ڪجهه ته پنهنجي طبيعت ڪري ۽ ڪجهه خوشي ۽ گهڻي ساڪي شراب پيئڻ ڪري تمام گهڻو ٻهڪي رهيو هو. ڳالهه ڳالهه تي هو کلي رهيو هو. ڳالهين ڳالهين ۾ خبر ناهي هن جي دل ۾ ڇا آيو جو پنهنجي جاءِ تان اٿي نچڻ لڳو. پوءِ خوشيءَ وچان نچندي نچندي پاسي تي رکيل هڪ پتيلي قسم جو ٿانءُ کڻي اونڌو ڪري پنهنجي مٿي تي رکي وري نچڻ لڳو. هن جي لڏڻ ٽپڻ ڪري لوهه جو هي ٿانءُ سرڪندو ويو. ايستائين جو آهستي آهستي سندس سڄو مٿو ان ٿانءُ اندر هليو ويو ۽ ٿانءُ هن جي نڪ تي اچي ڦاسي پيهي رهيو. راهب جيئن ته ان وقت تمام گهڻو خوش هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نچي رهيو هو ان ڪري هن کي ان ڳالهه جو احساس بلڪل نه ٿيو. دعوت ۾ آيل مهمان ۽ سندس ساٿي به سندس ان ڪم مان خوش ٿي رهيا هئا. هن جو مٿو ٿانءَ جي اندر هو ۽ هو بنا ڏسڻ جي تمام تکو تکو نچي رهيو هو. سندس هيءَ مسخرن جهڙي صورت ۽ ناچ ڏسي سڀ لطف اندوز ٿي رهيا هئا.

آخرڪار دعوت جو هي هل هنگامو پورو ٿيو ۽ نئون ٻائو به ٿڪجي ٿڪجي ويهي رهيو. هاڻ هن ٻنهي هٿن سان ٿانءَ مان پنهنجو مٿو ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي [illegible] ته ماڳهين ڦاسي پيو آهي. هو ٿانءَ کي مضبوط جڪڙي ويو ته هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته هن جا ڪن ۽ نڪ وڃي رهيا هجن. ٻهرين ته هن ان ڳالهه کي ايڏو سنجيدگيءَ سان نه ورتو. پر هاڻ هن کي فڪر ورائي ويو. هن وري زور لڳائي ٿانءُ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ته ايڏو ته سور ٿيس جو دانهون ڪري چوڻ لڳو:

”اڙي بچايو منهنجو مٿو ٿو وڃي - منهنجو مٿو پتيلي مان ڪڍو!“

جيئن ئي هن دانهون ڪري ائين چيو ته سڀني ماڻهن هن ڏي

ڏيان نه ڏنو پر کين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا پيو ڇوي؟ ڇو ته هن جو سڄو مٿو پتيلي ۾ ڦاٿو پيو هو. ان ڪري آواز اندر ئي اندر گونجي رهيو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ هو عجيب آواز ڪڍي رهيو هجي. بهرحال هن لڳاتار دانهون ڪيون:

”مون کي بچايو! منهنجي مدد ڪريو! منهنجو مٿو ٻاهر ڪڍو!“

ان تي هن جا هڪ ٻه ساٿي اڳيان وڌيا ۽ ٿانءُ ڇڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پر جيئن ئي هنن زور لڳايو ته ٻائي دانهون ونئي ڪيون:

”اڙي آءٌ مري ويس! منهنجا ڪن! منهنجو نڪ وڍجي رهيو آهي! مون کي هن مصيبت مان ڇڏايو.“

جڏهن هن تمام گهڻيون دانهون ڪيون ته جيڪي ماڻهو هن جي مٿي مان پتيلو ڇڪي رهيا هئا سي هٿ جهلي بيهي رهيا ۽ پاڻ ۾ سوچڻ لڳا: ”ڇا ڪرڻ کپي - هن جو مٿو ڪيئن ٻاهر ڪڍجي!“

هيڏانهن نئون ٻائو سور کان رڙيون ڪري ڇٿي رهيو هو:

”خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪريو ۽ هي ٿانءُ منهنجي مٿي مان ڪڍو!“

اهو ڏسي ماڻهن اڃان به وڌيڪ زور لڳائي ٿانوَ کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اهڙو ته ڦاٿل هو جو ذرو به چُريو نٿي. ۽ کين پڪ ٿي وئي ته اڃان به گهڻو زور لڳائيندا سين ته نئين ٻائي جا ڪن ۽ نڪ ڪپجي ويندا. اهو حال ڏسي هو پنهنجو پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪرڻ لڳا.

”پاڻ کي سڄي طاقت سان ٿانءَ کي ڇڪڻ کپي.“

ڪنهن صلاح ڏيندي چيو:

”ائين ڪرڻ سان ٻائي جا ڪن ۽ نڪ سلامت نه رهندا.“

ڪنهن ٻئي چيو:

”پر ہيو ڪو چارو ٻہ تہ ناهي. بهرحال پتيلي کي تہ مٿي مان ڪڍٽو ئي آهي ۽ ان جو اهوئي هڪ طريقو آهي.“

ٽئي ڄڻي پنهنجي راءِ پيش ڪئي. ان طرح سڀ ماڻهو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري رهيا هئا تہ اوچتو انهن مان هڪ ڄڻي چيو:

”منهنجي ذهن ۾ هڪ زبردست رٿ آئي آهي!“

”اها ڪهڙي آهي؟ جلدي ٻڌاءِ جيئن ٻائي جي جان آزاد ٿئي.“ ماڻهن بي تابيءَ جي عالم مان هن کان پڇيو. تنهن تي هن ماڻهوءَ چيو:

”پاڻ کي پتيلو پڃي هن جو مٿو ٻاهر ڪڍڻ کپي.“

”پر هي تہ لوهہ جو آهي ڏاڍو مضبوط هوندو.“

”جهڙو بہ هجي، ان کي پڃڻو ضروري آهي.“

ان سان گڏ هن ماڻهوءَ مترڪو ڪٽي ٿانءَ کي پڃڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پتيلو چا پڃو ماڳهين ٻائي جي حالت خراب ٿي ويئي. هن جي مٿي تي مترڪي جا ڌڪ لڳا تہ هو ويتر رڙيون ڪرڻ لڳو. اهو ڏسي هن همراهہ مترڪا هٿڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ هڪٻئي کي چوڻ لڳا:

”هن کي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وٺي هلڻ کپي؟“

ان ڳالهہ تي سڀني هائوڪار ڪئي ۽ سڀ ٻائي کي ڪٽي ڊاڪٽر وٽ آيا جيڪو وڍ ڪٽ جو ماهر هو. جيئن ئي هن کي ڊاڪٽر ڏٺو، تہ حيران ٿي چيو:

”هي تہ عجيب غريب مريض آهي. مون پنهنجي ڄمار ۾ اهڙو مريض نہ ڏٺو هوندو.“ هن ڪجهہ گهڙين لاءِ هن جو جائزو ورتو ۽ پوءِ چوڻ لڳو:

”آءٌ توهان جي ڪابہ مدد نٿو ڪري سگهان.“

جڏهن ڊاڪٽر بہ انهن جي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ هو مجبور ٿي ٻائي کي واپس عبادت گهر ۾ ڪٽي آيا ۽ هن کي ڪٽ تي

سمهاري ڇڏيائون. هاڻ حالت اها هئي جو ٻاڻ ڪٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ پاسي کان سندس مائٽ مت پريشانيءَ ۾ ويٺا هئا. هن جي ويچاري ماءُ تہ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. هن ماڻهن کي منٿون ڪندي چيو:

”جيڪي وٽنوَ اهو ڪريو پر منهنجي پٽ جي مٿي مان پتيلو ڪڍو.“ ان وقت اوسي پاسي ۾ ويٺل ٻيا ماڻهو بہ اهوئي چئي رهيا هئا:

”هاڻ ان کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ناهي. ٻاڻ کي زور ڏئي ٿانءَ کي ڇڪي ٻاهر ڪڍڻو پوندو. هن جي زندگي بچائڻ جو اهوئي هڪ چارو آهي. نہ تہ هي اٿين ئي مري ويندو.“

پوءِ ٻن چئن ماڻهن گڏجي سڄي طاقت سان زور لڳائي پتيلي کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻائو دانهون ڪندو رهيو پر هنن ان جي پرواهہ نہ ڪئي. آخرڪار ٿوري دير جي ڪوشش کان پوءِ پتيلي مان ٻائي جو مٿو ٻاهر نڪري آيو پر سندس منهن چڱو ڇلجي ويو هو ۽ نڪ ۽ ڪن رتو رت ٿي ويا.

چون ٿا تہ ان کان پوءِ هي ٻائو ڪيترا ڏينهن کٽ تي ئي سمهي علاج ڪرائيندو رهيو. هو پنهنجن ڀُتن کي ڏسي دل ئي دل ۾ وعدو ڪندو رهيو تہ آئنده ڪڏهن اهڙي بيوقوفي نہ ڪندس.

سَهي جي توبهہ

هيءَ اچ کان صديون اڳ جي ڳالهہ آهي. جڏهن جي ڪنهن جهنگل ۾ هڪ ننڍڙو سهو رهندو هو. هي جهنگل سمنڊ جي ڪناري تي هوندو هو. هن ۾ ان ننڍڙي سهي کان علاوه ٻيا سها بہ رهندا هئا. پر هي پنهنجي طبيعت جي خيال کان ٻين سڀني کان مختلف هو. هونءَ تہ هي ڏنگائيون بہ ڏاڍيون ڪندو هو پر بيحد ذهين ۽ چالاڪ پڻ هو. جڏهن هي روزانو جهنگل مان نڪري سمنڊ جي ڪناري تي پاڻي پيئڻ لاءِ ايندو هو تہ سمنڊ کي پري پري تائين وڏي حسرت سان ڏسندو هو. دراصل هن جي ڪناري جي ڀرسان پاسي هڪ تمام گهڻو سهڻو ٻيٽ هو جو پري کان تمام گهڻو دلڪش نظر ايندو هو. ننڍڙي سهي ڏهاڙي سمنڊ جي ڪناري تي ويهي ان خوبصورت ٻيٽ ڏي ڏٺو ٿي ۽ دل ئي دل ۾ چيو ٿي:

"ڪاش! آءٌ جيڪر هن ٻيٽ تي پهچي وڃان."

مصيبت اها هئي جو ان ٻيٽ تائين پهچڻ لاءِ سمنڊ جو هڪ حصو پار ڪرڻ ضروري هو ۽ ان کي پار ڪرڻ سهي جي وس کان ٻاهر هو. هن کي نہ ترڻ آيو ٿي ۽ نہ وري اتان ڪا ٻيڙي ٿي لنگهي جنهن ۾ ويهي هو اوستائين پهچي سگهي. هن جڏهن پنهنجي ان خواهش جي ڳالهہ پنهنجين سائي سهن سان ڪئي تہ هو سڀ مٿس چرچا ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا:

"چريو نہ ٿي، تنهنجو ان ٻيٽ تائين پهچڻ ناممڪن آهي."

هنن هن کي سمجهايو:

”توکي اڃي ترڻ ٻه ڪونه ٿو. نه وري هتي ڪا ٻيڙي آهي يا خشڪيءَ جو رستو. پوءِ ڀلا تون هتي ڪيئن وڃي سگھندين؟“

ننڍڙي سهي ٻه اهي سڀ ڳالهيون سمجهيون ٿي پر ان هوندي ٻه هو اوڏانهن وڃڻ لاءِ آتو هو. هو ڪيترن ڏينهن کان رٿون سوچيندو رهيو. آخر هن جي دماغ ۾ هڪ اٽڪل آئي ۽ خوشيءَ مان هو ٽپ ڏيڻ لڳو.

”چو نه. چونه. ان طرح آءٌ ضرور اتي پهچي ويندس.“ هن پنهنجو ڀاڻ کي چيو ۽ پوءِ ڊوڙندو ڊوڙندو سمنڊ جي ڪناري تائين پهچي ويو. اتي هڪ شارڪ مڇي هنجي دوست هئي. سهي هنکي سڏيو ۽ چوڻ لڳو:

”چڱو اهو ته ٻڌاءِ، تنهنجي دوستن جو تعداد ڪيترو آهي ـ؟“

جواب ۾ مڇي پڇڻ لڳيس:

”تنهن ۾ تنهنجو ڇا وڃي؟“

سهي جواب ڏنو:

”دراصل آءٌ ائين ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته تنهنجي دوستن جو تعداد وڌيڪ آهي يا منهنجي دوستن جو.“

”اهو معلوم ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته منهنجن دوستن جو تعداد تنهنجي دوستن کان تمام گهٽو آهي.“ شارڪ مڇيءَ وڏائيءَ مان وراڻيو. تنهن تي سهي جواب ڏنو:

”آءٌ ان تي ڪيئن اعتبار ڪريان؟“

ان کان پوءِ هو ڀاڻ ئي چوڻ لڳو:

”چڱو اڄ، ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڀاڻ هڪ ٻئي جي دوستن جي ڳڻپ ڪريون. پهرين تنهنجن دوستن کي ڳڻيون ٿا.“

”ها، اهو ته صحيح آهي. پر منهنجيون سڀ دوست مڇيون ته سمنڊ ۾ ئي رهن ٿيون. پوءِ تون انهن کي ڪيئن ڳڻي سگھندين؟“

ان تي سهي چالاڪيءَ سان چيو:

”ائين ڇو نہ ڪريون تہ تون پنهنجن دوستن کي سڏائي انهن کي هڪ قطار ۾ بيهار.“ ايترو چئي هن مڇيءَ کي غور سان ڏٺو ۽ چيو:

”تون پنهنجن دوستن کي هن ڪناري کان وني پرئين ٻيٽ تائين قطار ۾ بيهارين جيئن آءٌ هنن کي سولائيءَ سان ڳڻي سگهان.“

”چڱو. مون کي قبول آهي.“

شارڪ مڇي هڪدم راضي ٿي ويئي ۽ هن سمنڊ مان پنهنجين دوست مڇين کي سڏائي چيو:

توهان سڀ هن ڪناري کان وني پرئين ٻيٽ تائين قطار ٺاهيو جيئن سهو توهان کي ڳڻي سگهي. هن سان مون شرط لڳائي آهي.“

جيئن شارڪ مڇيءَ ائين چيو تہ هن جون دوست مڇيون هڪ ٻئي سان لڳي قطار ٺاهي بيهي رهيون ۽ ڪناري کان ٻيٽ تائين ائين قطار ٺاهيائون ڄڻ هڪ پل هجي. هي ڏسي سهو چوڻ لڳو:

”چڱو. هاڻ مان تنهنجن دوستن کي ڳڻيان ٿو.“

ان کان پوءِ هو قطار ۾ بيٺل مڇين مان، هڪ هڪ جي پٺ تي پير رکندو اڳيان وڌيو.

”هڪ. ٻہ. ٽي. چار. پنج!“

ان ريت هو ٽپ ڏيندو ۽ مڇين جي پٺ تان ٽپندو ٻيٽ تائين وڃي نڪتو. جيئن ئي هو ٻيٽ تي پهتو تہ خوش ٿي هن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو:

”او چري شارڪ مڇي! مون تہ توکي بيوقوف بنايو آهي. دراصل مون هن ٻيٽ تائين پهچڻ ٿي چاهيو. ۽ آءٌ ان ۾ ڪامياب ٿي

ويس. مون ڳٽپ جي ٻهاني سان تنهنجين دوست مڇين کان پل جو ڪم ورتو. هاهاها! هاهاها!"

جيئن ئي مڇيءَ اهو ٻڌو، هوءَ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي. اجان سهو ڪناري تي ئي هو، هن مڙي هن کي ڪٽي چڪ پاتو ۽ سهي جي ڪل جو هڪ حصو لاهي ورتو.

"اڙي آءٌ مري ويس – اڙي آءٌ مري ويس!"

سهو زور زور سان رڙڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. اتفاق سان انهيءَ ئي وقت ان ٻيٽ جو بادشاهه اتان اچي لنگهيو. هن جڏهن سهي کي ائين رئندو ڏٺو ته ڪانئس پڇيو:

"اڙي ننڍڙا سها! تون ائين ڇو روئي رهيو آهين؟ توکي ڇا ٿيو آهي؟"

جواب ۾ سهي اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجو پورو احوال ٻڌايو ۽ ڇيو ته هن طرح آءٌ شارڪ مڇيءَ کي بيوقوف ناهي هتي پهتو آهيان ۽ هن منهنجي کل ئي لاهي رکي آهي. سهي جي سموري ڳالهه ٻڌي ٻيٽ جي بادشاهه ڇيو:

"جيڪڏهن تون مون سان وعدو ڪرين ته آئيندي تون ڪنهن سان به ڪوڙ نه ڳالهائيندين ۽ نه ئي ڪنهن کي ان طرح بيوقوف ناهيندين ته آءٌ توکي تنهنجي کل واپس ڏياريان."

"آءٌ وعدو ٿو ڪريان. آءٌ پڪو وعدو ٿوڪريان ته آءٌ ڪنهن سان به ڪوڙ نه ڳالهائيندس ۽ نه اهڙي حرڪت ڪندس."

سهي جي ان وعدي تي ٻيٽ جي بادشاهه ساموندي گاهه ڪٽي هڪ وڏو اکيرو ناهيو ۽ پوءِ سهي کي ڪٽي ان ۾ سمهاري ڇيو:

"هاڻ تون هتي ســمــهي رهه. تنهنجي کل پاڻهي نئين ڄمي ويندي."

۽ واقعي ٿيو به ائين. ٻئي ڏينهن صبح جو جيئن ئي سهو ننڊ

مان اٿيو تہ هن جي بدن جي سڄي ڪل بلڪل صحيح ٿي وئي هئي. هو پڇندو پڇندو ٻيٽ جي بادشاهہ وٽ پهتو ۽ هن جا ٿورا مڃي چوڻ لڳو:

"آءٌ توهان جو بيحد شڪر گذار آهيان. منهنجي ڪل صحيح ٿي وئي ۽ هاڻ آءٌ بلڪل چاق چڱو ڀلو آهيان."

ٻيٽ جي بادشاهہ ان ئي وقت ننڍڙي سهي کي ٻيهر هن جي جهنگل ۾ پهچايو ـــ ۽ ان کان پوءِ سهي ڪڏهن بہ ڪنهن سان نہ ڪوڙ ڳالهايو ۽ نہ وري ڪنهن کي بيوقوف ناهڻ جي ڪوشش ڪئي.

هنداڻن جو واپاري

پراڻي وقت جي ڳالهه آهي. هڪ دفعي جپان جي صوبي ياماتو ۾ جپان جي گاديءَ جي هنڌ ڪيوتو جي وچ ۾ هڪ قافلو سفر ڪري رهيو هو. قافلي جا ماڻهو گهوڙن تي چانهين (هنداڻن) جون ڳوٿيون رکي ڪيوتو وڃي رهيا هئا جيئن اهي اتي وڪڻي سگهن. هي گرمين جو زمانو هو ۽ موسم ايڏي تہ گرم هئي جو هر شخص پگهر ۾ جڙ وهنجي رهيو هو. گهوڙا بہ سفر ڪري ٿڪجي پيا هئا. اڃان هو ڪيوتو کان ڪجهہ فاصلي تي هئا تہ هنن مان هڪ ماڻهوءَ چيو:

"يارو! گرمي تمام گهڻي آهي. پاڻ پنڌ تمام گهڻو ڪيو آهي، گهوڙا بہ ٿڪجي پيا آهن. پوءِ ڇو نہ هتي ڪجهہ دير لاءِ آرام ڪري وٺون؟"

"صحيح آهي. هاڻ هونءَ ئي ڪيوتو تہ پاڻ پهچڻ وارا ئي آهيون، ڇو نہ ترسي ٿورو ٿڪ ڀڃي پوءِ هلجي."

هڪ ٻئي ماڻهوءَ بہ ساڳي صلاح جي پٺڀرائي ڪئي. ۽ اهڙي طرح سڀني پنهنجا پنهنجا گهوڙا جهليا. هنن گهوڙن کي وڻن سان ٻڌو ۽ پاڻ ڇانوءَ ۾ ويهي ٿڪ ڀڃڻ لڳا. اڃا هو ويٺا ئي مس تہ انهن مان هڪ ماڻهوءَ چيو:

"اڄ ڏاڍي لڳي آهي ڇو نہ چانهين کائجي؟"

"منهنجي بہ اهائي صلاح آهي. مون کي تمام گهڻي اڃ لڳي آهي." هن جي هڪ ٻئي ساٿيءَ بہ چيو.

”فقط توهان ۾ ڪي اڄ نہ لڳي آهي پر سيني کي اڄ لڳي آهي.“ ٽئي ڄڻي ٻہ ڏاڏن جي صلاح مڃي ۽ اهڙيءَ طرح هاڻ اتي سڀ ڄڻا ويهي ڇانهون کائڻ لڳا.

هو سڀ ڄڻ ڇانهيون کائي رهيا هئا تہ ايتري ۾ هڪ پوڙهو ماڻهو اتان اچي لاڳهائو ٿيو. هن کي گرمين ۾ پائڻ وارو ڪمونو پاتل هو، مٿي تي ڪکن جو ٽوپلو هوس ۽ پيرن ۾ بہ ڪکن جي جتي هيس ۽ هٿن ۾ هڪ دٻو هوس. هن کي ڏسي ماٺ ڪري اچي سامهون ويهي رهين. هن جي منهن مان لڳو پئي، تہ هو تمام گهٽو تڪل آهي ۽ هن کي بہ ڪا اڄ لڳي آهي. پوڙهو هنن کي حسرت منجهان ڏسڻ لڳو. هو ڪجهہ دير لاءِ ماٺ ۾ کين ڇانهيون کائيندو ڏسندو رهيو ۽ پوءِ نماڻائيءَ سان عرض ڪيو:

”آءٌ تمام گهٽو تڪل آهيان ۽ مون کي اڄ لڳي آهي. مهرباني ڪري ٿوري ڇانهين مون کي بہ کائڻ لاءِ ڏيو جيئن منهنجي اڄ مري سگهي.“

پوڙهي کي ڇانهين ڏيڻ بدران هنن چيس:

”پوڙها ماڻهو. اسانکي افسوس آهي جو توکي ڇانهين ڏئي نٿا سگهون. جيتوڻيڪ اسان وٽ تمام گهٽيون ڇانهيون آهن پر اسان توکي نہ ڏينداسين!“

پوڙهو اهو جواب ٻڌي کين حيرت منجهان ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ چيو:

”وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي جو هڪ پيرمرد هھڙيءَ گرميءَ ۽ سڄ جي تپش ۾ سفر ڪري آيو آهي ۽ توهان ماڻهو ڇانهينءَ جي هڪ ڦار بہ نٿا ڏيو؟“

”اسان توکي ڇئي جو ڇڏيو تہ اسان توکي نہ ڏينداسين!“ هنن رکو جواب ڏنو. ان تي پوڙهو هنن ڏي ڏسي چوڻ لڳو:

”جيڪڏهن توهان وٽ ڇانهينءَ جي هڪ ڦار بہ نہ آهي تہ آءٌ هينئر جو هينئر توهان جي اڳيان تمام گهٽيون ڇانهيون پيدا ڪندس

۽ توهان جي سامهون ويهي کائيندس.“

”هينئر تون ويهي ڇانهيون پيدا ڪندين؟“

”ائين لڳي ٿو ڄڻ تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. ڇا ڇانهيون منڻ ۾ پوکي وٺندين؟“

انهن مان ڪجھ ماڻهو ٻوڙهي سان چرچا ڪرڻ لڳا پر ٻوڙهو صبر سان ٻڌندو رهيو. هن هنن جي چرچي ڀوڳ ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڌريو. هن ان ئي وقت پر ۾ پيل هڪ ڪاني کنئي ۽ ان سان زمين کي ائين کوٽڻ شروع ڪيو ڄڻ هر هلائي رهيو هجي.

”ڏسو ڏسو ٻوڙهو ڇا پيو ڪري!“

”شايد هي زمين ۾ هر پيو هلائي.“

”پڪ هي ڪو چريو آهي.“

هو اهڙي طرح هن تي چرچا ڀوڳ ڪري خوش ٿيڻ لڳا. پر هوڏانهن ٻوڙهي سنجيدگيءَ سان زمين کي ڪانيءَ سان ٺيڪ ڪيڙيو. ان کان پوءِ هن ڇانهين جا اهي ٻج ڪنيا جيڪي هنن ڇانهيون کائي هيڏانهن هوڏانهن اڇلائي ڇڏيا هئا. پوءِ هن کوٽيل زمين ۾ انهن ٻجن کي ڇٽڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح هن ڏسندي ئي ڏسندي ٻجن کي پوکي ورتو ۽ پوءِ اجان کي گهڙيون بہ نہ گذريون هونديون جو ڏسندي ئي ڏسندي سڀ ماڻهو حيرت وچان ٻت ٻڻجي ويا. هنن ڏٺو تہ ڌرتيءَ منجهان ڇانهين جي ولين جا پن ڦٽي رهيا هئا.

”هي ڇا ! ڪمال جي ڳالھ آهي؟ ائين بہ ڪڏهن ٿيو آهي؟“

هو سڀئي ڄڻا ڦاٽل اکين سان ڪڏهن هڪ ٻئي کي تہ ڪڏهن هن پير مرد کي ڏسڻ لڳا. پر هوڏانهن ٻوڙهو نهايت تحمل ۽ سڪون سان ويٺو هو ۽ هن جي منهن تي تعجب بدران خوشيءَ جون لهرون هيون.

ٿوري دير اڳ زمين مان جيڪي وليون ڦٽيون هيون هاڻ ڏسندي ئي ڏسندي وڌيون ٿي ويون.

"مون کي تہ پنھنجين اکين تي ئي اعتبار ئي نٿو اچي!"

ھڪ ماڻھو پنھنجي ساٿيءَ کي چوڻ لڳو.

"ھي تہ ڪو خواب ٿو لڳي. ڀلا ائين بہ ڪڏھن ٿيو آھي؟"

ٻئي وراڻيس. ۽ نہ فقط اھي بہ پر سڀ حيرت وچان بت بڻيا بيٺا رھيا. سندن حيرت جي حد تڏھن ٿي ويئي جڏھن ڏسندي ئي ڏسندي انھن ولين ۾ گل اچي ويا ۽ پوءِ انھن ۾ ٻيرن جيڏيون چانھيون ٿي ويون ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اھي ٻيرن جيڏيون چانھيون وڏيون ٿي ويون. ھي عجيب منظر ڏسي سڀ وائڙا ٿي چوڻ لڳا:

"پڪ ھي ڪو جادوگر آھي!"

."نہ مون کي تہ ھي پوڙھو ڪو ديوتا ٿو لڳي!"

ٻئي پنھنجي راءِ ڏني.

اھڙيءَ طرح ھرڪو پنھنجي راءِ جو اظھار ڪري رھيو ھو. ايتري ۾ پوڙھو اڳيان وڌيو ۽ ھن ھڪ چانھيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. وڍڻ تي اندران چانھين ڳاڙھي نڪتي. ھن ٽڪر کائي چيو:

"ھا. پڪي ويون آھن. ۽ مٺيون بہ ڏاڍيون ٿيون آھن."

"توھان ماڻھن مون کي کائڻ لاءِ ھڪ ڦار بہ نہ ڏني. سو ظاھر آھي تہ مون کي پنھنجيون چانھيون پوکڻيون پيون. ھاڻ ايتريون تہ آءٌ کائي نٿو سگھان. توھان کائڻ چاھيو تہ کائي سگھو ٿا."

ايترو چئي پوڙھي ڪجھ چانھيون پٽيون ۽ ھنن جي آڏو اچي رکيون.

"اچي، پيٽ ڀري کائو!"

قافلي جي ماڻھن جڏھن ڏٺو تہ پوڙھو چانھيون کائڻ جي دعوت ڏئي رھيو آھي تہ سڀ اچي مٿان ڪريا ۽ مفت جون چانھيون کائڻ لڳا. ھو چانھيون بہ کائيندا رھيا تہ ڳالھيون بہ ڪندا رھيا. ھيڏانھن پوڙھو بہ چانھيون کائڻ ۾ مصروف ھو. پر چانھيون ايتريون تہ ھيون جو ھنن کان ختم ئي نٿي ٿيون. انھيءَ ڪري پوڙھي رستي تان

لنگهندڙ ٻين مسافرن کي ٻه سڏي ڪاٺڻ لاءِ چيو:
"اچو توهان ٻه اچي چانهيون ڪائو."

هھڙيءَ سخت گرميءَ ۾ ھھڙي دعوت ڪير نہ قبول ڪندو؟ ان ڪري جيڪي ڪجهه ماڻهو اتان لنگهيا سي ٻه چانهيون ڪاڻڻ ۾ هن جو ساٿ ڏيڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ٿوري دير بعد سڀ چانهيون ختم ٿي ويون ۽ هاڻي هيڏانهن هوڏانهن فقط چانهينءَ جون ڪلون ۽ ٻج پکڙيل هئا. پوڙهي جڏهن ڏٺو تہ هاڻ ڪلن ۽ ٻجن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ بچيو آهي تہ هو آهستي ڪري اٿيو ۽ چيو:
"چڱو. هاڻ هلڻ کپي."

هن هڪ نگاهہ سيني تي وڌي ۽ چيو:
"خدا حافظ. وري ملنداسين."

هو پنهنجي وات وٺي هلڻ لڳو. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اکين کان غائب ٿي ويو.

هيڏي قافلي وارن جڏهن ڏٺو تہ پوڙهو روانو ٿي چڪو آهي تہ هو هڪ ٻئي کي چوڻ لڳو:
"ٻاڻ کي ٻہ هلڻ کپي. اجان ٻاڻ کي ڪيوتو پهچڻو آهي."

هو سڀ اٿيا ۽ پنهنجن پنهنجن گهوڙن ڏي وڌڻ لڳا تہ ايتري ۾ هڪ همراهہ رڙ ڪري چيو:
"اڙي اسانجيون چانهيون ڪيڏانهن ويون؟"

جيئن ئي هن اهو چيو تہ سيني همراهن پنهنجن گهوڙن ڏي مڙي غور سان ڏٺو تہ سڀ خالي بينا هئا. اتي تہ هڪ داڻو بہ نہ هو.
"سڀئي چانهيون غائب ٿي ويون!"
"ڏادي عجيب ڳالهہ ٿي!"

هن جي لاءِ چانهين جي گم ٿيڻ جو واقعو تہ چانهين جي پيدا ٿيڻ کان بہ وڌيڪ حيرت انگيز ٿي پيو. هو حيرت مان چرين وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳا. انهن مان ڪن جٽن هيڏانهن هوڏانهن

ٻوڙي پاسن ڪندن ۾ ڳولا شروع ڪئي ته متان هيڏانهن هوڏانهن هجن، پر ڇانهيون هجن ته هٿن ڪي ملن. اتي ته ڪجهه به نه هو ۽ پوڙهو به وڃي چڪو هو.

"منهنجي خيال ۾ ته اسان جون ڇانهيون پوڙهو ڪٽي ويو آهي."

"هن اسان سان دوکو ڪيو آهي. اسان جو ڌيان پاڻ ڏي ڪري اسان کي پنهنجن گهوڙن کان بي خبر ڪري ڇڏيو."

"آءٌ ته اهو سوچي به نٿو سگهان ته پاڻ پنهنجيون ئي ڇانهيون ڪاٽيون آهن. اهو ڀلا ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو!"

"پڪ اهو پوڙهو ڪو جادوگر هو."

"تعجب جي ڳالهه ته اها آهي ته آخر ايتريون ڇانهيون ويون ڪيڏانهن؟!"

انهن مان هر هڪ ماڻهو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري رهيو هو. هڪ ماڻهوءَ ته اها به صلاح ڏني ته پوڙهي جي پٺ ورتي وڃي ۽ ان کي ڳوليو وڃي. پر هن جو ته پري پري تائين ڪو پاڇو به نه هو. جڏهن هو سڀ مايوس ٿي ويهي رهيا ته انهن مان هڪ چيو:

"هاڻ پنهنجو ڪيوٽو هلڻ بيڪار آهي. پاڻ اوڏانهن هلي ڇا وڪڻنداسين؟ بهتر اهوئي آهي ته موٽي ياماتو هلجي."

سيني هن جي صلاح ورتي ۽ واپس موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. جڏهن هو افسوس ڪري هلڻ لڳا ته پير ۾ ئي بيٺل هڪ همراهه چيو:

"جيڪڏهن هي ماڻهو پوڙهي کي ڇانهيءَ جي هڪ ڦار ڪٽي ڏين ها ته سندن سڀ ڇانهيون بچي وڃن ها."

اڳـارن جـو سـون

هيءَ اڄ کان صديون اڳ جي ڳالهہ آهي. جپان ۾ ڪنهن هنڌ جبلن جي وچ ۾ هڪ نوجوان رهندو هو. هن جو نالو 'ماتا جورو' هو ۽ هو غريبيءَ ۾ زندگي گذاري رهيو هو. هو جهنگ مان ڪانيون ڪري ايندو هو، انهن ڪي ساڙي اڱار ٺاهيندو هو ۽ پوءِ اهي اڱار اتان کان پري شيمودا بندرگاهہ تي کڻي ويندو هو جتي هن کي وڪڻي ڪجهہ پئسا ڪمائي وٺندو هو. ان ريت هو پنهنجي ڪاڌي پيتي جو سامان وٺي ايندو هو ۽ جيئن تيئن ڪري پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هو.

ماتاجورو مشڪل سان فقط ايترائي اڱار ٺاهي سگهندو هو جن مان هو فقط پنهنجو پيٽ پرڻ ۽ بدن کي ڍڪڻ جو بندوبست ڪري سگهندو هو. اهوئي سبب هو جو ڪوبہ ماڻهو هن کي پنهنجي ڌيءَ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. ۽ هو اڪيلو ئي زندگي بسر ڪري رهيو هو.

انهي زماني ۾ ڪيوٽو ۾ هڪ امير ماڻهو رهندو هو. هن امير ماڻهوءَ جي هڪ نهايت سهڻي ڌيءَ هئي جنهن جو نالو افوجي هو. افوجي جوان ٿي چڪي هئي ۽ هن جا ماءُ پيءُ ان ڳالهہ کان سخت پريشان هئا تہ اڃان تائين هن لاءِ ڪوبہ سڱ نہ آيو هو. روز بروز هن جي عمر وڌي رهي هئي جنهن جو سوچي هنجا ماءُ پيءُ اڃان بہ گهڻو فڪرمند ٿي رهيا هئا. هنن جي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هنن جي ڌيءَ سهڻي بہ آهي، جوان بہ آهي ۽ هنن وٽ پئسو ڏوڪڙ بہ آهي، پوءِ هن لاءِ ڪابہ ماڱ ڇو نٿي اچي؟ اهوئي غم هنن کي کائي رهيو هو.

آخرڪار هڪ ڏينهن امير ماڻهو ۽ هن جي زال هڪ اهڙي ماڻهوءَ وٽ ويا جنهن قسمت جو حال ٽي ٻڌايو. هنن هن کي نهنائيءَ منجهان چيو:

”اي قسمت جو حال ٻڌائڻ وارا! اسان جي ڌيءَ جوان ٿي چڪي آهي پر اجان تائين هن جي لاءِ ڪا مائٽي نٿي اچي. هوءَ سهڻي ب آهي ۽ اسان وٽ دولت جي ب ڪوٽ ناهي. مهرباني ڪري فال ڪڍي اسان کي ٻڌاءِ ت هن جي شادي ڪڏهن ٿيندي؟“

قسمت جو حال ٻڌائڻ واري هنن جي سڄي ڳالهه ٻڌي ۽ پوءِ پنهنجي علم سان مستقبل جون حالتون معلوم ڪري ٻڌايو: ”تنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ جو فيصلو هن جي اڳئين جنم ۾ ٿي چڪو آهي.“

”اهو ڇا آهي ـــ؟ اسان کي جلدي ٻڌاءِ ت هن جي شادي ڪنهن سان ۽ ڪڏهن ٿيندي؟“

”هن جي شادي هڪ غريب اڱار وڪڻڻ واري سان ٿيندي جنهن جو نالو ماتاجورو آهي. هي نوجوان ڪاماگاوا جبلن جي وچ ۾ رهي ٿو. اهوئي تنهنجي ڌيءَ جو مڙس ٿيندو.“

امير ماڻهوءَ ۽ ان جي زال جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ت ڪجهه دير لاءِ هنن جون وايون بتال ٿي ويون. ڇا واقعي هنن جي خوبصورت ڌيءَ جي شادي هڪ اڱار وڪڻڻ واري سان ٿيندي؟ اهو سوچي ٻئي حيران ٿي رهيا هئا. پر وري هو اهو سوچي مطمئن ٿي ويا ت هن جي قسمت ۾ ئي اهو لکيل آهي ت اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟ نيٺ هو ٻئي ڏاڍا مايوس ۽ غمگين گهر موٽيا ۽ اچي پنهنجي ڌيءَ کي ب سڄي ڳالهه ٻڌايائون.

————*

افوجي وڏي صابرين ۽ نيڪ دل ڇوڪري هئي. هن جڏهن ٻڌو ت هن جي قسمت هڪ اڱار وڪڻندڙ سان ٻڌل آهي ت هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڇوڻ لڳي:

”توهان کي معلوم ٿي چڪو آهي تہ منهنجي شادي اڳئين جنم کان ئي هڪ اگّار وڪڻندڙ سان طئي ٿي چڪي آهي ان ڪري آءٌ چاهيان ٿي، توهان مون کي موڪل ڏيو تہ آءٌ پنهنجي ٿيندڙ مڙس جي ڳولا ڪريان.“

ماءُ پيءُ هن کي سمجهايو:

”ڌيءَ! هو هتان کان تمام گهڻو پري ڪاموگاوا جبلن ۾ ڪٿي رهي ٿو. تون اڪيلي سر هن کي ڪٿي ڳوليندي وتندينءَ؟“

پر ڇوڪريءَ نہ مڃيو. هن ضد ڪيو تہ هن کي وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي. اهڙي طرح افوجي اڪيلي ڪيوتو کان نڪري جبلن ڏي رواني ٿي ويئي.

هوءَ هلندي ويئي، هلندي ويئي، رستي ۾ درياءَ آيس، هن انهن کي پار ڪيو. جبل آيا انهن کي پار ڪيو ۽ منزلن پٺيان منزلون طئي ڪندي هڪ اهڙي جاءِ تي وڃي پهتي جيڪا بلڪل سنسان جاءِ هئي جتي پري پري تائين ڪا پهر نظر نٿي آئي. هوءَ اتي بيهي چئني پاسي نگاهون ڊوڙائي رهي هئي تہ پري کان هن کي هڪ ماڻهو نظر آيو. جڏهن اهو ماڻهو هن جي ويجهو آيو تہ هن ڏٺو تہ هو مٿي کان پيرن تائين اگّارن جي ڪارٺ سان ڪارو ٿي پيو هو. هن جي ڪلهن تي اگّارن جي ڳوڻ هئي. هن ماڻهوءَ کي ڏسي افوجي دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿي. سوچڻ لڳي:

”هل ڪو تہ ماڻهو نظر آيو. ٿي سگهي ٿو هي ڪامو گاوا جي جبلن ۾ رهندڙ ماتاجورو جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻندو هجي!“

هن اڳيان وڌي هن کان معلوم ڪيو:

”آءٌ ڪاموگاوا جي نوجوان ماتاجورو جي ڳولا ۾ آئي آهيان. ڇا تون مون کي هن جو ڏس ٻڌائي سگهندين؟“

جواب ۾ نوجوان حيران ٿي چيو:

”آءٌ ئي ماتاجورو آهيان ۽ شيمودا بندرگاهہ تي اگّار وڪڻڻ جو

ڪم ڪندو آهيان. پر تون مون کي ڇو پيئي ڳولين؟"

جيئن ئي افوجيءَ اهو ٻڌو ته هن جي خوشيءَ ۽ حيرت جي حد نه رهي. هوءَ جنهن جي ڳولا ۾ آئي هئي اهو هن کي ملي ويو هو. هن ماتاجوروءَ کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ پوءِ هن کي چيو:

"تون مون کي پنهنجي زال ناهه جو گذريل زماني ۾ پنهنجي شادي ٿي چڪي آهي."

ماتاجورو اوچتو اها ڳالهه ٻڌي حيران ٿي ويو. هو گهٻرائجي ويو ۽ ڏڪندي چيو:

"آءٌ هڪ غريب ماڻهو آهيان. آءٌ ايڏي سهڻي ڇوڪريءَ سان ڀلا ڪيئن ٿو شادي ڪري سگهان؟ مون وٽ ته تنهنجي لاءِ ڪو سٺو گهر به نه آهي؟"

اهڙيءَ طرح ماتاجورو ڪيترائي بهانا ڪيا پر افوجي ته آئي ئي ان ڪم لاءِ هئي. جڏهن هن تمام گهڻيون ئي منٿون ڪيون ته لاچار هو ڪيس پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وٺي آيو جيڪا هڪ جبل جي قدمن ۾ هئي. اتي پهچي افوجيءَ ڏٺو ته هن جي جهوپڙيءَ ۾ هر طرف غربت ئي غربت لڳي پيئي آهي. اهو ڏسي هن سون جا ٻه سڪا ڪڍيا ۽ ماتاجوروءَ کي ڏئي چيو:

"ناڪامورا شهر ڏي وڃ ۽ انهن سڪن مان کائڻ پيئڻ جون شيون وٺي اچ."

ماتاجوروءَ اهي سڪا کنيا ۽ اتان روانو ٿيو. هن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو سون جا سڪا ڏٺا هئا. ان ڪري هنن جي اصلي قيمت کان اڻڄاڻ هو.

جڏهن هو ناڪامورا شهر جي ويجهو هڪ ٻنيءَ وٽان لنگهيو ته اتي هن هڪ آڙي پکي ويٺل ڏٺو. دل ۾ سوچڻ لڳو ڇو نه اها آڙي ڦاسائجي. اهو خيال ايندي ئي هن جلديءَ ۾ پٿر بدران هڪڙو سڪو ڪڍي ان آڙيءَ کي هنيو. سڪو آڙيءَ کي لڳڻ بجاءِ هوا ۾ چڪر کائي دلدل ۾ وڃي ڦاٿو. آڙي ته اڏامي ويئي ۽ هو افسوس جا

هٿ مهٽيندو رهيو. اهڙيءَ طرح هو فقط هڪ سڪو ڪٽي ناڪامورا شهر آيو ۽ هن اهو سڪو دڪاندار کي ڏيئي تمام گهٽيون شيون ورتيون. دڪاندار هن کي خوشيءَ وچان سڀ شيون ڏيئي ڇڏيون جو هن کي سڪي جي اصل اگهه جي خبر هئي.

واپس اچي هن افوجيءَ کي صاف صاف ٻڌايو تہ هيئن هڪڙو سڪو آڙيءَ کي اڇلي هٽڻ سان دلدل ۾ وڃي ڦاٿو ۽ باقي هڪ سڪي جو هي سامان وٺي آيو آهي. ان سان گڏ هن تعجب منجهان چيو: ”هڪ سڪي جي بدلي ۾ دڪاندار مون کي هيترو گهڻو سامان ڏنو آهي!“

افوجيءَ کي هن جي سادگيءَ تي ڏاڍي کل آئي. هنُ هن کي سمجهائيندي ٻڌايو:

”اهي ٻئي سڪا سون جا هئا. اهي تمام گهڻا قيمتي ٿين ٿا. ماڻهو انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪندا آهن.“ جڏهن افوجي اهو ٻڌايو تہ ماتاجورو ڏاڍي تعجب مان چيو:

”پر ان قسم جون شيون تہ بيشمار اسان جي جهوپڙيءَ جي پنيان پيون آهن جتي آءٌ ڪاٺيون ساڙي اڱار ٺاهيندو آهيان.“

افوجي ڏاڍي وائڙي ٿي ويئي. ڀلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ هو ان ئي وقت هن سان گڏ جهوپڙيءَ جي پنيان ان ئي جاءِ تي ويئي جتي ماتاجورو ”ڪو“ وڻ جون ڪاٺيون ساڙي اڱار ٺاهيندو هو.

ماتاجوروءَ صحيح چيو هو. اتي ڦلهير جو ڍير سون وانگر چمڪي رهيو هو. ”ڪو“ وڻ جي ڪاٺين جو ڦلهير سون ۾ تبديل ٿي چڪو هو.

هن ڪان پوءِ هن جو ڏهاڙيءَ جو معمول ٿي ويو تہ جبل تان ”ڪو“ وڻ وڍي ايندو هو. ۽ ان کي ساڙڻ سان هن جو ڦلهير سون ۾ تبديل ٿي ويندو هو جنهن کي هو ڳوڻين ۾ ڀري رکندا هئا. پوءِ اهي سون جون ڳوڻيون افوجي پنهنجي ماءُ پيءُ ڏي موڪلي ڏيندي هئي. هوڏانهن افوجي جا ماءُ پيءُ بہ پنهنجي جاءِ تي حيران هئا تہ

ايترو سون ڪٿان موڪلي رهيا آهن؟

اهڙيءَ طرح اجان ڪو گهڻو وقت نہ ٿيو هوندو جو هن سون جا ڍير پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ ڏي ڪيوتو موڪلي ڏنا. پوءِ جڏهن افوجي پنهنجي مڙس ماتاجوروءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ ويئي تہ هو ڪروڙ پتي ٿي چڪو هو ۽ هاڻ هنن کي پورهيو ڪري ڪمائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ هئي. غريب ماتاجورو هاڻ امير ٿي چڪو هو ۽ سڄي علائقي ۾ مشهور ٿي ويو هو. هنن جي وڃڻ کان پوءِ ڪاموگاوا جي ماڻهن ان جاءِ تي هڪ عبادتگاهہ ٺاهي ڇڏيو جتي ڪڏهن ماتاجورو "ڪو" وڻ جون ڪاٺيون ساڙي اڱار ٺاهيندو هو. ان عبادت گهر جو نالو "اڱارن جو خزاني جو عبادتگاهہ" رکيو ويو.

چنڊ جو پوڙهو

هيءَ اڄ کان صديون اڳ جي ڳالهہ آهي. جڏهن ڪنهن هنڌ تي دوست رهندا هئا. اهي ٽي دوست هئا هڪ باندر، هڪ لومڙي ۽ هڪ سهو. ۽ اهي ٽئي هڪ جهنگل ۾ رهندا هئا. انهن جي پاڻ ۾ ڏاڍي گهاٽي دوستي هئي، انهي ڪري ٽئي هڪ ٻئي سان گڏ رهندا هئا. جنهن جهنگل ۾ هي رهندا هئا اهو تمام وڏو هو ۽ انهيءَ ۾ گهمي ڦري ٽئي پنهنجي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري وٺندا هئا. جيئن ئي صبح ٿيندو هو ٽئي ڄڻا هيڏانهن هوڏانهن نڪري ويندا هئا ۽ پنهنجو پيٽ ڀري واپس اچي ويندا هئا ۽ پوءِ هڪٻئي سان راند روند ۾ لڳي ويندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن انهن مان ڪنهن کي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ هٿ نہ ايندو هو تہ باقي ٻہ ڄڻا هن جي مدد ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح هو ٽئي ڄڻا خوشي ۽ سک جي زندگي گذاري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. چنڊ تي رهندڙ پوڙهي هيٺ زمين ڏي ڏٺو. هن هيڏانهن هوڏانهن نگاهون ڊوڙايون. شهرن ۾ ليئو پاتو، ڳوٺ ڏٺا ۽ پوءِ هن جون نظرون هن وڏي جهنگل ۾ ان هنڌ تي وڃي ڄميون جتي باندر، لومڙي ۽ سهو رهندو هو. چنڊ جي پوڙهي رهاڪوءَ جڏهن هنن ٽنهي کي گڏ گذاريندو ڏٺو تہ هو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو:

”ڪيترا نہ سٺا آهن هي ٽئي ڄڻا. هڪ هنڌ ٽئي پيار محبت جي زندگي بسر ڪري رهيا آهن.“

وري هن پنهنجو پاڻ کي چيو:

”هي ٽئي ڄڻا پنهنجو پاڻ ۾ گهاٽا دوست آهن پر اهو ڏسڻ کپي ته انهن ٽنهي ڄڻن ۾ گهڻو مهربان ڪير آهي؟ باندر، لومڙي يا سهو؟“

چنڊ جو پوڙهو ٿوري دير لاءِ اهوئي سوچيندو رهيو ۽ پوءِ وري پنهنجو پاڻ کي چيو:

”منهنجو خيال آهي، مون کي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ زمين تي وڃڻو پوندو. آءٌ پاڻ ئي هنن وٽ هلي وڃي معلوم ڪريان ته هنن ٽنهي ۾ مهربان طبيعت جو مالڪ ڪير آهي؟“

سو چنڊ جو پوڙهو هيٺ زمين تي لهي آيو. زمين تي پهچڻ کان پوءِ هن هڪ فقير جو ويس پاتو ۽ جهنگل ۾ ان هنڌ تي پهچي ويو جتي باندر، لومڙي ۽ سهو ٿي رهيا.

جڏهن چنڊ وارو پوڙهو جانورن جي ويجهو پهتو ته هو راند روند ۾ رڌل هئا. پوڙهو فقير جي ويس ۾ هو. هن کي ڦاٽل پراڻا ڪپڙا پاتل هئا ۽ هڪ لڪڻ جي سهاري هلي رهيو هو. آهستي آهستي هلندو هنن جي ويجهو پهتو ۽ کين منٿ ڪئي:

”مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪريو!“

باندر، لومڙي ۽ سهي هن کي ڏٺو ۽ پڇڻ لڳا:

”بابا! اسان تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهون ٿا؟ توکي جيڪي کپي اهو ٻڌاءِ؟“

جواب ۾ چنڊ واري پوڙهي چيو:

”آءٌ تمام گهڻو بکايل آهيان. مهرباني ڪري مون کي ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيو!“

”اڙي، هي ويچارو پوڙهو فقير ته واقعي بکيو ٿو لڳي.“ باندر هن کي ڏسندي ئي چيو:

”تون بلڪل سچ ٿو چئين. ويچارو بک جي ڪري ڏاڍيان

ڳالهائي بہ نٿو سگهي.“ لومڙيءَ هن تي رحم کائيندي چيو.

”خبر ناهي هي پوڙهو ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهي.“ سهي هن جي حالت تي افسوس ڪندي چيو.

هي ٽئي ڄڻا اڳتي وڌيا ۽ پوڙهي کي ويهڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا:

”پاڻ کي جهٽ پٽ هن جي کائڻ لاءِ ڪجهہ آڻڻ کپي.“ ايترو چئي هو ٽئي ڄڻا جهنگل ۾ هيڏانهن هوڏانهن نڪري پيا جيئن پوڙهي لاءِ ڪجهہ کاڌو آڻي سگهن.

چنڊ وارو پوڙهو اتي وينو ئي هو تہ ٿوري دير کان پوءِ پهرين باندر آيو. هو هن جي لاءِ تمام گهڻا ميوا ڪٽي آيو هو. ان کان پوءِ لومڙي آئي هوءَ هڪ تمام وڏي مڇي ڦاسائي آئي هئي. پر ويچاري سهي کي ڪابہ اهڙي شيءِ ملي نہ سگهي جيڪا پوڙهي لاءِ ڪٽي آڻي. هن جهنگل ۾ هيڏانهن هوڏانهن تمام گهڻي ڳولا ڪئي پر ڪجهہ ملي نہ سگهيس. هو دل ئي دل ۾ ڏاڍو فڪرمند ٿيو ۽ ذري گهٽ روئندي چيو:

”مان ڇا ڪريان. ۽ پوڙهي اڳيان ڇا پيش ڪريان.“ ان وقت هو واقعي روئي رهيو هو. پوءِ اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو. هن باندر جي واکاڻ ڪندي چيو:

”اي منهنجا باندر ڀاءُ! منهنجي مدد ڪر ۽ منهنجي لاءِ ڪجهہ ٻارڻ جون ڪاٺيون گڏ ڪر.“

جيتوڻيڪ باندر کي هن جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي پر جيئن تہ هو هن جو دوست هو ان ڪري هن کي هن جي ڳالهہ مڃڻي پيئي. پوءِ هتان هتان ڪيتريون سڪل ڪاٺيون آڻي گڏ ڪيائين. جڏهن هو ڪاٺيون گڏ ڪري چڪو تہ سهي لومڙيءَ کي چيو:

”منهنجي سٺي دوست هاڻ تون ايترو ڪم ڪر جو انهن ڪاٺين کي ٻاري ڏي.“

سهي جو هي عجيب ڪم لومڙيءَ جي بہ سمجھہ ۾ نہ آيو پر هن پنهنجي دوستيءَ جو حق ادا ڪندي ڪانئن جي ڍير ڪي باھہ ڏني. پوءِ هو سڀ ڏسڻ لڳا تہ سهو ڇا ٿو ڪري؟ جڏهن ڪانئن کي باھہ چڱي طرح وڪوڙي ويئي تہ سهي چنڊ جي پوڙهي کي چيو:

”اي پوڙها فقير! بدقسمتيءَ سان آءٌ تنهنجي لاءِ کائڻ واسطي ڪجھہ بہ آڻي نہ سگھيو آهيان. ان ڪري هاڻ آءٌ هن ٻرندڙ باھہ ۾ ڪٽي ٿو ٽپ ڏيان. جڏهن چڱيءَ ريت پچي وڃان تہ تون مون کي کڏي کائجانءِ.“

ايترو چئي سهو ٻرندڙ باھہ ۾ ٽپڻ وارو ئي هو تہ پوڙهي جلديءَ ۾ هن کي اڳيان وڌڻ کان ڪٽي جهليو ۽ پاڻ فقير جي ويس مان ٻيهر چنڊ وارو پوڙهو ماڻهو ٿي پيو ۽ پوءِ سهي کي مخاطب ٿيندي پيار سان چيو:

”اي ننڍڙا سها! تون تمام مهربان آهين. هاڻ توکي باھہ ۾ پاڻ کي وجهڻ جي ضرورت هرگز ناهي. جيئن تہ تون سيني ۾ گھڻو مهربان آهين ان ڪري آءٌ توکي پاڻ سان گڏ چنڊ تي وٺي ٿو هلان.“

ايترو چئي چنڊ واري پوڙهي سهي کي ڪٽي پنهنجي ٻانهن تي رکيو ۽ هن کي پاڻ سان گڏ چنڊ تي وٺي آيو. اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن. هينئر بہ توهان چمڪندڙ چنڊ ڏي غور سان ڏسندائو تہ ان ۾ توهان کي هڪ سهو بہ نظر ايندو جنهن کي اڄ کان صديون اڳ اهو پوڙهو، چنڊ تي وٺي آيو هو.

شهزاديءَ جي قرباني

هيءَ تمام پراڻي زماني جي ڳالهہ آهي. جپان جي گوڪاسي علائقي جي حاڪمن پڪو پهہ ڪيو تہ اتان وهندڙ چشمي تي بند ٻڌو وڃي. ان بند جا ٻہ مقصد هئا. هڪ تہ اهو محل ڪان فوجي بهادرن جي گهرن تائين جو رستو ٿورو ٿي پئي ۽ ٻيو تہ غير آباد زمين تي چانورن جي پوک ڪري سگهجي. سو ان علائقي جي حاڪم پنهنجن ڪمين ڪاسبين کي حڪم ڏنو تہ بند جو ڪم جلد از جلد شروع ڪيو وڃي.

هيڏانهن جيئن ئي ڳوٺ جي ماڻهن کي هي حڪم مليو، تہ هو سڀ اچي گڏ ٿيا ۽ چشمي جي پاڻيءَ کي روڪڻ جون تدبيرون سوچڻ لڳا. هنن پنهنجو پاڻ ۾ صلاحون ڪيون ۽ پوءِ پاڻيءَ جي وهڪري کي روڪڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. تيلن جا ڪيترائي ٽوڪرا ناهي انهن ۾ پٿر وڌا ويا ۽ ساموندي گاهہ جون ڳوٿيون ناهي انهن کي مٽيءَ سان ڀريو ويو. پوءِ پٿرن جا ٽوڪرا ۽ مٽيءَ جون ڳوٿيون هڪ ٻئي مٿان چشمي جي وهڪري تي رکيون ويون جيئن پاڻيءَ کي جهليو وڃي.

هو سڀ ملي ڏينهن رات ان ڪم ۾ لڳي ويا پر انهن کي ان ۾ ڪاميابي نہ ٿي. جيئن ئي هنن مٽيءَ جون ڳوٿيون ۽ پٿر جا ٽوڪرا رکي ٿورو بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي تہ مٿان پاڻيءَ جي تکي لهر ان کي واهي ويئي ٿي. ۽ ان ريت سڄو بند نهڻ کان اڳ ڍهيو ٿي پيو.

جڏهن حاڪم ڏٺو تہ هي بند نٿو ٻڌجي تہ ماڻهن تي ناراض ٿيندي چيو:

”توهان ماڻهو هيترن ڏينهن کان ڪم ۾ لڳل آهيو پر اڃان تائين توهان کان بند ٻڌو نہ ٿيو آهي. آخر اهو ڪڏهن پورو ٿيندو؟“

ان تي ماڻهن عرض ڪيو:

”مهرباني ڪري توهان اسان کي ڏهن ڏينهن جي ٻي بہ مهلت ڏيو. اسان ان عرصي ۾ بند کي هر طرح سان ٺاهي وٺنداسين.“

”توهان کي ڏهن ڏينهن جي ٻي بہ مهلت ڏني ٿي وڃي پر ياد رکو، جي ان عرصي اندر بند نہ ٺهي سگهيو تہ توهان سڀني کي سخت سزا ڏني ويندي.“

حاڪم تہ اهو چئي هليو ويو پر ڳوٺ جا ماڻهو گڏجي سوچڻ لڳا:

”هاڻ ڇا ڪرڻ کپي —؟“

هيءَ ڳالهہ هر ماڻهوءَ سمجهي ٿي تہ ڏهن ڏينهن اندر بند جو ٺهي راس ٿيڻ ناممڪن ڳالهہ هئي. هو سڀ پريشان ٿي هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. آخر هنن ڳوٺ جي وڏيري کان پڇيو:

”اسان جي سمجهہ ۾ تہ ڪجهہ نٿو اچي. تون ئي ڪا ترڪيب ٻڌاءِ؟“

ڳوٺ جي وڏيري ٿوري دير لاءِ سوچيو ۽ پوءِ ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو:

”فقط هڪ ئي رستو آهي ۽ اهو هي آهي تہ پاڻيءَ جو ديوتا پنهنجي مدد ڪري. انهيءَ صورت ۾ هي بند ٻڌجي سگهي ٿو.“

ايتري ڳالهہ چئي هو ٿوري دير لاءِ ترسيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو:

”جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي جان جي قرباني ڏئي ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃي تہ ان صورت ۾ پاڻيءَ جو ديوتا چشمي جي وهڪ جهلي ڇڏيندو ۽ اسان بند ٺاهي سگهنداسين.“

سيني ماڻهن هن جي ڳالهه کي مڃيو ۽ چيو:

”تون سچ ٿو چئين. هاڻ اهوئي هڪ رستو آهي. پاڻيءَ جو ديوتا نوجوان ۽ ڪنوارين ڇوڪرين کي پسند ٿو ڪري. ان ڪري ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ جي جان جي قربان ڏيڻ کپي جيئن اسان سڀ حاڪم جي سزا کان بچي وڃون.“

اها ڳالهه ته سيني مڃي ورتي پر سوال تي پيدا ٿيو ته ڪنهنجي ڌيءَ قربان ڪئي وڃي؟ گهڻن ماڻهن جون ڏيئرون هيون پر انهن مان ڪوبه پنهنجي ڌيءَ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. جنهن کي به چيو ٿي ويو ته هن جواب ٿي ڏنو.

”تون پنهنجي ڌيءَ جي قرباني ڇو نٿو ڏين؟“

جڏهن هنن ۾ ڪوبه فيصلو ٿي نه سگهيو ته ڳوٺ جو وڏيرو چوڻ لڳو:

”هلوـ پُکا تا ڪدون. جنهن جو به پُکو نڪتو ان کي قرباني ڏيڻي پوندي.“

ان ڳالهه تي سيني هائوڪار ڪئي. پوءِ ڳوٺ جي سيني ڇوڪرين کي چيو ويو ته هو سڀاڻي صبح جو ڳوٺ جي عبادت گهر ۾ اچي گڏ ٿين. ۽ پوءِ ٿيو به ائين. ٻئي ڏينهن صبح جو سڀي ڳوٺ جون ڇوڪريون اتي اچي مڙيون ۽ انهن سيني جي اکين تي پٽي ٻڌي ويئي جيئن هو ڏسي نه سگهن. عبادت گهر جي اڳيان ڪانيءَ جي هڪ وڏي صندوق رکي ويئي جنهن ۾ پنا پيل هئا.

اکين تي ٻڌل پٽيءَ سميت هر هڪ ڇوڪري صندوق وٽ اچي ان مان هڪ پنو ڪڍيو ٿي. اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي ڇوڪرين پنا ڪڍيا پر اڃان ڪنهن جو به نالو نه نڪتو هو. ۽ هاڻ ڳوٺ جي وڏيري جي ڌيءَ جو وارو آيو. هوءَ به اکين تي پٽي چاڙهي آهستي آهستي صندوق وٽ آئي. ۽ جيئن ئي هن پنو ڪڍيو ته اوسي پاسي ۾ سيني بيٺلن جو منهن لهي ويو. وڏيري جي ڌيءَ جو قرباني لاءِ نالو نڪري آيو هو. اهو ڏسي وڏيري جو منهن هيڊو ٿي ويو. پر

هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي؟ اها صلاح ته خود پاڻ ئي ڏني هئائين. ان وقت هر ماڻهو وڏيري سان ظاهري همدردي ڪرڻ لڳو. پر فيصلي کي ڪير ٿي مٽائي سگهيو. هاڻ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه هو ته ڇوڪريءَ کي ديوتا جي قربانيءَ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو وڃي. ڇوڪريءَ جا مائٽ روڄ پٽڪو ڪرڻ لڳا ۽ ڇوڪري پاڻ به ڏڪ کان ساڻي ٿي پيئي.

ڏسندي ئي ڏسندي اها ڳالهه اوري پري جي ڳوٺن ۾ مشهور ٿي ويئي ته وڏيري جي ڌيءَ جو نالو قربانيءَ لاءِ نڪتو آهي. ۽ ائين خبر گشت ڪندي ڪندي محلاتن تائين پهچي ويئي جتي بادشاهه توڙيءَ جي ڌيءَ به اهو ٻڌي ورتو. شهزادي ڏاڍي رحمدل هئي. هوءَ ڏاڍي سهڻي هئي پر بدقسمتيءَ سان ننڍپڻ کان اڌ رنگ جي بيماري ڪري هوءَ عذر واري ٿي پيئي هئي. هوءَ پنهنجي بيماريءَ مان تنگ اچي ٿي هئي. ويچاري ڪيڏانهن اچي وڃي به نٿي سگهي ۽ فقط محلات ۾ هڪ هنڌ پئي هوندي هئي. جيئن ئي هن اهو ٻڌو ته هن کي وڏيري جي ڌيءَ تي ڏاڍو رحم آيو. هوءَ پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳي:

”ڇو نه هن ڇوڪريءَ جي جاءِ تي ڪٽي آءٌ قرباني ڏيان؟“

هن پنهنجي پيءُ کي چيو:

”مهرباني ڪري مونکي اجازت ڏيو ته آءٌ هن ڇوڪريءَ جي جاءِ تي پنهنجي قرباني وڃي ڏيان.“

جيئن ئي بادشاهه ٻڌو ته هو ڏڪي ويو. جلدي ۾ چوڻ لڳو:

”ڌيءَ! اهو ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جيتوڻيڪ تون معذور آهين پر منهنجي ڌيءَ آهين. مان توکي ڪيئن موڪل ڏئي ٿو سگهان؟“

پر شهزاديءَ ضد ڪندي چيو:

”آءٌ اڌ رنگ جي ڪري معذور آهيان. ههڙيءَ ڇيڇلائي ڇيچلائي جيئڻ ۾ مون لاءِ ڪهڙو مزو؟ مون ٻڌو آهي ته هوءَ

ڇوڪري پنهنجي ماءُ پيءُ جي اڪيلي ڌيءَ آهي. جيڪڏهن توهان مون کي قربان ٿيڻ جي اجازت ڏيو ته نه فقط هن جا ماءُ پيءُ پر سڄي ڳوٺ جا ماڻهو توهان جا دلي طرح شڪر گذار ٿيندا. اهڙي طرح آءٌ به تڪليف کان بچي ويندس. ديوتا به خوش ٿي ويندو ۽ چشمي تي به بند ٻڌجي ويندو.“

پهرين ته هن جا ماءُ پيءُ موڪل ڏيڻ کان ناڪار ڪندا رهيا پر جڏهن شهزاديءَ سنجيدگيءَ سان ضد ڪيو ته هو مجبور ٿي راضي ٿيا.

پوءِ جڏهن قربانيءَ جو ڏينهن آيو ته شهزاديءَ کي خوبصورت وڳو پهرائي چشمي جي ڪناري تي آندو ويو. شهزاديءَ هڪ نظر اوسي پاسي ۾ بيٺل ماڻهن تي وڌي، پوءِ پنهنجي ماءُ پيءُ کان موڪلايو ۽ چشمي جي تکي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪٽي ٽپ ڏنو. هن جي ٻڏڻ سان چشمي جي تکي وهڪ ۾ ير اچي ويئي ۽ پاڻي آهستي آهستي وهڻ لڳو. ڪناري تي بيٺل ماڻهن جيئن ئي هي ڏٺو، ته هڪ پل به وڃائڻ بنا جلدي جلدي بند ٻڌڻ ۾ لڳي ويا. ۽ پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ هنن هي مشڪل ڪم پورو ڪري ورتو.

اڄ به هن نيڪ دل شهزاديءَ جي ياد ۾ ان جاءِ تي هڪ عبادتگاهه موجود آهي. هر سال جڏهن مهاڻا ماڪريل قسم جون مڇيون ڦاسائڻ ايندا آهن ته پهرين ڦاٿل مڇي هن عبادتگاهه جي نذر ڪندا آهن. ڇون ته قرباني ڏيندڙ هن شهزاديءَ کي ماڪريل مڇيون تمام گهڻو وڻيون ٿي.

پاڻيءَ جو پوٽ

اڄ کان صديون اڳ جپان ۾ ڪنھن ھنڌ ھڪ شھنشاھہ جي حڪومت ھئي. ان شھنشاھہ جو ھڪ تمام وڏو محلات ھو جنھن جو نالو ”ريزي - ان“ ھو ۽ اھو گاديءَ واري شھر ۾ ھو. خدا جي قدرت جو شھنشاھہ ھڪ ڏينھن گذاري ويو. ھن جي مرڻ کان پوءِ ھن جي محلات کي عوام جي لاءِ کوليو ويو. ان محلات جو اڌ حصو ماڻھن جي رھائش لاءِ چڏيل ھو ۽ ٻئي اڌ ۾ ھڪ تمام وڏو حوض ھو. اھڙي طرح شھنشاھہ جي مرڻ کي اڃان ڪو گھڻو عرصو نہ ٿيو ھوندو جو محلات جي آسپاس ڪيترائي گھر نظر اچڻ لڳا جن ۾ ماڻھو رھيا ٿي.

اونھاري جي موسم ھئي ۽ فضا ۾ تمام گھٽي گھُٽ ۽ ڪاڙھو ھو. گرميءَ ڪري ماڻھو گھرن کان ٻاھر نڪري آيا ھئا ۽ پنھنجي پنھنجي گھر جي ٻاھر ورانڊن ۾ اچي ويٺا ھئا. انھن جي بلڪل سامھون حوض ھو جتان ايندڙ ٿڌي ھوا ھنن کي سڪون رسائي رھي ھئي. ھو سڀ ٿڌي ھوا جو لطف وٺي رھيا ھئا تہ اوچتو ھڪ ٽي فٽ قد جو پوڙھو ڪٿان آيو ۽ ھن ماڻھن جي منھن تي وار وٺيءَ سان پنھنجو ھٿ گھمايو. ھن جنھن جي منھن تي ھٿ ٿي گھمايو تہ ان کي ڏڪڻي وٺي ٿي ويئي. عجب جي ڳالھہ اھا تہ ھي پوڙھو ڪنھن کي بہ نظر نہ پئي آيو.

ھن عجيب قسم جي پوڙھي ٻيو ڪجھہ نہ ڪيو. بس، ماڻھن جي منھن تي ھٿ ڦيريو ۽ حوض ڏي روانو ٿي ويو. جيئن ئي اڳيان

وڏيو ته سيني کي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. ماڻهو هن کي ڏسي هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا:

"هي ڪير آهي؟"

"هي ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟"

ان وقت هي پوڙهو حوض جي ڪناري تي ويٺو هو. هو ڪجهه گهڙين لاءِ اتي ئي ويٺو رهيو. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي نگاهن کان پري ٿي ويو.

"هي پوڙهو ڪيڏانهن هليو ويو؟"

"ڪناري کان اڳيان ته ڪجهه به نه آهي. فقط حوض جو پاڻي آهي."

سڀ ماڻهو حيران پريشان ٿي ان طرف ڏسي رهيا هئا جيڏانهن پوڙهو غائب ٿي ويو هو. هي حوض تمام پراڻو هو جنهن تي گاهه گوچر ڦٽو پيو هو ۽ اندر ڪير به گهڙي نٿي سگهيو. هنن سوچيو:

"پڪ هي حوض جو ڀوت آهي!"

ان شام کان پوءِ هي عجيب پوڙهو روزانو اوندهه ٿيڻ سان اچي نڪرندو هو ۽ ان ريت ماڻهن جي منهن تي هٿ گهمائي هليو ويندو هو. هي ڳالهه سيني ماڻهن لاءِ نرالي هئي. ۽ سڄي شهر ۾ مشهور ٿي ويو ته:

"روزانو شام جو هڪ پراسرار پوڙهو اچي ٿو ۽ انهن ماڻهن جي منهن تي هٿ گهمائي هليو ٿو وڃي جيڪي حوض وٽ ويهي ٿڌي هوا کائين ٿا."

هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟" جيڪو به ٻڌندو هو، اهو حيران ٿي اهوئي سوال ڪندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ بهادر ساموراڻي (پهلوان) اعلان ڪيو ته: "ڇا به ٿي پوي ته آءٌ انهي ماڻهوءَ کي جهليندس!"

سو جيئن ئي شام ٿي ته هو ان ماڻهوءَ جي تاڙ ۾ حوض جي

اوٽ ۾ ٿي وينو. ان وقت هن وٽ هڪ رسو هو جيڪو هن پوڙهي کي ٻڌڻ لاءِ آندو هو. هن ويٺي پوڙهي جو انتظار ڪيو پر پوڙهي جي ڪا خبر نہ چار.

”اڄ هو مون کان ڊڄي نہ ايندو!“

هن پنهنجو پاڻ کي چيو. پر ان هوندي بہ هو پوڙهي جي انتظار ۾ وينو رهيو ۽ ايتري دير تائين وينو رهيو جو ٿڪجي پيو ۽ پنڪيون کائڻ لڳو. ۽ پوءِ جڏهن آڌي رات جو وقت ٿيو تہ اوچتو هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪو هن جي منهن تي ٿڌو هٿ گهمائي رهيو هجي.

”ترس. هاڻ تون مون کان بچي ڪيڏانهن بہ وڃي نٿو سگهين!“ هن ايترو چئي پوڙهي کي ڪٽي پاڪر پاتو ۽ ڪيس سوگهو جهلي رسيءَ سان ٻڌو. ان کان پوءِ هن ماڻهن کي سڏي چيو:

”يارو ڀڄي اچو. مون پوڙهي کي جهلي ورتو آهي.“ هن جيئن ئي سڏ ڪيو تہ ڪيترائي ماڻهو ڊوڙي هن وٽ آيا ۽ پوڙهي جي چوڌاري بيهي رهيا. هنن تارچ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو تہ هو ٽن فٽن جو هڪ غريب پوڙهو هو جنهن کي ڦڪي رنگ جو ڪمونو پاتل هو. پوڙهي پنهنجي چوڌاري ماڻهن جو ميڙ ڏسي اکيون ائين ڇنڀيون جڻ هو حيران ٿي رهيو هجي.

”تون ڪير آهين؟“

”تون ڪٿان اچين ٿو؟“

ماڻهن هڪ ئي وقت هن تي سوالن جو مينهن ڪٽي وسايو پر پوڙهو بلڪل ماٺ ۾ بيٺو رهيو. هو ڪجهہ دير تائين ماٺ ڪري بيٺو رهيو پوءِ ماڻهن کي عرض ڪيو:

”منهنجي لاءِ مهرباني ڪري پاڻيءَ جو هڪ تس ڀري اچو!“

ان وقت بہ ٽي ماڻهو ڊوڙي ويا ۽ هڪ تمام وڏو تس پاڻيءَ سان ڀري آيا ۽ اچي پوڙهي اڳيان رکيو ۽ ان ڳالهہ جو انتظار ڪرڻ لڳا تہ پوڙهو ڇا ٿو ڪري؟

پوڙهي تس مٿان اهڙيءَ ريت پنهنجو منهن جهڪايو جو سندس اولڙو پاڻيءَ ۾ نظر اچڻ لڳو. ان کان پوءِ هن نهايت سنجيدگيءَ مان چيو:

”منهنجي ڳالهه ٻڌو. آءٌ پاڻيءَ جي ڀوت آهيان.“

ايترو چوڻ کان پوءِ هن کٽي پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پاڻيءَ ۾ غائب ٿي ويو. جيئن ئي هو غائب ٿيو ته تس جو پاڻي ٿهڪڻ ۽ اُبرڻ لڳو. اها ڳالهه ماڻهن لاءِ ويتر عجيب هئي. ان وقت پاڻيءَ ۾ فقط اهو رسو نظر اچي رهيو هو جنهن سان پوڙهي کي ٻڌو ويو هو.

ان وقت ماڻهن کي يقين اچي ويو ته واقعي عجيب پوڙهو پاڻيءَ جو ڀوت هو. هنن وڏي خيال ۽ خبرداريءَ سان پاڻيءَ جو ڀريل تس کنيو ۽ ان کي کٽي حوض ۾ هاريو.

چيو وڃي ٿو ته ان رات کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين اهو عجيب پوڙهو وري ڪڏهن حوض کان ٻاهر ظاهر نه ٿيو.

ماڻهو ۽ ٻلي

هيءَ اچ کان صديون اڳ جي ڳالهه آهي. جپان جي گاديءَ واري شهر ۾ هڪ عجيب عادتن وارو ماڻهو رهيو ٿي. هن ماڻهوءَ جو نالو ’ڪيوڪا ـ دو‘ هو ۽ هي سرڪاري نوڪر هو. هي شعبه خزانه ۾ آفيسر هو ۽ هن کي شاهي دربار ۾ ”گوئي“ (پنجون گريڊ) حاصل هو.

ڪيوڪا دو هوندي ته هڪ سرڪاري آفيسر هو پر هو ٻليءَ کان ڏاڍو ڊنو ٿي. جيئن ئي هو ڪنهن ٻليءَ کي ڏسندو هو ته ڊڄي ويندو هو ۽ هن کان لڪندو وتندو هو. هن سان ملڻ جلڻ وارا به هن جي ان ڪمزوريءَ کان واقف هئا. اهوئي سبب هو جو هنن هن جو نالو ”انساني ڪوئو“ ڪٽي رکيو. ٻليءَ کان ڊڄڻ ڪري هن جو اهو نالو ايترو ته عام ٿي ويو جو هر هڪ ماڻهو هن جي ان چڙ کان واقف هو. هن جا ڪجهه دوست هن کي تنگ ڪرڻ ۽ چيڙائڻ لاءِ گهڻو ڪري ڪٿان نه ڪٿان ٻلي آڻي هن جي اڳيان ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ ڊپ ۾ جڏهن هو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو هو ته سڀ ان مان مزو وٺندا هئا. ايتريقدر جو هن جا ڪيترائي ويجها دوست هن جي آفيس ۾ ٻلي آڻڻ کان نه گهٻرائيندا هئا. ڪيوڪادو جڏهن به پنهنجي آفيس ۾ ان طرح ڪا ٻلي ڏسندو هو ته سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي اتان ڀڄي ويندو هو. ايتريقدر جو پنهنجي آفيس ۾ به هن جا دوست ۽ آفيسر کيس ”ٻليءَ کان ڊڄڻ وارو ڪيوڪادو“ چوندا هئا.

ڪيوڪادو سرڪاري آفيسر هجڻ کان علاوه هڪ امير ماڻهو پڻ هو. ياماتو ۽ ياماشيرو صوبن ۾ هن جون تمام گهڻيون زمينون هيون، جن مان هن کي تمام گهڻي ملڪيت ملندي هئي. ان هوندي

ٻه ياماتو صوبي جي حڪومت کي ٽئڪس ادا نه ڪندو هو. ياماتو صوبي جي حڪومت هن کي ڪيترائي دفعا ٽئڪس ڀرڻ لاءِ چيو پر هن ڪڏهن ٻه ان ڏي ڏيان نه ڏنو ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيو. انهن ڏينهن ۾ ماڻهو روڪ پئسا ڏيڻ بدران ٽئڪس ۾ چانورن جون ڳوٽيون ڏيندا هئا. پر هي ڪيوڪادو نه روڪ ڏيندو هو نه وري چانورن جون ڳوٽيون.

جڏهن ياماتو صوبي جي حڪومت ٽئڪس وصول ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي ته اتي جي گورنر پنهنجي صلاحڪارن کي گڏ ڪيو ته جيئن هن کان ٽئڪس وٺڻ جي ڪا راهه ڪڍي وڃي. گورنر اجلاس ۾ پنهنجي صلاحڪارن کي چيو:

”جيڪڏهن اسان هي معاملو ائين ئي ڇڏي ڏنو ته هي ماڻهو ڪڏهن ٻه ٽئڪس ادا نه ڪندو. ان ڪري اسان کي ڪو اهڙو طريقو سوچڻ کپي جنهن سان هي چالاڪ ۽ مڪار ماڻهو حڪومت کي ٽئڪس ڏئي.“

گورنر جي صلاحڪارن مان هڪ چيو:

”مصيبت هيءَ آهي ته هن کي شاهي دربار ۾ مٿاهون درجو حاصل آهي ان ڪري ٽئڪس نه ڏيڻ ڪري ڪيس ڪا سزا ٻه نٿا ڏئي سگهون.“

اجلاس ۾ آيل ماڻهو ڪيترين ڳالهين سوچي رهيا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري رهيا هئا. پر ان هوندي ٻه هو سڀ هڪ ڳالهه تي هڪ زبان هئا ته ڪو اهڙو طريقو ڳوليو وڃي جنهن رستي ڪيوڪادو کان ٽئڪس ورتو وڃي. اتفاق جي ڳالهه اها ته انهيءَ وقت ڪيوڪادو گورنر سان ملڻ لاءِ اتان اچي نڪتو. هُن کي ڏسڻ سان گورنر جي ذهن ۾ هڪ شاندار تجويز آئي. جيئن ئي ڪيوڪادو آيو ته گورنر پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ڪيس پاڻ سان پنهنجي آفيس ۾ وٺي آيو. پنهنجي آفيس ۾ ايندي ئي هن پهريون ڪم اهو ڪيو جو دروازو بند ڪري ان کي تالو هڻي ڇڏيو ۽ پوءِ

ڪيوڪادو کي نهايت نرميءَ سان چيو:

"سائين منهنجا ويهو!"

جڏهن هو وينو ته گورنر آرام سان سمجهايس:

"مون کي مرڪزي حڪومت طرفان سختيءَ سان چيو ويو آهي ته آءٌ توڪان هر حال ۾ ٽئڪس وصول ڪريان. آءٌ توکي چوان ٿو ته پنهنجي جائداد جي مئنيجر کي چئه، ته هو بنا ڪنهن چون چران جي سڀ ٽئڪس ادا ڪري ڇڏي؟"

جواب ۾ ڪيوڪادو معافي گهرندي چيو:

"منهنجا دوست! آءٌ بيحد شرمندو آهيان جو منهنجي ڪري توکي اجائي تڪليف رسي آهي."

ايترو چئي هن گورنر ڏي غور سان ڏٺو ڄڻ هو هن جي منهن جي تاثرات جو اندازو ڪري رهيو هجي. هن گورنر کان گهڻيون ئي معافيون ورتيون پر گورنر به هن کي چڱيءَ طرح سڃاتو ٿي. هن يڪدم پنهنجي ڳالهائڻ جو انداز بدلائي چيو:

"منهنجا دوست ڪيوڪادو. تون هن دفعي مون کي بيوقوف ناهي نه سگهندين. تو هن کان اڳ به ڪيترا دفعا مون سان وعدو ڪيو هو ته تون ٽئڪس ادا ڪندين پر تو ڪڏهن به پنهنجو وعدو نه پاريو."

"پر هاڻ آءٌ توهان کي پڪ ٿو ڏيان ته ٽئڪس ادا ڪرڻ ۾ دير نه ڪندس، ۽ ...!"

اڃان هو ڪجهه چوڻ وارو هو ته گورنر هن جي ڳالهه کي ڪپيندي چيو:

"آءٌ چاهيان ٿو ته هي مسئلو اڄ ئي حل ٿي وڃي. جيڪڏهن تو منهنجو چوڻ اڄ به نه مڃيو ته ياد رکجانءِ، آءٌ توکي هن ڪمري مان نڪرڻ نه ڏيندس."

جيئن ئي گورنر اهي لفظ چيا ته ڪيوڪادو جهٽ ورندي ڏنس:

”دوست! ايڏي ڪاوڙ نہ ڪر. آءُ توسان وعدو ٿو ڪريان تہ سمورو ٽئڪس جلد ادا ڪري ڇڏيندس. آءُ توکي يقين ٿو ڏيان تہ هن مهيني جي آخر تائين ٽئڪس ادا ڪري ونندس. ڇا اجان بہ تون مطمئن نہ آهين؟“

جيئن ئي گورنر هن جي اها ڳالهہ ٻڌي تہ هن کي ڪاوڙ وٺي ويئي. هو ڏسي رهيو هو تہ هيترو چوڻ سمجهائڻ کان پوءِ بہ ڪيوڪادو جي نموني ۾ ڪو فرق نہ آيو هو ۽ هو اجان تائين پنهنجي ضد تي قائم هو. نيٺ هن سخت ڪاوڙ منجهان حڪم ڏنو:

”سپاهيو! هن کي اندر وٺي اچو.“

ڪيوڪادو اجان تائين مطمئن ويٺو هو جيتوڻيڪ هن کي عجب ضرور لڳي رهيو هو تہ گورنر ڪهڙين شين کي اندر گهرائڻ جو حڪم ڏنو آهي؟ اجان هو انهيءَ سوچ ويچار ۾ هو تہ ڏسندي ئي ڏسندي دروازو کليو، پوءِ مياءُ مياءُ جا آواز آيا ۽ ان سان گڏ هڪ ناسي رنگ جي وڏي ٻلي اندر داخل ٿي. نہ فقط اها پر ان پٺيان ٻيون بہ ٽي ٻليون هيون. ڪيوڪادو جو هيتريون ٻليون ڏٺيون تہ وايون بتال ٿي ويس.

”اڙي- هي ڇا. ٻليون ! هيتريون ساريون ٻليون ! مهرباني ڪري هنن کي تہ ٻاهر ڪڍو.“

هن هٿ ٻڌي ڏڪندي ڏڪندي گورنر کي منٿون ڪيون. پر جواب ۾ گورنر فقط مرڪندو رهيو. هوڏانهن ٻليون مياءُون مياءُون ڪنديون هيڏانهن هوڏانهن پيرن ۾ وچڙڻ لڳيون. هڪ ٻلي تہ ٽپ ڏئي اچي هن جي جهوليءَ ۾ ويٺي ۽ ٻي ڪلهن تي. ٽين ٻلي سندس ڪمونو جي ٻانهن کي ڇڪي سونگهڻ لڳي.

ان وقت ڪيوڪادو جي حالت رحم جوڳي هئي. هو بلڪل بي وس ٿي ويو هو. هن جو رنگ ڦڪو ٿي ويو هو ۽ ڏپ وچان ڏڪي رهيو هو. گورنر جڏهن سندس اها حالت ڏٺي تہ هو دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳو تہ هن جي اٽڪل ڪامياب وڃي رهي آهي. هن

سپاهين کي سڏي چيو:

"هن کي هتان وٺي هلو!"

جيئن ئي گورنر اهو حڪم ڏنو تہ سپاهين جلدي اڳيان وڌي ٻلين کي جهليو ۽ انهن کي رسين سان ٻڌي دروازي وٽ ٿي بيٺا جيئن ڪيوڪادو جي ويجهو نہ وڃن. هاڻ هو هڪ هنڌ بيٺي بيٺي فقط مياٺون مياٺون ڪري رهيو هيون ۽ انهن جي مياٺون مياٺون ٻڌي ڪيو ڪادو جي حالت خراب ٿي رهي هئي. پر ان وقت هو ائين ڏکي رهيو هو ڄڻ سخت سياري جي موسم هجي. پر ان سان گڏ پگهر ۾ بہ شل ٿي رهيو هو. هن جو رنگ ايڏو تہ ڦڪو ٿي ويو هو ڄڻ منجهس ساهہ ئي نہ هجي. اهو ڏسي گورنر مرڪندي پڇيو:

"ها تہ منجها دوست ڪيوڪادو، ڇا اڃان بہ ٽئڪس ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهين؟"

جواب ۾ ڪيوڪادو هٿ ٻڌي چيو:

"مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪر ۽ انهن ٻلين کي ڪيڏانهن ٻاهر موڪلي ڇڏ. تون جيڪي چوندين اهو ڪندس."

"چڱو، آءٌ ٻلين کي ٻاهر ٿو موڪليان،" گورنر چوڻ شروع ڪيو، پر ان کان اڳ تون پنهنجي مئنيجر کي خط لک. ان خط ۾ هن کي لک تہ سمورو رهيل ٽئڪس اڄ ئي ادا ڪري. جيڪڏهن تون ائين نہ ڪندين تہ آءٌ سپاهين کي حڪم ڪندس تہ ٻلين کي وري کولي تو وٽ ڇڏين."

"مون کي منظور آهي. آءٌ هينئر جو هينئر ڪيس خط ٿو لکان تہ حڪومت جو ٽئڪس اڄ ئي ادا ڪيو وڃي."

پوءِ تہ ان ئي وقت لکڻ لاءِ برش، مس ۽ پنو ڪيوڪادو کي پيش ڪيو ويو. ۽ هڪدم هن پنهنجي مئنيجر کي چانورن جون پنج سئو ڳوٽيون ٽئڪس طور ڏيڻ لاءِ لکيو. ۽ اهڙي طرح گورنر جي ان اٽڪل سان چالاڪ ڪيوڪادوءَ کان ٽئڪس وصول ڪيو ويو.

راڳن جا مقبرا

جپان جي هيءَ ڪهاڻي اڄ ڪان صديون اڳ جي هڪ رات سان تعلق رکي ٿي. ان رات آسمان ڪليل هو ۽ ڪٿي ڪڪرن جو هڪ ٽڪر به نظر نٿي آيو. آڌي رات جو وقت هو ۽ چوڏهين تاريخ جو چنڊ پوري آب تاب سان چمڪي رهيو هو. مسودا درياءَ جي پر تي ڪيترائي ڳوٺ آباد هئا جن جي اردگرد ٻنيون ۽ باغ پکڙيل هئا. درياءَ تمام خاموشيءَ سان وهي رهيو هو ۽ چوڌاري ماٺ ئي ماٺ هئي. ان وقت چنڊ جي ٿڌي ٿڌي چانڊوڪي درياءَ، ڳوٺ ۽ ٻنين مٿان کير وانگر پکڙيل هئي. ان مانيٽي ماحول ۾ ماڻهن ٻڌو ته ڪو تمام سريلي ۽ دردناڪ آواز ۾ ڳائي رهيو هو. هي آواز مشهور ڳائڻ واري نوجوان ساڪو جو هو جيڪو درياءَ جي ٻئي طرف واري ڳوٺ شوگانو ۾ ڳائي رهيو هو ۽ هن جي راڳ جا ٻول درياءَ جي لهرن تي ترندا ٿي آيا.

جيئن ئي تسوڪاوا ڳوٺ جي رهڻ وارن ساڪو جي راڳ جو آواز ٻڌو ته هنن ڪان چرڪ نڪري ويو. هو هن جو آواز سڃاڻي ويا هئا ڇو جو هو هن جو آواز پهرين به ڪيترا دفعا ٻڌي چڪا هئا. جڏهن به فصل لڻڻ جي موسم ايندي هئي ته چانڊوڪي راتين ۾ هن جي راڳ جو آواز چوڌاري گونجندو هو. سڀ ماڻهو هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا:

” ٻڌو ٻڌو. اڄ رات وري ساڪو ڳائي رهيو آهي. هن جو آواز

ڪيڏو نہ منو ۽ درديلو آهي."

جڏهن بہ چانڊوڪي راتيون ايندڙيون هيون تہ ساڪو اهڙيءَ طرح چنڊ کي مخاطب ٿي راڳ ڳائيندو هو. اهو هن جو هميشہ جو دستور هو. جڏهن هو ڳائيندو هو تہ ان ۾ ايڏو محو ٿي ويندو هو جو پر ۾ ايندڙ ويندڙ جو بہ خيال نہ رهندو هوس. هو پنهنجن راڳن ۾ ايڏو تہ مگن ٿي ويندو هو جو پنهنجو بہ هوش نہ رهندو هوس. هن جو آواز جبلن ۾ ڳوڻن جي پرسڪون ماحول ۾ ائين گونججي ويندو هو جو سڄو ماحول مست ٿي جهومڻ لڳندو هو. ۽ پوءِ جڏهن هن جو آواز جبلن سان ٽڪرائجي موٽندو هو تہ ان پڙاڏي ۾ اصل آواز کان بہ وڌيڪ حسن هوندو هو. ان وقت ڪو بہ هن جو راڳ ٻڌندو هو تہ هوش حواس وڃائي ويهندو هو. حقيقت اها هئي تہ هن جو آواز ۽ راڳ ڳائڻ جو انداز تمام گهڻو دلڪش هو. اهوئي سبب آهي جو جڏهن بہ چانڊوڪيون راتيون ايندون هيون تہ ماڻهو هن جو آواز ٻڌڻ لاءِ منتظر هوندا هئا. اڄ جي رات درياءَ جي هن پار شوڳانو جي طرف کان جڏهن ساڪوءَ جي ڳائڻ جو آواز آيو ۽ تسوڪاوا ڳوٺ جي ماڻهن ٻڌو تہ انهن مان ڪنهن چيو:

" اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي تہ ساڪو تمام سٺو ٿو ڳائي. هن جو آواز تمام سريلو ۽ راڳ دل ۾ گهر ڪرڻ وارا اٿس پر...!"

"پر ڇا-؟"

ٻين ماڻهن مان هڪ هن کي ٽوڪيو. ان تي هن ماڻهوءَ پنهنجي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو:

"آئون اهوئي چوڻ ٿو چاهيان تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي جو اسانجي ڳوٺ مان بہ ڪو هن جي راڳ جو جواب ڏئي."

" اهو ڪيئن."

ڪنهن سوال ڪيو جنهن تي انهيءَ ماڻهوءَ جواب ڏنو:

" هو ان جي جواب ۾ هتان ڪو راڳ ڳائي ۽ اهڙيءَ ريت هن جو مقابلو ڪري. هي مقابلو تمام دلچسپ ٿيندو ۽ ٻنهي ڳوٺن جا ماڻهو لطف اندوز ٿيندا."

" واهه جي ڳالهه آهي."

"تمام سٺي صلاح آهي!"

"ان جو مقابلو ٿيڻ کپي ."

ڪيترن ئي ماڻهن ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ان سان گڏ هڪ چيو:

"پر اسانجي ڳوٺ جو ڪهڙو ماڻهو هن جو مقابلو ڪندو؟ ساڪو تمام سٺو ڳائڻو آهي."

"تنهنجي ڳالهه بہ صحيح آهي. واقعي هو تمام سٺو ڳائڻو آهي."

سڀ ماڻهو هن کي غور سان ٻڌڻ لڳا.

"پاڻ کي اهو سوچڻ گهرجي تہ ساڪوءَ جو مقابلو ڪرڻ وارو پاڻ وٽ ڪهڙو ماڻهو ٿي سگهي ٿو؟"

تسوڪاوا ڳوٺ جا ماڻهو گڏجي ان ڳالهه تي غور ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ ان وقت هنن جي سمجهہ ۾ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو نالو نہ اچي سگهيو جو ڳائڻ ۾ ساڪوءَ جو مقابلو ڪري سگهي. پر تنهن هوندي بہ سڀ ماڻهو ان ڳالهه تي ضرور يڪراءِ هئا تہ ساڪوءَ جو مقابلو ڪري هن کي ضرور هيٺاهون ڪيو وڃي. راڳ ۾ هن جو مقابلو ضرور ڪرڻ کپي جيئن تسوڪاوا ڳوٺ جو نالو بہ ٿئي.

هيءَ بہ هڪ رات جي ڳالهه آهي. هر طرف چانڊوڪي وڇائي پئي هئي ۽ چئني طرف ماٺ منوڙو هو. اوچتو فضا ۾ هڪ نهايت سريلو ۽ پرسوز آواز اڀريو. هي آواز ڪافي پري کان اچي رهيو هو ۽

بلڪل ساڪوءَ جي آواز جهڙو درديلو ۽ ڏکويل ٿي لڳو پر ڳائڻ وارو ساڪو نہ هو.

" هي ڳائڻ وارو ڪير آهي؟"

"هي درد ڀريو آواز ڪنهنجو آهي؟"

ماڻهو عجب مان هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا. دراصل هي آواز تسو ڪاوا ڳوٺ جي پر ۾ هڪ جبل تان اچي رهيو هو. ۽ ڳائڻ وارو تسو ڪاوا ڳوٺ جو هڪ نوجوان هيڪو هو.

ٻئي طرف جڏهن هيڪو جو آواز ساڪوءَ جي ڪنن تي پيو تہ هو بہ چرڪي ويو. هو سمجهي ويو تہ اڄ هن جو مقابلو ڪنهن اهڙي تهڙي ڳائڻ واري سان نہ آهي.

هيڪو جبل جي چوٽيءَ تي ويهي لڳاتار ڳائيندو رهيو. ۽ هن جو آواز ڇڻني پاسي هوا جي لهرن وانگر ڦري رهيو هو. درياءَ جي ٻئي پاسي ساڪوءَ ڪجهہ دير تائين هي آواز ٻڌو ۽ پوءِ هن بہ پنهنجي سريلي آواز ۾ ڏاڍيان وٺي ڳائڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح هو ٻئي ڳائيندا رهيا ۽ درياءَ جي ٻنهي پرين جا ماڻهو سندن مٺي آواز ۾ راڳ ٻڌندا رهيا.

راڳن جو هي مقابلو فقط هڪڙي رات نہ هليو پر ان کان پوءِ بہ ڪيترين ئي راتين هلندو رهيو. دريا جي ٻنهي پاسن جا ماڻهو راڳ مان مزو وٺندا رهيا.

هن واقعي کي سڄو سال گذري ويو. ايتريقدر جو هڪ دفعو وري جبلن ۽ وادين ۾ بهار جي موسم اچي ويئي. تسوڪاوا ۽ شوگانو ڳوٺن جا ماڻهو جن کي ساڪو ۽ هيڪو جا گذريل سال ٻڌل راڳ اڃان ياد هئا سي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا:

"گذريل سال راڳن جو جيڪو مقابلو ٿيو هو سو اڃان تائين ياد آهي!"

”ساڪو ۽ هيڪو ڪٿي آهن. انهن جي راڳن جو آواز اجان تائين ٻڌڻ ۾ نٿو اچي!“

”هن سال بہ ٻنهي جي ڳائڻ جو مقابلو ضرور ٿيڻ کپي.“

آخرڪار اهو وقت بہ اچي ويو جنهن جو ماڻهن کي انتظار هو. جڏهن درياءَ جي ٻنهي پاسي ماڻهو فصل لٽي رهيا هئا تہ اوچتو هڪ پاسي کان ساڪوءَ جي ڳائڻ جو آواز بلند ٿيو ۽ ان سان گڏوگڏ ٻئي ڪناري کان هيڪوءَ ڳائڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح هو ٻئي ڄڻا پنهنجي پرسوز آواز ۾ راڳ ڳائيندا رهيا. ان وقت هو ٻئي ڄڻا پنهنجي اوسي پاسي کان بي خبر ٿي وڏي آواز ۾ ڳائي رهيا هئا. سڄو ڏينهن گذري ويو پر هو اهڙيءَ طرح ڳائيندا رهيا.

ساڪو ۽ هيڪوءَ جو مقابلو جاري هو. انهن ٻنهي مان ڪوبہ مڙي وڃڻ لاءِ تيار نہ هو. ٻئي ڄڻا لڳاتار ڳائيندا رهيا ۽ ماڻهو هنن جو منو آواز ٻڌي مزو وٺي رهيا هئا ۽ ڏاڍا خوش هئا. پوءِ اوچتوئي اوچتو ساڪو بيمار ٿي پيو. ۽ نہ فقط ساڪو پر هيڪو بہ ان سان گڏ بيمار ٿي پيو. ٻئي ايڏو بيمار ٿي پيا جو پاڻ ڪٽائي اچي کٽ تي پيا. ۽ پوءِ اهو وقت بہ اچي ويو جو ٻئي ڄڻا مري ويا. اهو عجيب اتفاق هو جو ٻئي ڄڻا هڪ ئي وقت بيمار ٿيا، هڪ ئي وقت کٽ جي حوالي ٿيا ۽ هڪ ئي وقت مري ويا.

جڏهن درياءَ جي ٻنهي پاسن وارن ڳوٺن کي هنن جي موت جي خبر ملي تہ هو سڀ غمگين ٿي ويا. سڀ افسوس ڪري هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا:

”ٻئي ئي پڪ هو ڳائي ڳائي فنا ٿي پيا هوندا.“

”جيڪڏهن هو ايڏو سخت مقابلو نہ ڪن ها تہ هرگز نہ مرن ها.“

”افسوس جو هي سڀ ڪجهہ اسان جي ڪري ٿيو.“

پر هاٿي ڇا ٿو ٿي سگهي؟ وقت هٿن مان نڪري ويو هو.
ماٺهو ڏڪويل هئا پر هاڻ افسوس ڪانسواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيا. آخر هنن درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي وڏا ڏڙا ناهي انهن تي قبرون ناهيون. ان مسودا نالي درياءَ تي اڄ بہ بہ ڏڙا موجود آهن ۽ انهن کي يوتانو جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي بهترين ڳائڻ وارن جا ڏڙا.

صدينْ کان مسودا درباد ائين وهي رهيو آهي ۽ ان جي ٻنهي ڪنارن تي هي ڏڙا اهڙيءَ طرح نظر اچن ٿا. درياءَ جي ڪناري تي رهندڙ ماٺهن جو چوڻ آهي تہ جڏهن بہ چاندوڪي راتيون اچن ٿيون، تہ انهن ڏڙن تان ڳايل راڳن جا آواز تمام چٽا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

مهاڻن جي جنگ

پراڻي زماني جي صوبي ڪاگا ۾ ست مهاڻا رهندا هئا. هي ست ئي مهاڻا گڏ مڇيون ڦاسائڻ ويندا هئا ۽ جڏهن مڇين جي شڪار تي ويندا هئا تہ پنهنجا تير ڪمان بہ کڻي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. مهاڻا پنهنجي دستور موجب هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي مڇيون ڦاسائڻ لاءِ ويا. جڏهن هو اونهي سمنڊ ۾ مڇيون ڦاسائي رهيا هئا تہ اوچتو آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي تمام تکي ۽ تڏي هوا لڳڻ شروع ٿي ويئي.

”خوفناڪ طوفان اچي رهيو آهي!“ هڪ رڙ ڪري چيو.

”اسان کي جلدي ڪناري تي پهچڻ کپي.“

ٻئي دڄندي پنهنجن ساٿين کي صلاح ڏني. هنن يڪدم مڇيون جهلڻ ڇڏي ڏنيون ۽ ٻيڙي هاڪاري جلدي جلدي ڪناري ڏي وڃڻ لڳا. هو پنهنجي سڄي طاقت سان ٻيڙيءَ کي ڌڪي رهيا هئا پر هوا ايڏي تہ تکي هئي جو ٻيڙي رکي رکي ڇولين سان ٽڪرائڻ لڳي ٿي. ٿوري ئي دير ۾ هنن ڏٺو تہ سندن ٻيڙي ڪناري ڏي وڃڻ بدران کليل سمنڊ ۾ وڃي پهتي آهي. هنن دٻ مان ٻيڙيءَ جي اندين کي کڻي قابو جهليو ۽ ان سان گڏ مهاتما ٻڌ کان پنهنجي حفاظت جو دعائون گهرڻ لڳا.

جڏهن طوفان جهڪو ٿيو تہ مهاڻن جا حواس صحيح ٿيا پر هنن کي ڪا خبر نہ پئي تہ هنن جي ٻيڙي ڪيتري دير ڇولين جو مقابلو ڪندي رهي ۽ هاڻ هو سمنڊ جي ڪهڙي حصي ۾ آهن؟ سڀ

حيران ۽ پريشان هڪ ٻئي جا منهن ڏسڻ لڳا. اوچتو هنن کي تمام پري هڪ ٻيٽ نظر آيو.

"زمين اچي وئي - زمين اچي وئي!"

هو خوشيءَ مان رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ ٻيڙيءَ جو منهن اوڏانهن موڙي ڇڏيو. هو ٻيڙيءَ کي ٻيٽ ڏي ڇڪين ان کان اڳ ٻيڙي ٻيٽ ڏي ائين ڇڪبي وئي جڻ چقمق ڪنهن لوهه کي ڇڪي. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي هو ٻيٽ جي ڪناري تي پهچي ويا.

"هن ٻيٽ جو نالو ڇا آهي؟ اسان ڪڏهن به هن بابت نه ٻڌو آهي؟!"

سيني حيران ٿي هڪ ٻئي ڏي ڏٺو. هن ٻيٽ تي بيشمار وڻ هئا جن ۾ ميوا لڳل هئا. اهو ڏسي هو سڀ ڏاڍو خوش ٿيا. پر اجان چڱيءَ طرح ٿڪ به نه پٽو هونداءون ته هڪ سهڻو جوان سامهون نظر آين جنهن کين چيو:

"توهان سڀ ڀلي ڪري آيائوــ آءٌ توهان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هوس. حقيقت اها آهي ته مون ئي توهان کي هن ٻيٽ تي گهرايو آهي."

مهاڻن جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه پئي آيو ته هي نوجوان ڇئي ڇا پيو. هو ويچارا پريشان ٿي هڪٻئي کي ڏسڻ لڳا. آخر انهن مان هڪ هن نوجوان کي ٻڌايو ته اسان مڇيون ڦاسائي رهيا هئاسين ته سمنڊ ۾ طوفان اچڻ ڪري اسان اچي هتان نڪتا آهيون. ان تي هن نوجوان چيو:

"اهو طوفان منهنجو ئي آندل هو."

اها ڳالهه ٻڌي هنن مهاڻن سوچيو ته هي نوجوان ڪو عام ماڻهو نه آهي، پڪ هن وٽ ڪا غيبي طاقت آهي. اينري ۾ نوجوان ان طرف ڏنو جتان هو آيو هو ۽ وني رڙ ڪئي. بس رڙ ڪرڻ جي دير هئي ته ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. هنن پاڻ سان گڏ هڪ صندوق آندي هئي جيڪا اچي اتي رکي. مهاڻن اها صندوق

کولي تہ ان ۾ عاليشان ڪاڏا ڀيل هئا جن جي خوشبو چوڌاري پکڙجي ويئي. سهڻي نوجوان هنن کي کائڻ جي دعوت ڏني. هو تہ پهرين ئي بک کان پاهہ ٿي رهيا هئا سو هنن پيٽ ڀري ماني کاڌي. جڏهن هنن ماني کائي بس ڪئي تہ نوجوان کين چيو:

”هاڻ آءٌ توهان کان مدد جي طلب ڪندس. هتان کان پري هڪ ٻيو ٻيٽ آهي. اتي جي بادشاهہ مون کي ڪيترائي دفعا مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان لاءِ تہ هو هن ٻيٽ تي قبضو ڪرڻ ٿو چاهي. سڀاڻي هو وري ايندو ۽ اسان جي خوفناڪ لڙائي ٿيندي. ان لاءِ مون توهان کي پنهنجي مدد لاءِ گهرايو آهي.“

مهاڻا تمام گهڻي دلچسپي ۽ حيرانيءَ سان نوجوان جي ڳالهہ ٻڌندا رهيا ۽ دل ئي دل ۾ هن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. هنن مان هڪ چيو:

”سڀاڻي هن بادشاهہ سان گڏ ڪيترا ماڻهو وڙهڻ لاءِ ايندا؟“

جواب ۾ نوجوان چيو:

”هو توهان وانگر ماڻهو نہ آهن ۽ آءٌ بہ ماڻهو نہ آهيان. توهان سڀاڻي ڏسي سگهندائو تہ آءٌ ڪير آهيان.“

اها ڳالهہ ٻڌي مهاڻا ڏاڍو ڊنا پر چپ ٿي ڪري سگهيا. هنن کي ماٺ ۾ ڏسي نوجوان چيو:

”سڀاڻي جڏهن هو اچن تہ هنن کي ڪناري تائين اچڻ ڏجو آءٌ جبل جي پٺيان نڪرندس. جڏهن آءٌ دشمن بادشاهہ سان جنگ شروع ڪندس ۽ پوءِ مدد جي ضرورت وقت توهان کي اشارو ڪندس. جيئن ئي آءٌ توهان کي اشارو ڪريان تہ توهان تيرن جو هن تي وسڪارو لاهي ڏجو. پر هڪ ڳالهہ ياد رکجو، دشمن تمام طاقتور آهي ان ڪري اهو ڪم خيال سان ڪجو.“

ايتري ڳالهہ ڪري هو ساعت کن ترسيو ۽ پوءِ وري چوڻ لڳو:

"جهيڙو ٻن پهرن جو ٿيندو ۽ توهان ڪناري جي ويجهو واري ٽڪريءَ وٽ مچان ناهي وهجو."

ٻئي ڏينهن مهاڻا وڏي ٽڪريءَ وٽ مچان ناهي ويهي رهيا. ايتري ۾ ڪارن ڪڪرن آسمان تي گهيرو ڪري ورتو ۽ طوفاني هوائون ائين لڳيون جو سمنڊ جون خوفناڪ ڇوليون زور زور سان اچي ڪناري تي لڳيون. اوچتو هنن کي پري افق تي ٻه تارا چمڪندا نظر آيا. ۽ پوءِ ٻي گهڙيءَ اهي چمڪندڙ تارا ٻيٽ جي ويجهو پهچي ويا. ڪا شيءِ ترندي هنن ڏي اچي رهي هئي. پوءِ انهن ڏٺو ته اها هڪ وڏي آفت هئي جنهن کي هزار کن ته پير هئا. ۽ اهي ٻه تارا سندس چمڪندڙ اکيون هيون. ايتري ۾ مهاڻن ٽڪريءَ جي پنيان گاهه ۾ سُر سُر ٻڌي ۽ ان سان گڏ ڏٺو ته هڪ تمام وڏي بلا سمنڊ جي ڪناري تي اچي ويئي. پوءِ ان بلا ۽ هزار پيرن واري آفت ٿوري دير هڪ ٻئي کي گهوري ڏٺو ۽ پوءِ هنن جي خوفناڪ جنگ شروع ٿي ويئي. هو هڪٻئي جي بدن کي چڪ هڻي وڍڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هو ڇئن ڪلاڪن تائين لڳاتار وڙهندا رهيا. هزار پيرن واري آفت پنهنجن پيرن جي زور تي هن کان مٿاهين ٿي ويئي ۽ آخرڪار هن بلا کي ڪيرائي رکيو. جيئن ئي بلا هيٺ ڪري هن مهاڻن کي مدد لاءِ اشارو ڪيو. اشاري ملڻ سان مهاڻن هزار پيرن واري آفت تي تيرن جو وسڪارو لاهي ڏنو. هزار پيري آفت تيرن جي زخمن ڪري سڄي ڦتجي پيئي. پر هن بلا کي نه ڇڏيو. اهو ڏسي سٽن ئي مهاڻن يڪ ساهيءَ حملو ڪيو ۽ پنهنجين تلوارن سان هزار پيرن واري بلا جا پير وڍي هن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا. اهڙيءَ ريت دشمن بادشاهه جو هميشه هميشه لاءِ خاتمو ٿي ويو. ان وقت مهاڻن جا ڪمونا (ڪپڙا) هزار پيريءَ جي رت سان پرجي ويا. هنن ڏٺو ته اها بلا اتان گم ٿي ويئي. هو حيران ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳا. ايتري ۾ هڪ پاسي کان نوجوان ظاهر ٿيو. ان وقت هو زخميل نظر اچي رهيو هو ۽ منڊڪائيندو هنن ڏي آيو. سٽن ئي مهاڻن جو ٿورو

مڃيو ۽ پوءِ هزار پيريءَ جي لاش کي ساڙائي ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ کان پوءِ نوجوان چيو:

”آءٌ چاهيان ٿو تہ توهان هن سرسبز ٻيٽ تي اچي رهو ۽ ميوي سان پريل وڻن مان فائدو وٺو.“

مهاڻن بہ اهوئي گهريو ٿي، پر هو چوڻ لڳا:

”اها تمام سٺي دعوت آهي پر اسان پنهنجي ڪٽنبن کي هتي ڪيئن آڻيون؟“

ان تي نوجوان ڪلندي چيو:

”اهو ڪو ڏکيو ڪم ناهي. مان هيئنئر جو هيئنئر ٻيڙين کي توهان جي صوبي ۾ ڏياري ٿو موڪليان ۽ جڏهن بہ توهان هيڏانهن اچڻ چاهيو تہ ڪاماتا جي درگاهہ ۾ دعا گهرجو، ديوتا توهان جي ٻيڙين کي هيڏانهن موڪلي ڏيندو. هيءَ درگاهہ منهنجي ياءُ جي نالي آهي.“

پوءِ مهاڻن ائين ئي ڪيو. هو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وينا ۽ نوجوان کين سندن صوبي ۾ ڏياري موڪليو. هنن پنهنجن ڪٽنبن کي ٻيڙين ۾ ويهاريو. ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو هنن سان گڏ وينا ۽ اچي هن ٻيٽ تي پهتا.

هاڻ هو سڀ نئين ٻيٽ تي اچي رهڻ لڳا ۽ هنن هن ٻيٽ جو نالو نيڪو۔ جيما (ٻليءَ جو ٻيٽ) رکيو جتي هو خوش زندگي گذارڻ لڳا.

شهزاديءَ جي ڳولا

پراڻي زماني جي ڳالهہ آهي. جپان ۾ ڪنهن هنڌ تي پيائر رهندا هئا. هڪ ڀاءُ جو نالو تارو، ٻئي جو جيرو ۽ ٽئين جو نالو سابورو هو. هڪ ڏينهن ٽنهي ڀائرن پنهنجو پاڻ ۾ فيصلو ڪيو تہ:

”اسان کي شڪار تي هلڻ کپي.“

هنن ضروري تياري ڪئي ۽ شڪار لاءِ هڪ جبل ڏي رواني ٿيڻ جو ارادو ڪيو. هنن جي ان ارادي جي خبر ڪيترن ئي ماڻهن کي پئجي وئي. اتي جي حاڪم جي هڪ نهايت سهڻي ۽ جوان ڌيءَ هئي. اها خبر ان تائين بہ پهتي. جيئن ئي هن ٻڌو تہ تارو، جيرو ۽ سابورو جبل تي شڪار لاءِ پيا وڃن تہ هن پنهنجي پيءُ کي چيو:

”بابا سائين! آئون بہ انهن نوجوانن سان گڏ شڪار تي ويندس.“

حاڪم پنهنجي ڌيءَ سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو ان ڪري هو هن جي ڳالهہ ٽاري نہ سگهيو. ۽ هن کي موڪل ڏئي ڇڏي. جيئن ئي پيءُ اجازت ڏني تہ هن ٽنهي ڀائرن وٽ اچي چيو:

”توهان شڪار لاءِ جبل تي پيا وڃو، آئون بہ توهان سان گڏ هلڻ چاهيان ٿي.“

ٽنهي ڀائرن هن کي سمجهايو:

”هي اسان جو سفر تمام اڻانگو آهي. تون اسان سان گڏ

ڪيڏانهن رلندي رهندينءَ؟ سنو اهو ٿيندو تہ ان خيال تان لهي وڃ؟"

پر شهزاديءَ نہ مڃيو. هوءَ پنهنجي ضد تي قائم رهي. چوڻ لڳي:

"چاهي ڇا بہ ڪٽي ٿئي آئون توهان سان گڏ ضرور هلنديس!"

سو نيٺ هو چارئي ڄڻا گڏجي شڪار تي نڪتا. هو چارئي ڄڻا هلندا هلندا هڪ اهڙي هنڌ تان وڃي نڪتا جتي پاڻيءَ جو هڪ وڏو حوض هو. جڏهن هو ان حوض وٽ پهتا تہ اوچتو شهزادي غائب ٿي ويئي. اهو ڏسي هي ٽئي ڀائر ڏاڍا حيران ۽ پريشان ٿيا. هنن هيڏانهن هوڏانهن شهزاديءَ کي تمام گهڻو ڳوليو پر هوءَ ڪٿي بہ نظر نہ آئي. پر هو مايوس نہ ٿيا ۽ شهزاديءَ جي هيڏانهن هوڏانهن ڳولا ڪندا رهيا. ايتريقدر جو هو هڪ اهڙيءَ جاءِ تي پهچي ويا جتي زمين اندر هڪ کوهہ ٺهيل هو. سڀني ۾ ننڍي ڀاءُ سابوروءَ کوهہ ۾ ليئو پاتو ۽ وڏي آواز ۾ رڙ ڪري سڏ ڪيو:

"ڇا شهزادي کوهہ ۾ آهي؟"

هن جيئن سڏ ڪيو تہ کوهہ مان آواز آيو:

"ڇا هي آواز سابورو جو آهي؟"

واقعي شهزادي اتي موجود هئي. سابورو غور سان جهڪي ڏٺو کوهہ جي اندر هڪ محلات وٽ شهزادي ويٺي هئي. اهو ڏسي ٽنهي ڀائرن جلدي جلدي جهنگ مان ولين جون تاريون گڏ ڪيون، جڏهن انهن اهي گڏ ڪري ورتيون تہ پوءِ هنن انهن مان هڪ ڇٻو ناهيو ۽ هڪ وڏو رسو. ان کان پوءِ رسي ذريعي هنن ڇٻو هيٺ کوهہ ۾ وجهي شهزاديءَ کي سڏ ڏنو:

"شهزادي! هن ڇٻي ۾ اچي وهہ!"

شهزادي ڇٻي ۾ اچي ويٺي ۽ ٽنهي ڀائرن هن کي ڇڪي ٻاهر

ڪڍيو. پر جيئن ئي هوءَ کوهہ کان ٻاهر آئي تہ بيحد اداس لهجي ۾ چيو:

”آئون جلديءَ ۾ پنهنجو تمام ضروري ڪتاب کوهہ ۾ وساري آئي آهيان. ان ڪتاب ۾ حڪمت جون ڳالهيون لکيل آهن ۽ اهو ڪتاب مونکي منهنجي پيءُ پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. آئون ان ڪتاب بنا هرگز نٿي هلي سگهان!“

اهو ڏسي سابورو چيو:

”چڱو آئون تنهنجو ڪتاب ڪڍيو ٿو اچان.“

هو ڇپي ۾ ٽي وينو ۽ پاڻ ڪيس کوهہ ۾ هيٺ لاٿو ۽ پاڻ مٿي بيهي انتظار ڪرڻ لڳا.

هو سڀ مٿي بيهي ڏاڍي بي قراريءَ سان سابورو جو انتظار ڪري رهيا هئا. تمام گهڻي دير ٿي ويئي پر سابورو کوهہ کان ٻاهر نہ آيو. هنن گهڻائي ڪيس سڏ ڪيا، دانهون ڪيون پر سڀ بيڪار ثابت ٿيون. جڏهن هو ڏاڍو مايوس ٿي ويا تہ رسي کي اتي ئي اڇلي هو هلڻ لڳا. پر شهزادي ڏاڍي ڏکويل آواز ۾ چوڻ لڳي:

”آئون سابورو بنا هرگز نہ موٽنديس.“

هن اهو چيو ۽ پرسان سووا ڊنڊ ۾ ڪٽي ٽپ ڏنو.

ٻئي پاسي سابورو زمين جي تهن ۾ گهمندو وڃي هڪ طرف کان نڪتو. اتريقدر جو هو هڪ اهڙي جاءِ تي وڃي نڪتو جتي هڪ سهڻو شهر آباد ٿيل هو. ڳوٺ جي ماڻهن جو هن کي ڏٺو تہ هڪ بهادر ساموراِئي وانگر سندس آڌرڀاءُ ڪيو. سابوروءَ جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي ويئي ۽ هو اتي ئي رهڻ لڳو. ڪجهہ ڏينهن بعد ڳوٺ جي هڪ ڇوڪريءَ سان هن جي شادي ٿي ويئي. ۽ پوءِ ڪجهہ عرصو گذرڻ کان پوءِ هڪ ٻار جو پيءُ ٿي ويو– ۽ اهڙي طرح اتي رهندي ڪيس نو سال گذري ويا.

هڪ ڏينهن سابورو وڻي ڪتاب پڙهيو تہ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. هن جي زال هن کي ائين ڳوڙها ڳاڙيندو ڏسي ڏاڍو حيران ٿي ۽ ان جو ڪارڻ سبب پڇيو. سابورو هن کي پنهنجي سڄي ڪهاڻي ٻڌائي. هن ڪيس اهو بہ ٻڌايو تہ هو هتي ڪيئن اچي نڪتو. پوءِ هو پنهنجي زال کي چوڻ لڳو:

”مونکي اجان تائين هن شهزاديءَ سان محبت آهي ۽ آئون ڪيس وساري نہ سگهيو آهيان.“

هن جي اها ڳالهہ ٻڌي سندس زال همدردي ڪندي چيس:

”تون شهزاديءَ جي ڳولا ۾ وڃي سگهين ٿو. پاڻ سان گڏ پٽ جا ست پيالا ضرور کڻي وڃجانءِ.“

زال جي موڪل ڏيڻ تي سابورو خوش ٿيو. هو شهزاديءَ جي ڳولا ۾ سفر تي روانو ٿيو.

هو هلندو رهيو، هلندو رهيو. آخر هڪ عبادت گاهہ وٽ وڃي پهتو. جيئن ئي هو اتي پهتو تہ ڳوٺ جا ڪجهہ ڇوڪرا دانهون ڪرڻ لڳا:

”نانگ ـ نانگ ـ نانگ ـ!“

گوڙ ٻڌي سابورو گهبرائجي ويو ۽ هن سووا ڊنڊ جي پاڻيءَ ڏي ڊسڻ شروع ڪري ڏنو. اينتري ۾ هن ڏٺو پاڻيءَ مان شهزادي اڀري آئي ۽ هن کي پاڻ ڏي اشارو ڪيو. ۽ هو ان سان گڏ سابورو ڊنڊ جي پاڻيءَ ۾ لهي ويو.

سابورو کي ويندي ڪجهہ سال گذري ويا هئا. هڪ ڏينهن هن جي زال وڻي رنو تہ هن جي پٽ هن کان سندس رئڻ جو سبب پڇيو. هن جي ماءُ هن کي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ ڪيئن هن جو پيءُ ويو آهي تہ وري نہ موٽيو آهي. اهو ٻڌي سندس پٽ پٽ جا نوَ پيالا تيار ڪرايا ۽ چيو:

"امان تون هي پٽ جا پيالا کڻ ۽ منهنجي پيءُ جي ڳولا ۾ نڪري وڃ!"

هن جي ماءُ پيالا کنيا ۽ سابورو جي ڳولا ۾ نڪري ويئي. هوءَ مختلف جڳهين تي گهمندي سابورو جي ڳولا ڪندي رهي ۽ آخرڪار هوءَ سووا ڍنڍ تي وڃي پهتي.

هن وقت کان وٺي اڄ تائين، سووا ڍنڍ جي وچ ۾ جيڪو برف جو رستو ٺهيو ٿو وڃي ان لاءِ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهو ديوتا جو رستو آهي. انهن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ اهو رستو ڍنڍ جي اندر وڃڻ لاءِ آهي جنهن ذريعي سابورو پنهنجي زال ۽ شهزاديءَ جي گهر ايندو ويندو رهندو هو.

ڪڪن جي ٽوپلي جو عبادت گهر

جپان ۾ ڪنهن هنڌ هڪ ڳوٺ آباد آهي. هن ڳوٺ جو نالو ڪاسا آهي. پر ماڻهو هن کي ڪڪن جي ٽوپلي جو ڳوٺ چون ٿا. هتي هڪ عبادت گهر آهي، جنهن جي عمارت جنگ جي ڏينهن ۾ سڙي ويئي هئي جنهن ڪري هن جي ڇت سڄي تباهه ٿي ويئي هئي. ان ڪري هتي جي ديوتا جو مجسمو وڏي عرصي کان کليل ڇت هيٺ پيو هو. ڏينهن جي وقت هن تي سخت اُس پوندي هئي ۽ رات جي وقت ماڪ ۾ پسندو رهندو هو.

هتان کان ويجهو ئي هڪ ڳوٺ آباد هو جتي هڪ نوجوان ڇوڪري رهندي هئي. هي ڇوڪري تمام گهڻي سهڻي هئي پر بدقسمتيءَ سان هن جي پيءُ تي ڏکيا ڏينهن اچي ويا ۽ هن کي غربت ۾ گذارڻو پئجي ويو. هو ويچارا ايترو ته غريب ٿي ويا جو ڪڏهن ڪڏهن هنن وٽ کائڻ لاءِ چانور به نه هوندا هئا ۽ لنگهڻ ڪاٽڻو پوندو هون. هنن وٽ هڪ ربو (جپاني سڪو) به نه هو جو ڪٽي هو ڇوڪريءَ جي شادي ڪن. هيڏانهن ڇوڪري اچي جوان ٿي هئي ۽ هن جو پيءُ سخت فڪرمند هو پر ڇا ٿي ڪري سگهيو. مجبوري هن کي ڇتني پاسن کان ڪٽي گهتيو هو. هيءَ ڇوڪري جيتري گهڻي سهڻي هئي ان کان گهڻو وڌيڪ رحمدل ۽ نيڪ هئي.

هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي جڏهن عبادت گهر اڃان سڙيو نه هو ۽ هن جي عمارت اڃان صحيح سلامت هئي. هيءَ ڇوڪري پابنديءَ سان ان عبادت گهر ۾ ايندي هئي ۽ ديوتا جي قدمن ۾ حاضر ٿي دعا گهرندي هئي جيئن هن جي قسمت سني ٿي پوي.

هو ڏهاڙي عبادت گهر ۾ ايندي هئي ۽ ديوتا جي اڳيان روئي روئي عرض ڪندي هئي:

”اي ديوتا! اسان جو عرض ٻڌ. اسان وٽ کائڻ لاءِ ڪٽو به ناهي، اسان تي رحم ڪر!“

هوءَ روئي روئي فرياد ڪندي هئي:

"اي ديوتا! مون تي رحم ڪر، مون کي ڪو سنو مڙس ڏيار جيئن آءٌ سک چين جي زندگي گذاري سگهان!“

پوءِ جڏهن ان عبادت گهر ۾ باهه لڳي ۽ ان جي ڇت ڪري پيئي ته هتي دعائون گهرڻ وارن اچڻ بند ڪري ڇڏيو. اهي ماڻهو جيڪي ديوتا سان گهڻي عقيدت رکندا هئا انهن به هن ويران عمارت ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏيو پر هيءَ ڇوڪري ان حالت ۾ به ڏهاڙي ايندي رهي. هوءَ جيئن پهرين هر روز ايندي هئي ائين اڄ به ايندي رهي ۽ ديوتا جي اڳيان اچي دعا گهرندي هئي. هن جي عقيدت ۽ محبت ۾ ڪوبه فرق نه آيو هو. هوءَ اڄ به پهرين وانگر ديوتا جي سامهون گوڏن تي جهڪي، ڪنڌ کي جهڪائي ۽ ٻئي هٿ ٻڌي عرض ڪندي هئي:

”اي سٺا ديوتا! منهنجو فرياد ٻڌ، اسان جي حالت تي رحم ڪر!“

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، ڇوڪري دستور موجب عبادت گهر ۾ آئي ۽ ديوتا جي سامهون ويهي دعا گهرڻ لڳي. اينتري ۾ اوچتو مينهن وسڻ لڳو. ڇوڪريءَ ڪنڌ مٿي ڪٿي ڏٺو ته ديوتا جو مجسمو پُسي رهيو هو. ان وقت ڇوڪريءَ جي مٿي تي ڪکن جو ٽوپلو هو جنهن ڪري مينهن کان بچيل هئي. جيئن ئي هن ديوتا جي مجسمي کي پُسندو ڏٺو، ته دل ۾ سوچڻ لڳي.

”هيءَ ته سٺي ڳالهه ناهي. ديوتا پسي رهيو آهي ۽ آءٌ ٽوپلي ڪري مينهن کان بچيل آهيان!“

هن هڪ گهڙي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نگاهون ڊوڙايون ۽ پوءِ

جلدي پنهنجي مٿي تان ٽوپلو لاهي ديوتا جي مٿي تي رکيو.

”هاڻ صحيح آهي. اهڙي ريت ديوتا پسڻ کان بچي ويندو.“

هوءَ پنهنجي دل ۾ مطمئن ٿي ويئي ۽ پوءِ مجسمي اڳيان ڪنڌ جهڪائي عبادت ڪرڻ لڳي. هاڻ اها حالت هئي جو مٿي تي ڪکن جي ٽوپلي ڪري ديوتا پسڻ کان بچي ويو پر ڇوڪري مٿو اگهاڙو هجڻ ڪري پسندي رهي. هوءَ پسندي ته رهي پر سندس عقيدت ۽ نئڙت ۾ ڪوبه فرق نه آيو. هوءَ ماٺ منوڙي ۾ ان وقت به مجسمي اڳيان ڪنڌ جهڪائي، اکيون بند ڪريو ويٺي هئي.

خدا جي قدرت ڇئبي جو جنهن وقت هيءَ ڇوڪري ڪنڌ جهڪائي ان ديوتا اڳيان ويٺي هئي ته ان وقت خوش قسمتيءَ سان ڪنهن شهر جي حاڪم جو اتان اچي گذر ٿيو. هو ان وقت نوڪرن چاڪرن سان گڏ ڪيوٽو وڃي رهيو هو. جڏهن هو ڊنل عبادت گهر وٽان لنگهي رهيو هو ته سندس نظر ڇوڪريءَ تي پيئي. هن ڏٺو ته ديوتا جو مٿو ته ڪکن جي ٽوپلي سان ڍڪيل آهي پر ڇوڪري مٿو اگهاڙو هجڻ ڪري پسي رهي آهي. هو بيهي رهيو ۽ تعجب مان سوچڻ لڳو:

”هن ڇوڪريءَ کي ديوتا سان اينتري ته محبت ۽ عقيدت آهي جو هوءَ پاڻ ته پسي رهي آهي پر ديوتا کي پسڻ کان بچائي ڇڏيو اٿس.“

حاڪم هڪدم پنهنجي خاص نوڪر کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيو:

”هن ڇوڪريءَ وٽ وڃ ۽ هن کان معلوم ڪر ته هن ائين ڇو ڪيو آهي-؟“

نوڪر پنهنجي حاڪم جي حڪم ملڻ شرط هن ڇوڪري وٽ ويو ۽ هن کي مخاطب ٿي چيو:

”اي ڇوڪري! تو هڪ پٿر جي مجسمي جي مٿي تي پنهنجو ٽوپلو ڇو رکيو آهي ۽ پاڻ پسي رهي آهين؟ تو کي شايد اها خبر ناهي

ته هي ته فقط هڪ پٿر آهي جنهن کي نه مينهن جو احساس ٿي سگهي ٿو ۽ نه اُس جي خبر؟"

جواب ۾ ڇوڪريءَ پنهنجو جهڪيل مٿو مٿي ڪنيو. وڏي حيرانيءَ منجهان هن هڪ نظر نوڪر تي وڌي ۽ پوءِ ديوتا ڏي ڏسي چوڻ لڳي:

"جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته پوءِ هن جي ڪنن ۾ منهنجي دعا ڪيئن ٿي پهچي سگهي؟ هي منهنجو فرياد ڪيئن ٻڌي سگهندو؟"

هن اهو چئي، ديوتا جي مجسمي تان ٽوپلو لاٿو ۽ پنهنجي مٿي تي رکي اتان هلي ويئي.

ڇوڪريءَ جي وڃڻ کان پوءِ نوڪر واپس اچي پنهنجي حاڪم اڳيان هٿ ٻڌي عرض ڪيو:

"توهان جي حڪم موجب مون ڇوڪريءَ کان معلوم ڪيو ته هوءَ هڪ پٿر جي مجسمي جي مٿي تي پنهنجو ٽوپلو رکي پاڻ ڇو پُسي رهي آهي؟ مون هن کي اهو به چيو ته توکي شايد معلوم ناهي ته هو ته فقط هڪ پٿر آهي جنهن کي نه مينهن جو احساس ٿي سگهي ٿو ۽ نه اُس جي خبر."

"پوءِ هن توکي ڪهڙو جواب ڏنو؟"

حاڪم بي صبريءَ مان هن جي ڳالهه ڪپيندي چيو:

"آءُ اهو ئي ته عرض ڪري رهيو آهيان!"

نوڪر اڪيون جهڪائي وري عرض ڪرڻ لڳو:

"هن منهنجي ڳالهه ٻڌي چيو: جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته هن جي ڪنن ۾ منهنجي دعا ڪيئن ٿي پهچي سگهي؟ هو منهنجو فرياد ڪيئن ٻڌي سگهندو؟ هن اهو چيو ۽ پنهنجو ٽوپلو هن جي مٿي تان لاهي هلي ويئي."

جيئن ئي حاڪم اها ڳالهه ٻڌي هن پنهنجي هٿ تي هٿ هڻي ٽاڏيان چيو:

"حقيقت هيءَ آهي. مون وڏي کان وڏي عقلمند کان ان کان وڌيڪ عقلمنديءَ جي ڳالهہ نہ ٻڌي. دراصل هي مجسمو ناهي پر هڪ علامت آهي جنهن کي اسين پنهنجي عبادت لاءِ استعمال ڪريون ٿا. ان ڪري هن ڇوڪريءَ جو ٽوپلو هن جي پيار ۽ عقيدت جي نشاني آهي جنهن سان هوءَ ديوتا کي خوش ڪرڻ چاهي ٿي."

ان کان پوءِ هو ڪجهہ گهڙين لاءِ ماٺ ٿي ويو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو:

"منهنجي پٽ جي لاءِ هن ڇوڪريءَ کان وڌيڪ سٺي ۽ ذهين ٻي ڪابہ زال ملي نٿي سگهي."

جئين ئي حاڪم ڪيوٽو پهتو هن ان ئي وقت ڇوڪريءَ جي ٻيءُ وٽ پنهنجا نوڪر موڪليا ۽ پنهنجي ان پٽ لاءِ ڇوڪريءَ جو سڱ گهريو جيڪو عنقريب صوبي جو حاڪم ٿيڻ وارو هو. ڀلا ڇوڪريءَ جي ٻيءُ کي سڱ ڏيڻ کان ڪهڙو عار ٿي ٿي سگهيو؟ هن خوشيءَ مان حاڪم جي پٽ کي ناني ٿيڻ لاءِ قبوليو. اهڙيءَ ريت هن غريب پر حسين ڇوڪريءَ جي شادي حاڪم جي پٽ سان ٿي ويئي. هن نيڪ ۽ رحمدل ڇوڪريءَ جو مڙس صوبي جو حاڪم ٿيو تہ هن ان عبادت گهر کي نئين‌ءَ سنئين‌ءَ ٺهرايو ۽ نالو رکيائينس "ڪکن جي ٽوپلي وارو عبادت گهر." ۽ ان ڳوٺ کي اڄ بہ "ڪکن جي ٽوپلي وارو ڳوٺ" سڏين ٿا.

سون چانڊي

ڳالهہ تا ڪن تہ ڪنهن زماني ۾ جپان جي هڪ علائقي گيها ۾ هڪ خوشحال گهراڻو رهندو هو. هي خاندان ان قديم زماني کان هتي رهندو آيو ٿي ۽ ماڻهو ان کي تمايا خاندان جي نالي سان سڏيندا هئا.

تمايا هڪ واپاري خاندان هو جنهن جا ڀاتي ابن ڏاڏن کان جهاز جي سامان جو واپار ڪندا آيا ٿي. هن گهراڻي جو هڪ تمام محنتي ماڻهو هو جنهن جو نالو توڪوبي هو. هو صبح جو سوير ئي محنت ۾ لڳي ويندو هو. سڄو ڏينهن پورهيو ڪندو هو. ويندي ڪڏهن ڪڏهن تہ رات ٿي ويندي هئي تہ بہ رات جو دير دير تائين ڪم ۾ رڌل رهندو هو. اهڙيءَ لڳاتار محنت ڪري هن چڱي دولت گڏ ڪري ورتي هئي. تمام گهڻا گدام ۽ پاندا نهرائي ورتا هئائين جن ۾ هن جو سامان پريو پيو هوندو هو. ۽ هڪ واپاريءَ جي حيثيت ۾ هن پري پري تائين پنهنجو نالو پيدا ڪري ورتو هو. توڪوبيءَ هڪ اهڙي عورت سان شادي ڪئي جيڪا ان علائقي ۾ حسين ترين سمجهي ويندي هئي. هن جي حسن ۽ خوبصورتيءَ جو مثال نہ هو. ان عورت مان کيس هڪ ٻار ڄائو ۽ هاڻ هو پنهنجي سهڻي زال ۽ ٻار سان گڏ زندگي گذارڻ لڳو.

پنهنجي اڻ مئي دولت جي ڪري توڪوبي وڏي عيش ۽ آرام جي زندگي گذاري رهيو هو. هن وٽ ڪنهن بہ شيءِ جي کوٽ نہ هئي. ڪهڙو ايترو هو جو جنهن شيءِ جي طلب محسوس ڪندو هو ۽ هڪ جنبش ۾ هن وٽ اچي ويندي هئي. بس سمجهو تہ هن

کي ڪنهن به شيءِ جو فڪر نه هو. پر نه. هاڻ هن کي هڪ ڳالهه جو فڪر ضرور ٿي پيو هو. ۽ اهو هي ته هو پنهنجو هيڏو سون ۽ چاندي ڪٿي لڪائي؟ هي سون ۽ چاندي هن پنهنجي زال کان لڪائي رکيو هو. ان طرح هن وٽ سڀ خوشيون موجود هوندي به هن کي هڪ غم ضرور هو ۽ ان غم ۾ هو ڏينهن رات پريشان رهڻ لڳو. ڪڏهن سوچيندو هو: "هي سڄو سون ۽ چاندي ڪنهن گدام ۾ لڪائي ڇڏيان."

پر وري ڪجهه سوچي پنهنجو پاڻ کي چوندو هو:

"نه. منهنجا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون گدام ۾ وڃي سگهن ٿا. انهن کي ان ڳالهه جي خبر پئجي ويندي ته مون گدام ۾ سون ۽ چاندي لڪائي رکيو آهي. ۽ جيئن ئي هنن کي خبر پوندي ته هو چورائي ويندا!" وري پنهنجو پاڻ کي دلداري ڏئي سوچيندو هو:

"آءٌ اهڙي هنڌ تي پنهنجو سون ۽ چاندي لڪائيندس جو هنن کي خبر به نه پوندي. يلا هنن کي ڇا خبر ته مون گدام ۾ ڇا پري ڇڏيو آهي؟ هو ته فقط اهو ٿا ڄاڻن ته گدامن ۾ واپار جو سامان رکيل آهي."

اهو سوچي ٿوري دير لاءِ هو مطمئن ٿي ٿي ويو پر وري پيو اهو خيال ٿي آيس ته:

"هل سائين نوڪرن چاڪرن کي ته ڪٿي خبر نه پوندي، پر چورن تي ڪهڙو ڀروسو؟ ان جي ڇا ضمانت ته چور گدام ۾ ڪاٽ نه هڻندا؟ گدام مان سون ۽ چاندي چورائڻ ته پاڻ هنن لاءِ سولو ڪم آهي."

۽ پوءِ اهو سوچي هو پنهنجو پاڻ کي چوندو هو:

"نه نه. گدام به محفوظ نه آهن. مون کي ڪا اهڙي جاءِ ڳولڻ گهرجي جنهن جي ڪنهن بني بشر کي خبر نه پوي. فقط ان طرح منهنجو سون چاندي محفوظ رهي سگهندو."

توڪوبي انهيءَ فڪر ۾ ڏينهن رات ڳرندو رهيو. نه هن کي

رات جي ننڊ نصيب هئي ۽ نہ ڏينهن جو چين. هر وقت انهيءَ سوچ ۾ لڳو رهندو هو ۽ دل ئي دل ۾ نيون نيون تجويزون سوچيندو رهندو هو. مشڪل اهو هو تہ ان ڏس ۾ هو ڪنهن سان صلاح بہ نٿي ڪري سگهيو جو ائين ڪرڻ سان ٻئي کي معلوم ٿيڻ جو ڊپ هو. اهو ئي سبب هو جو هو پنهنجي منهن نيون نيون رٿون سوچيندو رهيو. آخر ڪيترين ئي راتين جاڳڻ بعد هن جي ذهن ۾ اوچتو هڪ عجيب رٿ آئي ۽ هو خوشيءَ وچان ٽپڻ لڳو.

”واه ! واه ! واه جي اها جاءِ آهي- ان جاءِ جي ڪنهن کي بہ خبر نہ پئجي سگهندي.“

هن جي گهر جي پويان گاهہ گوچر ۽ وڻن جو جهنگ هو. انهن وڻن ۾ ڪميلا نالي هڪ وڻ هو. هن سوچيو:

”جيڪڏهن آءٌ هن ڪميلا جي وڻ هيٺان پنهنجو سڀ سون ۽ چاندي دفن ڪري ڇڏيان تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي.“

سو نيٺ هڪ رات جيئن ئي اونده ٿي تہ توڪوبي آهستي ڪري اٿيو. پنهنجو سڀ سون ۽ چاندي کنيو ۽ ڪوڏر کڻي آهستي آهستي گهر جي پٺيان جهنگ ۾ پهتو. اتي پهچي هن ڪميلا وڻ جي پاڙ ۾ هڪ وڏي کڏ کوٽي ۽ سڄو سون ۽ چاندي ان کڏ ۾ پوري مٿان مٽي وجهي ڇڏي. پوءِ مٽيءَ کي لسو ڪري جيئن پهرين پٽ هو ائين ڪري ڇڏيو جيئن ڪنهن کي شڪ بہ نہ ٿئي. ۽ پوءِ آهستي آهستي پيرن تي هلي اچي گهران نڪتو.

توڪوبي پنهنجي ملڪيت لڪائي تہ آيو هو پر هن جي دل کي اڃان بہ سڪون نہ هو. هن کي هر وقت ڊپ لڳل هو. هو اڃان تائين پريشان هو ۽ هن کي چين نصيب نہ پئي ٿيو. هيئنر بہ هن جي راتين جي ننڊ غائب هئي ۽ هو پهرين وانگر فڪرمند هو. ان لڳاتار پريشانيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو توڪوبي بيمار ٿي پيو ۽ هن جي صحت جواب ڏئي ڇڏيو.

جڏهن توڪوبيءَ کي علاج مان فائدو نہ ٿيو تہ هن سوچيو:

”جيڪڏهن آءٌ قدرتي چشمن ۾ وهنجان ته منهنجي بيماري لهي سگهي ٿي.“

اهو خيال ايندي ئي هڪ ڏينهن هن پنهنجي هڪ خاص نوڪر کي پاڻ سان گڏ ڪنيو ۽ متسونو ياما ڏي روانو ٿي ويو. اتي پهچي هو روزانو قدرتي ڪوسن چشمن ۾ وهنجڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هن کي اتي رهندي پندرهن ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن هو دستور موجب وهنجي رهيو هو ته هن جي ڪنن ۾ هڪ آواز آيو. هن غور سان ٻڌو ته ٻاهر ڪير ڳائي رهيو هو.

”ايچي گو جي علائقي گيها ۾
تمايا وٽ ڪميلا جي وڻ ۾
آهن ٽاريون چانديءَ جون
۽ پن ۽ گل سون جا.“

جيئن توڪوبيءَ اهو راڳ ٻڌو ته هن ڪان چرڪ نڪري ويو. حيران ۽ پريشان ٿي هو پنهنجو پاڻ ئي چوڻ لڳو:

”منهنجو گهر ته هتان تمام پري آهي. پوءِ به هن شخص کي منهنجي دولت جي ڳجهه جي خبر پئجي وئي آهي. هن کي ڪيئن خبر پيئي ته ڪميلا جي وڻ هينان مون سون ۽ چاندي پوري ڇڏي آهي.“

هن پنهنجي نوڪر کي سڏائي پڇيو:

”ٻاهر هي راڳ ڪير پيو ڳائي؟“

جواب ۾ هن جي نوڪر وراڻيو:

”هڪ شخص هي راڳ تمايا خاندان جي واکاڻ ۾ ڳائي رهيو آهي. هو خوشحالي ۽ ڪاميابيءَ جي دعا ڏئي رهيو آهي.“

پر انهن لفظن سان توڪوبيءَ جو مونجهارو لهي نه سگهيو. هن ان ئي وقت جلدي جلدي تياري ڪئي ۽ نوڪر کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر ڏي موٽڻ لڳو.

توڪوبي تڪيون تڪيون وڪون ڪٽي رهيو هو. هو ان وقت به ڪيترن ئي مونجهارن ۾ ڦاٿل هو. ۽ جلدي پنهنجي گهر پهچڻ چاهيائين ٿي. ۽ پوءِ ٿيو به ائين. ڀڄندو ڊوڙندو اچي پنهنجي گهر ڪان نڪتو. جيئن ئي هو گهر پهتو ته بنا ڪنهن سان ملڻ جي سڌو گهر جي پنيان وڻ وٽ پهتو. اتي پهچي هن عجيب نظارو ڏٺو. ايتريقدر عجيب هو جو پاڻ به واٽڙو ٿي بت وانگر بيهي رهيو. ڪميلا جو وڻ چمڪي رهيو هو. هن جون ٽاريون واقعي چانديءَ جون ٿي ويون هيون ۽ پن ۽ گل سون جا. جيئن ئي توڪوبي هي سڀ ڪجهه ڏٺو ته هن جو دماغ گهوماٽجي ويو ۽ پوءِ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو.

ٿوري دير ڪان پوءِ هن جي نوڪرن ۽ ٻين ماڻهن کي هن جي خبر پيئي ته هو هن کي کڻائي آيا. پر هن جي حالت نه سڌري. ايتريقدر جو هو هر روز موت جي ويجهو ٿيندو ويو. آخر جڏهن هن جي بچڻ جي ڪابه اميد باقي نه رهي ته هن پنهنجي زال کي پاڻ وٽ گهرائي چيو:

”آءٌ توکي پهريون دفعو هڪ راز جي ڳالهه ٻڌايان ٿو. مون پنهنجي گهر جي پنيان ڪميلا جي وڻ هيٺان سون ۽ چاندي دفن ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ان ڪري انهيءَ وڻ جون ٽاريون چانديءَ جون ۽ پن ۽ گل سون جا ٿي پيا آهن.“

اها ڳالهه چئي جهڙو ئي هن ساهه ڏنو ته سندس زال ڊوڙندي ڊوڙندي ڪميلا جي وڻ وٽ پهتي. هن ڏٺو ته ڪميلا جو وڻ پنهنجي عام حالت ۾ هو يعني جهڙو اهو هوندو هو. نه هن جون ٽاريون چانديءَ جون هيون نه پن ۽ گل سون جا. هن جلدي جلدي وڻ جي پاڙ ۾ وڏي شاهي کڏ کٽي کوٽي پر اتي به هن کي ڪجهه به نه مليو. اتي ته ڪجهه به نه هو.

نيو فيلڊس جا ڇپيل شايع ٿيل ڪتاب

1. خواب خوشبو ڇوڪري (ناول)	ماهتاب محبوب	100/-
2. مليرَ کان مالمو (سفرنامو)	الطاف شيخ	90/-
3. اچن جي ملڪ ۾ اسپين ڪارا (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
4. اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
5. ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
6. سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
7. جت برف پئي ٿي جام (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
8. ٻارن جون آکاڻيون (جهان جون)	الطاف شيخ	60/-
9. مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	90/-
10. بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
11. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	65/-
12. وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
13. سي ئي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
14. سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
15. سانگهڙ (ناول)	محمد عثمان ڏيپلائي	150/-
16. الوداعي گيت	شيخ اياز	60/-
17. پنهل کان پوءِ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	80/-
18. لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	40/-
19. ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)	شيخ اياز	60/-
20. راج گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	80/-
21. جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	75/-
22. نيگرو عشق ۽ بغاوت (ناول)	ڪرسٽو فرنڪول	55/-
23. آپٽي گهوٽ نه ننڍا ٿيوئي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	80/-
24. غلامن جو ٻيڙو (ناول)	ايرڪ ڪاردر	65/-

نيو فيلڊس جا نوان شايع ٿيل ڪتاب

1. ڏسي ڏوهه اکين سين (آتم ڪٿا) جلد-I	جمال ابڙو	100/-
2. اونهي ڳالهه اسرار جي (آتم ڪٿا) جلد-II	جمال ابڙو	110/-
3. اسپارٽيڪس (ناول)	هاورڊ فاسٽ/ پرويز	150/-
4. بک (ناول)	نٽ همسن /يوسف سنڌي	50/-
5. اندر ملهه املهه	حيدر علي لغاري	100/-
6. ذات ۽ حيات (شاعري)	نارائڻ شيام	100/-
7. اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل	150/-
8. دونهاتيل راتيون ۽ رولاڪ (ناول)	غلام نبي مغل	80/-
9. حق موجود	يوسف شاهين	150/-

نسيم نگر قاسم آباد ۾ ادبي ڪتابن جو مرڪز

نيو فيلڊس ڪتاب گهر فون: 653270

اوهان جڏهن به حيدرآباد اچو ته هڪ دفعو ضرور اسان جي دڪان **نيو فيلڊس ڪتاب گهر** ايندا، جتي اوهان کي هر ادبي اداري جو ڪتاب رعايت سان ملي ويندو.

سنڌي ادارن ۾: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌي لينگويج اٿارٽي، روشني پبليڪيشن، سنڌيڪا، منصور پبلشنگ ايجنسي، سچائي اشاعت گهر، مهراڻ اڪيڊمي وغيره.

اردو ادارن ۾: فڪشن هائوس، تخليقيات، سنگ ميل، مڪتبه دانيال، گورا پبليڪيشن وغيره

نيو فيلڊس اداري جو ميمبر ٿيڻ لاءِ

ڪوبه شرط وغيره نه آهي صرف -/20 روپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلي ميمبر ٿي سگهو ٿا. ميمبر کي نيو فيلڊس جو هر شايع ٿيندڙ ڪتاب V.P ڪيو ويندو. جنهن جو اڳواٽ اطلاع پڻ ڏنو ويندو. پوسٽ مين کي پيڪيٽ تي لکيل رقم ڏئي ڪتاب وصول ڪندا. ڪتاب جي V.P وصول نه ڪرڻ جي صورت ۾ ميمبرشپ ختم ٿي ويندي. ڪابه معلومات يا ڪتابن جي لسٽ گهرائڻ لاءِ -/3 رپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلڻ ضروري آهي. گهٽ ۾ گهٽ پن ڪتابن جي آرڊر جي تڪميل ڪئي ويندي. فون: 653270

الطاف شيخ

يارن جون اڪائيون (ڪهاڻيون)

نيو فيلڊس (47)

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
> - اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)